ABC Certified

جون 2012

سال:14 • شمارو:159 • قيمت: 50 روپيا • ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# وچور:

**جهونا آثار:**
موهن جو دڙو *(ڪوجنا)* .... ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو

**ڪائنات ۽ انسان (2):**
هڪڙئي جي نظر ۾. هيوبرٽ ريوز/سليم نور حسين

**تبصرو/تجزيو/جائزو:**
لارڊ بائرن جي شاعري... شيام ڪمار
چڙيون چڙيون خواب.... شيخ عبدالحليم جوش
پنل آرسي.... مفتون ڪورائي
لطيف يونيورسٽي جو سنڌي شعبو شريف شاد سومرو

**پرڏيهي ڪهاڻي:**
ڪينارو.... رچرڊ باخ/ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**پرڏيهي شاعري:**
سيلف پورٽريٽ.... نڪولاس بارن/شميم منظر

**طبع زاد ناول:**
قالو بلا (ڇهين قسط) ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**آتم ڪٿا (قسط سورهين):**
پاتم جهاتي جهان ۾... شيام ڪمار

**پرڏيهي ناول:**
زن مريد (ارڙهين) ڪرن نگرڪار/ڊاڪٽر بدر اُجڻ

**ڪهاڻي:**
عشق جا ابابيل.... پرويز
ديڪ جي آواز ۾ غم ٽيل چيڪ... انور شيخ
حادثو... علي محمد سولنگي

**غزل/ نظم/وائي/چؤسٽا:**
سعيد ميمڻ، حنيف عاطر، شبير بروهي، مير حاجن مير، قادر سيال، امر ابڙو، شير محمد هاليپوٽو، مختيار سهتو، اياز رضوي ۽ عاجز چُٽو، امين پٽو، ذوالفقار گاڏهي ۽ هدايت ڏيپر.

**جي مارن مونڊي موڪليا:**
پڇن لعل، حفيظ باغي، سعيد سومرو، مجيب مهراڻي، انعام مراد ۽ حنيف عاطر.

## ٽچ مي پليز...

ادب ئي اڪيلو ايليمينٽ آهي، جنهن مهڙ ڪان ئي انساني عقيدن، عملن، ڪيفيتن ۽ حالتن جي ترجماني پئي ڪئي آهي. زندگيءَ جي پيچدار ۽ ڇاگري ٻير جي ڪنڊن سان پرپور راهن تي هلڻ لاءِ فرد کي حوصلو، سگهه ۽ روشني پئي ڏني آهي.

ويهين صديءَ ۾ انسان کي هر نوعيت جي ويڙهاند سان مهاڏو اٽڪائڻو پيو. پر ادب هر وک ۽ هر موڙ تي انسان لاءِ روشنيءَ جو اهتمام ڪيو.

ڦيٿو، بجلي ۽ ٻاڦ جي ايجاد کان ويندي جوهري توانائيءَ جي دريافت تائين، دنيا اوسر جا ڪيئي ڏاڪا ۽ مرحلا اڪريا. پريس جو قائم ٿيڻ پڻ هڪ اهڙي منزل هئي جنهن علم کي هٿي وٺرائڻ ۾ واهر ڪئي. ۽ ادبي تخيلات کي عام ڪيو. ۽ ويهين صديءَ سائنس ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب لاءِ رستو هموار ڪيو. ميڊيا جي وسعت کي عالمگير سطحن تائين رسايو. مشيني ۽ سائنسي ايجادن، انساني فڪر ۽ سرت کي متاثر ڪيو. جنهن سان انسان جي مادي آسائشن ۾ واڌارو آيو. صحت، ڪاڌ خوراڪ، اطلاع رساني ۽ انسان جي مادي زندگيءَ سان لاڳاپيل سمورن شعبن ۾ انقلابي تبديليون آيون. هڪ پاسي ڪمپيوٽر، انساني ذهن ۽ حافظي جا مرحلا طئہ ڪيا تہ ٻي پاسي جينيٽڪ انجنيئرنگ جي علم، تخليق جي سربستہ رازن کي وائکو ڪيو. ۽ ان مان نوان نوان ڪم نڪري رهيا آهن. ۽ انهيءَ عمل سان دنيا، ويهين صديءَ ۾ عالمگير ڳوٺ جو درجو ماڻيو. ۽ اهو ڳوٺڙو شايد ايڪويهين صديءَ ۾ انساني سماجن لاءِ بهتر ڪارج جو ڪارڻ بڻجي. اهو عالمگير ڳوٺڙو برقياتي سرشتي ڪانسواءِ وک وک تي جيڪي سنهنجايون فراهم ڪري رهيو آهي اهو سياويڪ آهن. ۽ سياڻي موجوده سرشتي ۾ نين نين ڪوجنائن جا نت نوان وسيلا ۽ سوين صورتون آڏو آڻي زندگي کي نئون رخ ڏيندو. اهو سڀ ڪجهہ ڌرتي تائين ئي محدود ناهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي اوسر پولار تائين پهچي چڪي آهي. دنيا نہ رڳو چنڊ تي پير ڌريا. پر وکون ٻين سيارن تي پهچڻ لاءِ بہ آتيون ۽ تحرڪ ۾ آهن. انساني هٿن جي تخليق، مصنوعي سيارا پولار ۾ گردش ڪري رهيا آهن. زمين جي تهن جي ڄاڻ تہ ويهين صديءَ ۾ ئي وڏو اوج ماڻيو. پر ان سان گڏوگڏ اونهي سمونڊن جي وسيع ذريعن کي واهپي ۾ آڻڻ جا جيڪي نوان امڪان آهن، هلندڙ صدي انهن کي بہ انساني سک لاءِ آڏو آڻيندي.

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي سوڀ جو شاندار سلسلو جاري آهي. اهڙي سوڀ جي پويان جيڪو خاڪو يا تخيل جڙيو ان جو تصور سڀ کان پهريائين ادبي فڪر ئي ڏنو. سائنس بعد ۾ ان جي وسيلن کي تلاش ڪري تجزئي ۽ تجربي هيٺ آندو. سمورين سائنسي ترقين، انسان جي ظاهر ۽ باطلن تي جيڪي اثر مرتب ڪيا، انهن جو سبب ۽ بنياد پڻ ادبي تصورات آهن. ادبي سرت، انسان کي فطرت کي فتح ڪرڻ جو گس ۽ حوصلو ڏنو. ۽ ادب ئي اڪيلو ايليمينٽ آهي جنهن مهڙ ۾ ئي انساني بهتري جو تصور پيش ڪيو ۽ اهو سلسلو رڪيو ناهي. ادب ئي واحد ذريعو آهي جيڪو انساني شعور کي نون نون تصورات سان روشناس ڪرائي ٿو.

**تاج بلوچ**

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

**مئينيجنگ ايڊيٽر:** فراز بلوچ
**ايڊيٽر:** تاج بلوچ
**سب ايڊيٽر:** فهيم سولنگي
**آرٽ ايڊيٽر:** حامد ڪبيري

**آفيس ائڊريس:**
بنگلونمبر 177 گل هائوسز بلاڪ 7
گلستان جوهر، ڪراچي.
فون: 5-021-34019264

**آفيس ايڊريس:**
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.

**خريداريءَ جا اگهہ:**
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

# موئن جو دڙو-
## اصلي شهر جي ڳولا



ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو

سچاين کي سمجهڻ ۽ حقائق کي پرکڻ لاءِ تاريخ جو مطالعو تمام ضرور آهي. مؤرخ يا محقق ڪوشش ڪري گذريل زماني جي انهن لڪل ۽ گمنام گوشن تي روشني وجهن ٿا. ايئن ڪري جڻ ته هو گذريل زماني جي تاريخي پهلوئن جو نئين سر ڍانچو جوڙين ٿا. تواريخ ته اڳ ۾ ئي موجود هوندي آهي، حالات پنهنجي ڪاروائي ڪري چڪا هوندا آهن. پر انهن جي سچي پچي جاڻ ۽ حالتن جي آگاهي عوام کي ڪونه هوندي آهي. اهو هڪ نقاد، محقق ۽ مؤرخ جو ڪم آهي ته انهن حقائق، سچاين ۽ ڪنڊرات کي کولي، انهن مان ڪرڪٽا، ڪوڙ موتي ۽ مٽياڌار ڪري، گذريل زماني جي تيار ٿيل عمارت ۾ پيل جهول ۽ قائم ڪيل تصور کي تبديل ڪري، اها تبديلي، شعور جي جهنجهوڙ ۽ نئين سوچ ئي تاريخ سازي آهي.

موئن جي دڙي جي سيپتا تي ڪيترائي ڪتاب ۽ ليک لکيا ويا آهن. عاليشان تهذيب جي سرسي لاءِ هر ڪنهن ليک وسان ڪين گهٽايو آهي. اهائي حقيقت جي ڳولا ۽ تاريخ سازي لاءِ نيون راهون ۾ نوان رستا هموار ڪري ٿي.

اڄ ڪلهه موهن جي دڙي جي حوالي سان اتان لڌل ٺڪرين ۽ ٻئي سامان جي چوري ۽ دڙي جي سار سنڀال لاءِ موجوده حڪومت وٽ نئين سر بحث ڇڙيو آهي. اسين به چاهيون ٿا ته هن ليک ذريعي موئن جي دڙي جي لڪين مڻ مٽي هيٺيان دفن ٿيل پراڻي شهر جي نالي کي ڳوليون.

اسان کي سنڌو جي وڏائي، واڪاڻ ۽ شانائتي سيپتا متعلق جاڻ موئن جي دڙي جي کوٽائي بعد ٿي. ڪنهن کي خبر ڪونه هئي ته سنڌو جي هي ڌرتي نهايت سونهن ۽ مرتبي وارن تهذيب کي پنهنجي سيني ۾ لڪايو ويني آهي. اها جاڻ تڏهن پئي جڏهن پهريون ڀيرو 1853ع پنجاب جي علائقي ۾ ڪي مهرون لڌيون جنهن جون تصويرون 1875ع ۾ شايع ڪيون ويون. دراصل 1850ع ۾ جڏهن ڪراچي کان لاهور تائين ڪيون ويون. دراصل 1850ع ۾ جڏهن ڪراچي کان لاهور تائين (اين. ڊبليو. آر) نارٿ ويسٽرن ريلوي لائين وڇائڻ جو ڪم شروع ٿيو ته اهڙو معلوماتي مواد هڪ انگريز، آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ گهر اڏائڻ جي ڪم تي مامور هو، تنهن پنهنجي ياداشت نامي ۾ ڏنو آهي. اهو هو مسٽر جان برونٽن جنهن پنهنجي ڀاءُ وليم برونٽن ڏانهن خط ذريعي اهو احوال اماڻيو هو ۽ جنهن ۾ هن ڄاڻايو هو ته هتي ڪوٽائي ڪندي ڪنهن آڳاٽي تهذيب جا آثار مليا آهن.

1921ع ۾ راءِ بهادر ديارام شاني جي سرڪردگي ۾، سنڌ جي آثارِ قديمه جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو ويو. 1922ع ۾ موئن جي دڙي تي قائم اسٽوپا جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪرايو، جيڪو 1927ع تائين جاري رهيو. بعد ۾ ڊاڪٽر اين. جي. ايچ ميڪي 1930ع تائين انهي ڪم کي جاري رکيو. انهي تحقيقي ٽيم ۾ ٻيا لوڪل توڙي ڌاريا عالم به شريڪ ڪار رهيا جنهن ۾ محمد ادريس صديقي، مسٽر سدني سمٿ ۽ مجمدار جا نالا اهم آهن.

انگريز سرڪار مقامي اهلڪارن جي مدد ۽ مشوري سان انهي سنڌي سيپتا جي يادگار دڙي جو نالو "موئن" رکيو. ان جو سبب شايد اهو هجي ته اتي ڪوٽائي دوران ڪيترن ئي مئلن (ماڻهن) جا هڏا مليا هئا.

هن وقت تائين ٿيل تحقيق جي روشني ۾ ان سچي، روشن ۽ تابناڪ تهذيب کي "موئن جو دڙو" سڏي جڻ ته ان جي اهميت کي گهٽايو ويو ٿو. تنهن ڪري تواريخي حقائق سامهون رکي اسان جيڪڏهن نئين سِر ان ماڳ مڪان جي نالي ۽ نشان کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ته اها نه صرف تاريخ ۽ تحقيق جي شاگردن لاءِ نئين ڪوجنا جو مواد مهيا ڪندي بلڪ سچائي تائين پهچڻ لاءِ آثار قديمه سان دلچسپي رکندڙن لاءِ وڌيڪ مواد ۽ معلومات به مهيا ٿيندو. انهي پسمنظر ۾ هيٺ اسين ڪجهه حقائق بيان ڪنداسين.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو، "چانڊڪو يا لاڙڪاڻو گهڻو جهونو نه آهي، پن سون ورهين جو مس آهي. لاڙڪاڻو نالو لاڙڪ قوم جي ماڻهن کان پيو آهي."

لاڙڪاڻي جي تهذيبي ۽ تمدني ڪمال کي ڪيترن ئي ملڪن جي واپارين، دانشورن ۽ شاعرن بيان ڪيو آهي، حاجي خان چنجڻ هڪ ڪافي ۾ چيو:

**هجيئي ناٺو ته گهر لاڙڪاڻو،**
**نه ته وٽ ويڳاڻو.**

ٻئي شاعر لاڙڪاڻي جي هن طرح تعريف ڪئي آهي:

**هو قوم لاڙڪن جو هتي قديم ٺاڻو،**
**ٿيو پوءِ نام هن تي، لاڙڪ تان**
**لاڙڪاڻو.**

مرزا قليچ ۽ انهن شاعرن جي خيال موجب لاڙڪاڻو شهر لاڙڪ قوم جي نسبت سان سڏيو وڃي ٿو.

انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو، لاڙڪاڻي وارو علائقو نهايت سرسبز شاداب هو. گمان غالب آهي ته موئن جي دڙي وارو شهر سرزمين سنڌ جي مرڪزي ۽ گادي وارو هنڌ هوندو. ان کان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ کان پنج هزار سال اڳ لاڙڪاڻي ضلعي واري علائقي کي وڏي اهميت حاصل هئي. هينري پاٽنجر ڪتاب "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر" ۾ لاڙڪاڻي جي آڳاٽي حيثيت متعلق لکي ٿو: "مون، لارخانو (Larkhanu) جي بنياد ڳولڻ جون ڏاڍيون ٻي مقصد ڪوششون ڪيون آهن ته جيئن ان کي ڪنهن سابق شهر سان شناخت ڪري سگهان."

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ "لاڙ" جي معنيٰ آهي وات ان وهندڙ "گگ" ۽ "خانو" جديد فارسي ٻوليءَ ۾ گهر يا جاءِ جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن اسين پهرين لفظ کي اصطلاحي طور درياءُ مان نڪرندڙ 'گپ' يا 'لٽ' سان لاڳو ڪريون ته ان طرح سان اسان هڪ مقامي حقيقت کي طئي ڪري وجهنداسين. چاڪاڻ جو مقامي ماڻهو پاسن وارن علائقن جي زمينن کي انهي 'گپ' يا 'لٽ' جو پاڻ ڏيندا آهن.

مانواري پاٽنجر جي لاڙڪاڻي متعلق اها راءِ بلڪل نئين ۽ سوچ جي دعوت ڏي ٿي ته ڪٿي انهي نالي يعني "لارخانه" جون پاڙون ڪنهن آڳاٽي تهذيب سا ڳنڍيل ته ڪين آهن. انهي سوچ جي حوالي سان اسان جي آڏو هڪ ٻئي قديم آثارن جي ماهر جي راءِ سامهون اچي ٿي، اُهو آهي دهلي جي سينٽ اسٽيفنس ڪاليج جو اڳوڻو سنسڪرت ٻوليءَ جو پروفيسر ۽ ودوان لڪميڌر شاستري جنهن، ڪي سال ٿيا جو سنڌو سيپتا جي گهري ڪوجنا ڪئي هئي ۽ اهو طئي ڪيو هئائين ته موئن جي دڙي واري زماني يعني عيسوي سن کان اٽڪل پنج هزار ورهيه اڳي

سنڌ جي گادي جو هنڌ هاڻوڪو لاڙڪاڻو شهر ئي هيو. ٺٽو وغيره شهر بہ هئا پر خاص طور لاڙڪاڻي شهر جا تهذيبي رابطا ٻين ملڪن سان بہ هئا.“

مانواري ايم. ايچ پنهور جي ريوٽ موجب ”سنڌ جا شهر 1650 ق.م تائين سلامت هئا، چاڪاڻ جو سنڌ ۾ زمين درياءَ جي پاڻي جي سطح کان هيٺ آهي. انهي هوندي بہ 17هين صدي ق.م جي وچ ڌاري سنڌوءَ درياءَ پنهنجو وهڪرو وچ سنڌ مان ڦيرايو ۽ اوير يا اولهہ پاسي گهڻو پري وهڻ لڳو، جنهن جي ڪري آبپاشي جو سمورو سرشتو ٺپ ٿي پيو. ان ڪري زرعي معيشت تباھ ۽ برباد ٿي ويئي. نتيجي ۾ 1650 ق.م ڌاري سنڌ جي شهرن ۾ مايوسي پکڙجي ويئي ۽ ماڻهو وري مال چارڻ لڳا.“

ڪي همت ڀريا سنڌي جوان نقل مڪاني ڪري ميسوپوٽيميا ڏانهن هليا ويا. سنڌ جا ڪي ننڍا ڳوٺ ۽ شهر آباد هئا. پر عظيم راڄڌاني ”موئن جو دڙو“ جلد ئي ٿي غير آباد ٿي ويو. ماڻهن کان ابتدائي لکڻ پڙهڻ بہ وسري ويو.

انهي وقت سنڌي ماڻهن لاڙڪاڻي يا موئن جي دڙي کان ميسوپوٽيميا ڏانهن نقل مڪاني جي تصديق انهي حقيقت مان بہ ملي ٿي جو لاڙڪاڻي سان مشابهت رکندڙ نالي وارو هڪ ٻيو شهر ميسوپوٽيميا ۾ لڌو اٿن. هاڻوڪو نالو ”لاڙڪاڻو“ آڳاٽو نالو ”لاڙخانو“ ايامن کان لفظن جي مٽاسٽا ڪري ٿيو هو. ”لاڙڪانا“ جنهن مان پوءِ ”ن“ گم ٿي ويو ۽ ٿيو ”لاڙڪا“ ۽ پوءِ ”لاڙڪ“ اهري طرح ”لاڙڪانہ“ جو لاڳاپو ان لفظ جي پراڻي صورت ”لاڪرانا“ سان ڏيکاري ٿو سگهجي.

ڪڇ علائقي جي مشهور مندر جو نالو آهي ”لاک لهراني“ جيڪو پڻ انهي ”لاڪرانا“ لفظ جي يادگيري ڏياري ٿو. ياد رهي تہ اڳوڻي وڏي سنڌ جو ڪڇ وارو علائقو بہ حصو هوندو هو. ”لاک لاڪراني“ اصلوڪو نالو آهي. لاڪرانا ۽ لهرانا نالن ۾ فقط ”ھ“ اچار جي بدل سدل آهي.

ٻوليءَ جو ڄاڻوڪار هيس. صاحب چوي ٿو تہ ”لاڪرانا“ لفظ ”ھ“ ۽ ”ر“ کان سواءِ آڳاٽي لفظ ”لاڪورين“ جيڪو ان وقت بهترين اُچار ڪري مجيو ٿي ويو، تنهن سان ملي ٿو. تمام پراڻن نقشن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو آڳاٽو لفظ ”لاڪورين“ ”لاڪورا“ جي صورت ٿو وٺي جنهن جي شاهدي چيني سياح بہ ڏين ٿا، جيڪي ان نالي کي ”لاڪارا“ يا نڪ واري آواز ”لانڪارا“ سان اُچاريندا هئا. ان بحث کان پوءِ اهو لفظ هن طرح بيهندو:

لاڪورا، لاڪورا
(نڪ واري آواز سان) لاڪورين ۽ لاڪورين
لاڪرنا، لاڙڪ، لاڙنڪ، لاڙڪ ۽ لاڙڪانا
اها هڪ ٽولي واري مجموعي تبديلي آهي.
لفظ ”لاڪورا“ جي سمجهاڻي هيئن ٿيندي:
لاک ”اوڙ“، ”اُر“ يا ”اور“ پڇاڙي، suffix ڏکڻ

هند جي دراوڙ ٻولين جي لفظن جي سجاوٽ ”پر“ معنيٰ ۾ آهي. جيئن اسان وٽ ”پور“ آهي. جيئن: خيرپور، ميرپور، شڪارپور ۽ اهڙي طرح تيلگو ٻولين ۾ ”اُر“ يا ”اور“ وارا شهر لاڪور، پنيور، ڪشمور وغيره.

ڪن دانشورن ۽ ڄاڻوڪارن جو چوڻ آهي تہ ”لاک“ لفظ ۽ ”ڪشمور“ لفظ ڪاش-ڪشم لفظ دراوڙ ٻولين جي نسل مان شايد نڪتل هجي.

سنسڪرت ادب ۾ ’لاڪولي‘ نالي هڪ سنت جو نالو ملي ٿو جيڪو ”لاڪوري“ شهر جو وڏو سنت (patron sain) هو. اهو شهر انهي سنت جي نالي سان مناسبت رکندڙ نظر اچي ٿو. سنسڪرت جو ”ر“ ”ل“ ۾ ائين بدلبو آهي جيئن ”س“ ”ھ“ ۾ بدلبو آهي. شايد ائين هجي تہ سنسڪرت جي امرڪوش ۾ جو ”تڪش پورا“ لفظ ڄاڻايل آهي سو ساڳيئي دراوڙ نالي ”لاڪور“ لفظ جو سنسڪرت روپ هجي. اهو بہ يقين جهڙو گمان ڪيو وڃي ٿو تہ ”لاڪور“، ”لاڪور“ ۽ هاڻوڪي ”لاهور“ لفظ بہ پاڻ ۾ ملي ٿا اچن. قديم ڀارت ۾ اتر کان ڏکڻ تائين ”لڪ“ لفظ هر هنڌ عام طور مروج هو. ”لڪ ديو“ ٻيٽ ۾ ڏکڻ لنڪا يا نڪ واري آواز کانسواءِ لڪا“ لفظ بہ ساڳيا آهن. اهو بہ گمان غالب آهي تہ لڪ يا لڪا (لنڪ يا لنڪا) لفظ دراوڙي دور کان بہ اڳ جو آهي ۽ آسٽرو ايشيائي ايڪن وارين ٻولين ۾ بہ اچي ٿو وڃي.

پروفيسر لکميڊر جي خيال موجب ”چاڪاڻ جو سنڌ جي شهر لاڙڪانہ“ کان گهڻن ماڻهن جو انگ اتر الهندي جي سامونڊي سياحت جي شوقين هندوستان جي مدد سان لڏي، سنڌ جي ڀر واري ملڪ ميسوپوٽيميا ۾ وڃي رهيو ۽ اتي بہ پنهنجي ديس جي نالي پٺيان نئين شهر جو نالو اتان جي اُچار موجب ”لاڙنڪا“ رکيائون. پوءِ اُهو ”لاڙڪ“ جي نالي سان مشهور ٿيو.

اسيرين تهذيب وارن جو چوڻ آهي تہ ”سنڌي لاڙڪاڻومي“ ميسوپوٽيميا ۾ دجلس درياءَ جي ڪپ تي جيڪو شهر اڏيو، اهو ”لاڙنڪا“ جي نالي سان سڏيو ويو. اڳتي هلي اهو شهر اسيرين بادشاهن جو فوجي بندر ٿيو. ممڪن آهي تہ ”لاڙنڪا“ شهر پنهنجي فوجي حيثيت جي ڪري ڪيترن ئي سنڌي ۽ هندي جوانن کي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪئي هجي ۽ سنڌي لاڙڪاڻوي جوان فوجي سکيا لاءِ اوڏانهن ويا هجن.

”لاڙنڪا“ اڳتي هلي اُچارن جي مٽاسٽا ڪري ”لنڪارا“ ٿي پيو هجي. اهو نہ صرف فوجي بيٺڪ طور مشهور ٿيو پر سنڌي ماڻهن جي واپاري ۽ تهذيبي طائفن جي اچ وڃ ڪري، مصر، عرب، شام ۽ يونان سان بہ ان جا لاڳاپا وڌيا هجن. اهوئي سبب هو جو سميرن سڀيتا جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو ڏيکاريو ويو آهي.

مرزا قليچ بيگ ۽ ڪجهہ شاعرن ۽ عالمن لاڙڪاڻي کي ”لاڙڪ“ قوم جو مسڪن سمجهيو ۽ هن شهر کي اٽڪل بہ سؤ (200) سال پراڻو ڄاڻايو. پر جيڪا ڳالھ مانواري هينري پاٽنجر ڪئي سا بہ وڏي اهميت واري آهي. هن جو خيال آهي تہ هن شهر کي درياءَ جي ڪپ تي اڏيل هجڻ ۽ اتان نڪرندڙ ڳپ ۽ لٽ جي نسبت سان هن شهر کي ”لارخانو“ سڏيو ويو ۽ پروفيسر لکميڊر شاستري جي تحقيق مان بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ”مئن جو دڙو“ هڪ فرضي نالو آهي جيڪو ان وقت جي تحقيق موجب مٽس مقرر ڪيو ويو. پر اصل ۾ اهو شهر ”لارخانو“ يا ”لنڪارو“ هو جيڪو سنڌوءَ جي ڪپ تي اڏيل هو. پراڻي شهر جي نسبت سان پوري پر ڳڻي کي لارخانو، لارڪانو ۽ پوءِ لاڙڪانو ڪوٺيو ويو ۽ اتي رهندڙ ماڻهو پاڻ کي پهريون ”لارخ“ پوءِ ”لارڪ“ ۽ آخر ۾ ”لاڙڪ“ سڏيو.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌي سڀيتا جو اهو اوج 8000 ق.م ۾ مهر ڳڙهہ جي تهذيب کان شروع ٿيو هو ۽ 9000 ق.م ۾ ختم ٿي ويو. ❶ ان تهذيبي خاتمي جو سبب اڻڄاڻائي ۾ قدرتي آفتن ۽ فري تبديلين بجاءِ آرين جي حملن کي سمجهيو ويو. اها ڳالھ وثوق سان چئي نٿي سگهجي تہ آريا حقيقت ۾ سنڌو سڀيتا جا اصل باشندا هئا يا حملي آور، طاقتور ڦورو هئا.

اهو درست بہ آهي جو اسين پنهنجي تاريخ جي گمنام ماڳ کي منطقي طور نالو ڏيڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهيون جنهن جي هزارن ورهين جي عاليشان سڀيتا هر مؤرخ ۽ محقق ڏانهن انهي ڪري واجهائي رهي هئي جو ڪيس پراون تہ مُردن، مئلن (dead) جو شهر سڏيو پر پنهنجا بہ اصل نالي کي وساري ويٺا ۽ ڪڏهن بہ انهي شهر جي نالي جي ڳولا ڪونہ ڪيائون.

موجوده بحث جو نتيجو اهو نڪتو تہ لاڙڪاڻو ئي موئن يا موهن جي دڙي واري شهر جو اصلوڪو نالو آهي ۽ انهي نالي پٺيان هڪ شهر برباد ٿيڻ بعد ٻيو آباد ٿيندو رهيو. آخر وڏي بربادي بعد ماڻهن موجوده لاڙڪاڻي شهر جو بنياد وڌو، جيڪو ڪنڊرات يعني آثار قديمہ ۽ درياءَ کان اٽڪل 30 ڪلوميٽر اورتي اڏيل آهي. ■

---

❶ ساڳي دور سان واسطو رکندڙ هڪ ٻيو شهر ”نظام جي ترڙي“ آهي جيڪو ’مهر ڳڙهہ‘ کان اٽڪل 200 ڪلوميٽر پري انهي شاهراه تي آباد هو جنهن تان بولان لڪ کان ايندڙ ويندڙ ثقافتي ۽ واپاري قافلا گذرندا هئا ۽ اها شاهراھ شڪارپور وٽان ٻن حصن ۾ ورهائبي هئي. هڪ شاهي رستو ڳوٺ ماڙيءَ کان ٿيندو اروڙ تائين ويندو هو ۽ ٻيو ماهوٽا، ڏامراھ کان ٿيندو موهن جو دڙو ۽ پوءِ ديبل تائين ويندو هو.

نظام جي ترڙي وارو شهر موجوده جيڪب آباد شهر جي اتر ۾ اڍائي ڪلوميٽر پري آهي. انهي دڙي جي وچ تي 60 فوٽ ڪن مٽي استوپا جا آثار ثابت ڪن ٿا تہ هي شهر بہ موهن جي دڙي (موئن جي دڙي) واري ٻوڌي دور سان واسطو رکندڙ هو. ترڙي جي لڳ ٿي وڏا درياهي گهارا بہ موجود هئا جيڪي 100 فوٽ ويڪرا ۽ فرلانگ ڪن ڊگها هئا ۽ اهي گهارا اولهہ کان ڏکڻ ڏانهن وهندا هئا. هاڻي اتي زمين ٿار ڪري آبادي ڪئي وڃي ٿي. هن شهر جا ڪنڊرات 84 ايڪڙن ۾ پکڙيل آهن.

# ڪائنات انسان جي نظر ۾



هيوبرٽ ريوز/سليم نور حسين

**هڪ نئين نهار جو ڪاڪو يا پيهر ليڪ:**

هاڻ اسين پاڻواري اِتهاس جي ٽين ڀاڱي ڏانهن ايندي ڪي نوان وصف پيش ڪيون ٿا، جيڪي دنيا تي هڪ نئين نهار (vision) جو ڏيکاءُ ڏين ٿا. انهي نِهار ۾ انسان ڪائنات اندر اوپرو نٿو رهي. بلڪه هو جاڻ پرائي ٿو ته هو هِتان جوئي آهي، ته هو هڪ اهڙي ڏگهي ڪهاڻيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي، جنهن ۾ تارا، ڪهڪشائون ۽ سموري ڪائنات پڻ شريڪ آهن. عجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته اها نئين نهار تن ئي سائنسي حقيقتن جي وري ڪيل اپياس ۽ وري ڪيل اوک ڊوک منجهان اُڀري ٿي، جن پراچين جي ڳالهه ٻولهه کي وڏا موتمار ڌڪ هنيا هئا.

مختلف سائنسون ڳچ مُدو پاڻ ۾ ڪنهن لهه وچڙ ۾ اچڻ جي ڪوشش ۽ ڏي وٺ ڪانسواءِ پنهنجي پنهنجي ڏار وات تي اڳتي وڌنديون رهيون. اهي علم پنهنجن دائرن کي وسيع ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي ڪنين مان ڪا ڪلهي گس جي بدران، جيئن پوءِ تيئن پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن شاخ ۾ مهارت حاصل (Specialize)، پنهنجا دائرا سوڙها ۽ پنهنجو ڌيان جيئن پوءِ تيئن ننڍيون ٿينديون ايراضين تي مرڪوز ڪندا ويا. ٿنڊڻ جي ماهر وٽ پنهنجي ساٿيءَ ڪوريئڙي جي ماهر توڙي ٻرندڙ جبلن جي اپياس ڪندڙ (Valconolgise)، گرميءَ ۽ توانائيءَ يا سگهه جي ٻين قسمن جي اپياس ڪندڙ (thermodynamic) ماهرن کي چوڻ لاءِ ڪُجهه ڪونه هو. جارج برنارڊشا ائين چئي صورتحال جو تَتُ ڪيو ته انساني مامرن کي مذهبي اعتقادن جي بدران دليل (reason) مان نبيرڻ وڌيڪ اهم سمجهندڙ ماڻهو (humanist) جيڪو "سيڪجهه بابت وري ڪجهه ڄاڻي ٿو" تنهن جي ڀيٽ ۾ سائنسي ماهر "ڪجهه به نه بابت سيڪجهه ڄاڻي ٿو."

رڳو ويهين صديءَ ۾ اچي اهو ٿيو ته ڄاڻ جي ڪئي ٽيڙهي نتيجي ۾ سائنسدانن پنهنجيون پرديون لاهڻ شروع ڪيون. هنن اهو ڪجهه وري لڌو جيڪو پنهنجي اُتساهه ۾ اگتار ڪري ڇڏيو هئائون: سندن مشترڪ وٽ/ مقصد ڪائنات آهي، جنهن ۾ سائنس جو سرجيندڙ انسان رهي ٿو.

**اتهاس جو ناچ:**

سائنس جي گوناگون شاخن کي چڱيءَ پر هڪٻئي جي پاسي ۾ رکيو وڃي ته ڄاڻ جي هڪ اپار ڦلڪاري ٺهي پوندي. جيئن ڪنهن پائنلسٽ (poinlist) چتر ۾ رنگ جا ٽبڪا (dabs) ڪنهن خاص مفاصلي کان ڏسڻ سان شڪل ۽ معنيٰ اختيار ڪري ويندا آهن. تيئن ڄاڻ جي ڦلڪاري پڻ سائنس کوجنا جي نتيجن کي اونهاري، معنيٰ ۽ ڏسا (perspective) بخشي ٿي.

ڪائنات جو اتهاس اهو مرڪزي مضمون آهي، جنهن جي چوڌاري ڄاڻ جون مختلف شاخون پاڻ ۾ سني کان سني نموني ۾ هم آهنگ ٿي سگهن ٿيون. ڪئين صديون حقيقت جو اپياس اُن کي دائمي ۽ لازمي طرح اڻ ڦرندڙ سمجهندي ڪندا رهيا. تارن جا قانون، ائٽم جا قانون. پوءِ هوريان هوريان اتهاسي پهلو سائنس جي ميدان ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجو اثر ويهارڻ لڳو. ان جي شروعات ڌرڄاڻ (geology) ۽ زمين جي اونهين تهَن جي چڪاس سان ٿيو. لکين ورهن کان پوريل جانورن جا هڏاوان پڃرا لڌا ويا، جن جو تن نسلن سان ڪائي مشابهت نه هئي، جن کان اڄ اسين واقف آهيون. انهن تفاوتن جا سبب معلوم ڪرڻ جي پراسيس ۾ جيوت ڄاڻ جو واسطو اُسراڻ واري نظريئي جي شڪل ۾ اتهاس سان پيو. جانورن ۽ ٻوٽن جهڙا ساهوارا چار ارب ورهيه اڳ موجود پراچين گهرڙن منجهان اُسريا آهن.

تارا ڄاڻ، ڪيميا ڄاڻ ۽ ڄاڻ انهي ڳولي لڌل حقيقت سان اتهاس جي ناچ ۾ شامل ٿيا ته ائٽم ۽ تارا سدا موجود نه رهيا آهن. تارا پولا ۾ تارائي (intersteller) ڪڪرن منجهه جمن ٿا. ائٽم ڪشش (gravitational) بجليائي، مقناطيسي (electromagnetive) ۽ نيوڪليئر قوتن جي سازگار ميلاپ جي مهربانيءَ سان جمن ٿا.

ڪائنات ڄاڻ (cosmology) اتهاسي نهار کي سموريءَ ڪائنات تائين وڌايو. نه رڳو ڪائنات جا رهواسي مٽ سٽ وسيع آهن، بلڪه ڪائنات جو ماڳهين جوڙجڪ به لاڳيتي اُسراڻ ۾ آهي.

پندرهين ارب ورهيه اڳ سموري ڪائنات مونجهارو ۽ وڳوڙ واري حالت (chaos) ۾ هُئي: اپار گرمي پَدَ، گهاٽائي (density) ۽ بي ترتيبي. ان منجهه ڪو هڪڙو به جوڙجڪ يا منظم سرشتو ڪونه هو. تڏهن نه ته تارا هئا نه ڪهڪشائون، ويندي اٽا (molecule)، ائٽم ۽ ائٽمي وِچ (nuclei) به ڪونه هئا. تنهن ڏاڻي ڪائنات آدي جُزن جو هڪ ڪره ۽ ساڳي گرمي پَدَ وارو دمپچت هئي. آدي جُزا جن کي اڄوڪا طبي ڄاڻ رکندڙ اليڪٽران، فوٽان، ڪُئارڪ، نيوٽرينو ۽ ڪئين ٻيا ڏاري جُزا ڪري سڃاڻن ٿا ۽ جيڪي هاڻوڪن، راڪاس جهڙين رفتار وڌائيندڙ ڪَلن (accelerators) ۾ واسو ڪن ٿا.

**ڄاڻ جي ڦلڪاري:**

هاڻوڪيون سائنسون اسانکي ڄاڻ ڪرائن ٿيون ته مادي پاڻ کي تڏهن ڪيئن هوريان هوريان ۽ ڏاڪي ٻڏاڪي منظم ڪيو، جڏهن ڪائنات جي ڦهلجڻ سبب ڪائناتي گرمي پد ۾ لاڳيتي گهٽتائي ايندي وئي تان جو اهو گوناگون قدرتي قوتن جي سرگرم ٿيڻ جيترو گهٽ ٿي ويو.

تارا-ڄاڻ اسانکي ٻُڌائي ٿي ته ڪهڪشائون ۽ تارا پراچين دُمپخت تي ڪشش واري قوت جي اثر پيدا ڪيا.

طبعي- ڄاڻ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ته تارن جي تجليدار پيٽي ۾ اوائڪي جُزا پاڻ ۾ ڳنڍجڻ ۽ ائٽمي وچ سرجڻ جو ڳا ٿيا.

ڪيميا، تن وڪن جي ورچوڙ ڪري ٿي جن مرندڙ تارن طرفان نيڪال ڪيل نيوڪليائن ۽ اليڪٽرانن گرهن جي وچواري پولار اندر پاڻ ۾ مِلي ائٽم، اٽا ۽ دُز جا ڪٽا جوڙيا.

ڪشش وري ميدان ۾ اچي دَز جي انهن ننڍڙن ڪٽن کي گڏ ڪيو ۽ ڪين پاڻ ۾ سٽي نهرا گرهه جوڙيا. انهن واقعن کي جن جي اڄا تائين پُوري تشريح نه ٿي سگهي، تن جي اپياس کي گرهه- ڄاڻ (planetology) چيو وڃي ٿو.

ڪِن گرهن ۾ آبهوا ۽ سمنڊ هُئا، جن منجهه حيرت- ڪيميا (biochemistry) ڌرتي- ڄاڻ (geology) جي ساٿ سان، پهرين ساهوارن گهرڙن جي جڙت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

**تاج بلوچ** جي ٻن ڪتابن ’چڙيون چڙيون خواب‘ ۽ ’گريف اِن ٽئٽرس‘ جي ملڻ جو هنڌ







**ٿامس اينڊ ٿامس صدر ڪراچي**
**۽ رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو**

اتي جيوت-ڄاڻ، پنڊ-پهڻن جي اڀياس واري ڄاڻ (paleontology) سان گڏجي، جانورن واري شجري جي پاڙن کان اڳتي وڌيڪ سُڌريل جيوڌارين ۽ انسان جهڙي مخلوق (hominoid) ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

انساني وهنوار، سائنسي سرگرميءَ جي اڳيرائيءَ سوڌو، اڀياس جو اهو ميدان آهي، جنهن کي اسين نفسيات (Psychology) سڏيون ٿا.

اهڙيءَ ريت سائنسدان، بنيادي طرح اڻ ڦرندڙ دنيا جي مشاهدي جي بدران، هوريان هوريان فطرت جو اتساهيندڙ ٻڌجي وڃي ٿو ته کيس احساس ٿئي ٿو ته هو انسانذات جي آتم ڪهاڻي لکي رهيو آهي.

اتهاس جي انهن دورن مان هر هڪ ۾ ڪليدي ويچار (key concept) مادي جو جوڙجڪ آهي. سائنس اسان کي سمجهائي ٿي ته هر موجوده وٿ ائٽم، تارو، ڏيڏر يا انسان- ساڳي مادي جو، ساڳي اوائلي جزي جي ٺهيل آهي. فرق رڳو انهن جُزن جي هڪ ٻئي سان واسطي جي جوڙجڪ واري حالت جو هجي ٿو: يعني پيچيدگيءَ جي احرام (pyramid of complexity) تي ڪيترا ڏاڪا مٿي چڙهيا ويا آهن.

سيني کان هيٺين ڏاڪن تي تارن واري پولار ۾ تڙڳندڙ وڏي دستار تي ڦهليل مادي جا ڪڪر (nebulae) جنهن حال ۾ آهن، سو پراچين بي ترتيبيءَ ۽ وڳوڙ جهڙو ٿي آهي. تارا، جيڪي انهن ڪڪرن ۾ ڄمن ٿا، سي نسبتي طرح وڌيڪ اڏاوت وارا هوندا آهن. ڪشش ثقل جو انهن کي گولائيءَ وارو ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن به انهن جي اندرين جڙت اڃا ڪافي اوائلي (primitive) آهي. پهڻن، سج جي چوڌاري ڦِرندڙ ننڍين گرهن ۽ نهرن گرهن جا ائٽم، سخت اوڊِل ڪوپن اندر هُجڻ ڪري، گئسي تاري جي ائٽمن کان وڌيڪ جوڙجڪ رکندڙ هوندا آهن، پر تڏهن به اهي ڪتي جي پير جي ائٽمن جي پيٽ ۾ گهٽ جوڙجڪ وارا ٿين ٿا. انسان جو پاڻ ۾ ڳنڍيل اربين نيوٽرائن وارو مغز مادي جي اڏاوت جا جيڪي مثال معلوم اٿئون تن سڀني کان وڌيڪ جبري اڏاوت وارو آهي.

جوڙجڪ وارن سرشتن جا ڪَمَ، سرانجاميون ۽ حاصلات اوترين ئي هونديون آهن، جيتريون اهي پيچيديون ۽ اندروني جوڙجڪ رکندڙ هونديون آهن. تارا رڳو جرڪڻ تي ۽ ننڍي ۾ ننڍا جيوَ (bacteria) چُرڻ پُرڻ ۽ ڄڻن تي راضي آهن، پر اسان انسان اهڙو اٽموٽ ڪَمَ ڪيون ٿا، جهڙو سموريءَ ڪائنات ۾ ڪڏهن به نه ٿيو آهي: ”پنهنجي ۽ ٻاهرين دُنيا جي هجڻ جي سُرت رکڻ.“ سوچيندڙ مغز جي انهيءَ عمل مان سائنس اُپري ٿي.

جاگرافيءَ جي لحاظ کان سمورو ڪائناتي مادو، جي غير موجود نه ته به رڳو بنيادي جوڙجڪ رکندڙ هجي ٿو. ان هوندي به بي ترتيبيءَ ۽ وڳوڙ جي انهيءَ مهاساگر ۾ ڪِن خاص ايراضين ۽ ٻيٽارين منجهه، جن کي خاص سازگار حالتن جي نعمت مُيسر هئي، مادو پنهنجي جوڙجڪ جي ڌوڪ (drive) تي هلڻ جو ڳو ٿيندي اهڙا ڪجويا خيال ۾ آندا جيڪي ان جي وس ۾ هُئا.

**ڪائنات ۾ انسان جو هنڌ:**

سائنس جي تعليمات جو سنجوڳ، ڄاڻ جي ڦلڪاريءَ جي ميل ڪائيندڙ اُٽات ۾ گڏوگڏ اُٽجي، انسان کي ڪائنات ۾ انسان جي هنڌ ۽ فطرت سان اسان جي لاڳاپي جي وصف وري ڪرڻ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

حجم ۽ مقدار جي لحاظ کان ماڻهو ڪجهه ڪونهي، اپار بي ترتيبي ۽ وگوڙ ۾ هڪ ڪيم جهڙو دز جو ذرڙو. تاهم، جوڙجڪ جهڙي وڌيڪ معنيٰ واري ڪسوٽيءَ موجب، ماڻهو ڪافي اهم آهي. جيتري قدر اسان کي سُڌ آهي، ماڻهو پيچيدگيءَ واري احرام تي سڀني کان اوچو هنڌ والاري ٿو، اوچائي جتان اسان ڪائنات کي چتائي ڏسي ۽ ان جي مُنڍ ۽ آئيندي بابت ڳڻ ڳوتي سگهون ٿا. اسان کان اڳ ڪو به (گهٽ ۾ گهٽ اسان جي گِرهه تي) انهن سوالن جا جواب ڏيڻ جو ڳو ٿيو هو.

اسان مادي جي ڪڪرن، تارن، پهڻن ۽ ڏيڏرن سان ۽ جيڪي ڪجهه وجود ۾ آهي تنهن سان، مادي جي جوڙجڪ واري زبردست تجربي ۾ مشغول آهيون. اسان ڪائنات ۾ ڏاريا ڪين آهيون، بلڪ اسان هڪ اهڙي سهاس (adranture) ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهيون، جيڪو اربين روشني-ورهين تي ڦهليل آهي. اسين تنهن ڪائنات جو اولاد آهيون، جنهن اسان کي پندرهن ارب ورهين جي ڳرڀ واري مدي ڪانپوءِ ڄڻيو. جيئن هنڊڪي روايت ۾ آهي، ”پهڻ ۽ تارا اسان جون ڀينر آهن.“ *(هلنڊز)*

# غزل

## حنيف عاطر

خوف ايندو آ ڪنهن سان چاهه ڪندي
وقت لڳندو نه آ گناهه ڪندي
هڪڙي ڀيري ڏٺو هو چا توکي
زندگي گُذري واهه واهه ڪندي
آئي برسات اوچتو ڏاڍي
ڪجهه نه سوچيائين گهر تباهه ڪندي
ڏيئي ويٺي آ پنهنجي دل ڪنهن کي
هڪڙي ناري ٻني ۾ گاهه ڪندي
زندگيِ ۾ بِنا ڪنهن لالچ جي
پيا اچون لوڪَ سان نڀاهه ڪندي
جو ثقافت نٿو مڃي پنهنجي
شرم ڪر ڪجهه ته اُن سان ٺاهه ڪندي
هڪڙو زندهه مثال ٿي ويندين
سنڌ حوالي تون پنهنجو ساهه ڪندي
پنڌ پهڻ صفا ٿيو عاطر
توڏي هڪڙي رڳو نگاهه ڪندي.

❋

## قادر سيال

منظر سهڻا تنهنجي اکين، جا ڪيئن وسرن
چانوَ وڻن جي ٻول پکين، جا ڪيئن وسرن
رات وڇوڙي واري ٻيو برسات مٿان
نقش ڳلن تي تنهنجي چمين، جا ڪيئن وسرن
مون لئہ منظر ڪيڏو هو سو درديلو
شرناين ۾ گيت سڪين، جا ڪيئن وسرن
چرڪ پري مان جاڳي پوان ٿو جنهن ٽاڻي
جهرمر تارا تنهنجي سڳين جا ڪيئن وسرن
دل جا کولي ورق پڙهان ٿو روزانو
سيني تي هي زخم صدين، جا ڪيئن وسرن
”قادر“ ڪنهنجو جوڀن آهي، نيڻن ۾
بارش وسندي رقص ندين، جا ڪيئن وسرن

❋

## مير حاجن مير

پيار هو ڪجهه ۽ غمن جو سلسلو
عاشقيءَ جو چا ته گذريو مرحلو
ريشمي احساس جا سپنا ڪٽي
ڪو جئي پيو هن دنيا ۾ هيڪلو
هو پري آ منهنجي دل کان آپري
منهنجي دل تي روز آهي زلزلو
عشق جي اظهار کي سمجهي نه ٿو
ٿو لنوائي، ٻار ٿو هو ڪيچلو
روز انگڙايون ڪري ٿو چو نيون
ڪيس ڇڇو ٿئي نه ايڏو چلولو
ڍير ڪاون جا رکي کي هو ويو
پير ڦٽيا پوبہ نه گهٽيو حوصلو.



# جنهن ڏينهن مون ڇٽيهه ورهيه پورا ڪيا. . .

لارڊ بائرن/سنڌيڪار: شيام ڪمار

منهنجي دل ۾ ٻين لاءِ احساس ۽ گرمي ڄڻ ناپيد ٿي وئي آهي،
لڳي ٿو ته منهنجي دل جي ڇڄاٽي اوڏو اچي وئي آهي:
هائو، جيتوڻيڪ مان محبوبيت جي قابل نه رهيو آهيان،
پر، موجود ساعتن ۾ مون کي پيار ڪرڻ ته ڇڏيو!

حياتي جا باقي ڏهاڙا ڄڻ سڪل پنن تي پڪڙيل آهن:
پيار جو مُناس ۽ سڳند ڄڻ سدا لاءِ رُسي وئي اٿم،
ڳاراٽو، اُڏوهي ۽ غمگيني،
ڄڻ منهنجا سنگتي ساٿي بڻجي ويا آهن!

منهنجو وجود جنهن ڄر جو ڪاج بڻجي رهيو آهي
اها ڄڻ ڪنهن تنها جوالامکي جي ٻيٽ جيان پاسي ٿي:
ان جي اُلن مان ڪا جوت ٻاري نٿي سگهجي،
اها ڄڻ چتا جي اگن آهي.

آشا، خوف، يا حسد جو ساٿ،
يا وقت سان گڏ وهندڙ درد جو حصو
۽ يا محبت جي تيز اڻندڙ لهرن جو بار،
سهڻ کان ٻاهر آهي سواءِ ڳچيءَ ۾
لٽڪيل گهٽيندڙ طوق جي!

***

پر 'هيءَ' نه ناهي ۽ هتي به ڪونهي،
ان جهڙا وسوسا منهنجي آتما کي ڏوڏيندا رهن ٿا:
'هينئر' ڪداچت نه، جتي سورمي جي 'سورهيائي'
چتا تي چڙهيل آهي، يا ان سان سوگهي جڪڙيل
پسجي ٿي!
ترار، جهنڊو ۽ ميدان جنگ،
شان، شوڪت ۽ يونان چوڌس ڦهليل آهي!
منهنجي وڏي ڍال مٿان پيل اسپارٽائي سورمو،
به ٻي وس ۽ ٻي جان آهي.

سجاڳ ٿيءُ! (يونان - -چو جو هو اڳ بيدار ٿي
چڪو آهي!)
منهنجي ستل آتما! سوچ ۽ پروڙ، تنهنجي شريانين
۾ گردش ڪندڙ رت
جي جهرڻي جو مُنڍُ ڪٿي آهي: ۽ پوءِ هڪوار
زوردار حملو ڪر!

اي نالائق مردانگي! پنهنجي تيز جذبن ۽ احساسن
کي ڦولهه،
هينئر تنهنجو وجود حسن جي مُرڪ يا ياراڻي
کان بي پرواهه ۽ بي اُلڪو ٿيڻ جڳائي!

اگر تو کي پنهنجي جدائي تي پڇتاءُ آهي، ته "جيئرو
چو آهين؟"
سورهيائي ۽ عزت واري ڇڄاٽي جي سرزمين،
هيءَ ئي اٿئي- ۽ هن ئي ڌرتي تي
آخري پساهه کڻ!

***

ڳولهيندو رهه- اڪثر ڳولا جاري رهي ٿي، جو ڳچي
ڪاميابي کانسواءِ -
ڪنهن سورمي جي قبر، جيڪا تولاءِ بهتر ٿيندي
۽ چوطرف نگاهه ڊوڙاءِ، پنهنجي لاءِ ڌرتي جو
ٽڪرو ڳولهه،
جتي تنهنجي آخري آرام گاهه بڻجي.

*نوٽ: بائرن هن نظم جي رچنا (22 جنوري 1824ع) جي ٽن مهينن کان پوءِ (19 اپريل 1824) مِسولونگهي (يونان) ۾ گذاري ويو. (ش ڪ)*

## هوءَ سراپا حسن ۾ پسار ڪندي رهي ٿي

(1)
تارن ڀريئ آڪاش، ۽ ڪليل هوائن ۾
رات جي سانت جيان سراپا حسن بڻجي
پسار ڪندي رهي ٿي،
تاريڪي ۽ روشني جو بهترين سنگم
سندس نيڻن ۽ نهار ۾ يڪجا پسجي ٿو:
هلڪي روشني اندر ڄڻ ڏيمو سُر جذب ٿي ويو هجي
جنهن کي قدرت ڏينهن جي تيز تابناڪي کان ڌور
رکيو هجي.

(2)
ٿورڙو ڇانورو وڌيڪ يا ٿورڙو ڪرڻو گهٽ
سندس اَنام وقار ۽ سوڀيا کي ڇيهو رسائي ها
جيڪا سندس هر ڇُڳَ ۾ وراڪا کائيندي رهي ٿي،
يا سندس موهيندڙ مُکَ کي جرڪائيندي رهي ٿي:
جتي سانت ۽ سواد ۾ ٻڌل ويچار اظهار جن ٿا
سندن آستان ڪيڏو نه پوتر ۽ ڏتاريندڙ آهي!

(3)
سندس ابرو مٿان ۽ ڳل تي نرم،
پشمي سانت، دلڪش
ڏتاريندڙ مُرڪون، جن جو محبوب اُهاءُ،
ڀرپور ڏينهن جو داستان ورجائيندو پسجي ٿو،
جنهن اندر شانت ذهن ۽
معصوم پريم ۾ رڇيل من چلڪندو رهي ٿو!

*نوٽ: هي نظم پنهنجي سوٽ مسز ولمات سان گڏجاڻي کان پوءِ سرجيو هئائين. ان وقت هوءَ ڪاري ماتمي پر چمڪندڙ لباس پهريل هئي. (ش ڪ)*



**22 جنوري 1788– 19 اپريل 1824**

بائرن کي عظيم رومانوي تحريڪ جي باني منجهان ڄاتو وڃي ٿو. 'شي واڪس ان بيوٽي'، 'وين وئي ٽو پارٽيڊ'، 'سو وي ول نو مور اَ رووِنگ' ۽ ٻين بيشمار مشهور نظمن جو خالق جنهن گريڪ جي آزادي واري جنگ ۾ ڀرپور حصو ورتو. جنهن سبب يوناني ماڻهو کيس پنهنجو قومي هيرو ڪري مڃيندا آهن.

هن بيشمار معاشقا ڪيا. خود ساخته جلاوطنيون به اختيار ڪيون. هو حسن ۽ جمالي شاعر هجڻ سان گڏوگڏ ڊپريشن جو به شڪار هو. هن جي شاعري فطرت کي حسين منظرن سان سجايل آهي.

ننڍي کنڊ 'هندستان ۽ پاڪستان' ۾ انگريزي ادب جي نصاب ۾ جيتوڻيڪ ڪا نواڻ نه آئي آهي پر ان نصاب ۾ بائرن جي شاعري جو حصو هڪ رومانوي ۽ جديد شاعر طور تذڪرو ڏنو ويو آهي.



## نيوفائونڊ لينڊ جي ڪتي جو ڪتبو

*نوٽ: جڏهن بائرن جو پيارو ۽ وفادار ڪتو "بوٽسوين گذاري ويو ته ڪيس نيو اسٽيڊ چرچ جي باغ اندر هڪ ڪنج ۾ دفنايو ويو هو. بائرن سندس قبر تي نظماٽو ڪتبو لکي نصب ڪيو هو. ڪتبو من موهن آهي:*

"هن جڳهه تي
ان هستيءَ جون باقيات دفنايل آهن
جيڪا حُسين هئي پر، منجهس وڏائي جو ذرڙو به ڪونه هو،
جنهن ۾ شڪتي ضرور هئي پر، تڪبر ڪونه هئس،
جنهن اندر جرئت هئي پر، ڏهڪاءُ بلڪل ڪونه هو
جنهن جي ذات ۾ سيئي مرداڻا گڻ هئا پر، برائي ڪان وانجهيل هو!"

***

## متفرق ماٽڪ

جڏهن سر جوشوا رينولڊ پرلوڪ پڌاريو هو
تنهن مهل جڻ سموري ڪائنات تي مردني ڇانئجي وئي:
بادشاهه سلامت جي اک مان لڙڪ لڙي پٽ راڻي جي ڪن ۾ ڪريو هو،
۽ ان ڪارڻ سندس سيپئي چتر هڪا بي رنگ تي ويا!
*(وليم بليڪ)*

***

## پادري جي قبر تي ڪتبو

هن قبر جي تهن ۾ پادري جوناٿن ڊو آرامي آهي،
سندس روح ڪيڏانهن ويو آهي ان جي سُڌ ڪونه اٿم.
جيڪڏهن آسماني اونهاين ۾ پرواز ڪري ويو آهي
ته خوشي ۽ پيار ڪي الوداع ڪرڻو پوندو.
اگر پاتال جي گهرن تهن اندر ديرو دمايو اٿس
ته شيطان کي مبارڪ باد نتي ڏئي سگهجي!
*(نامعلوم)*

***

## مَڌَ جي واڪاڻ ۾

جيڪو شخص زمين خريد ڪري ٿو ته ڪيس پٿر به خريد ڪرڻا پون ٿا؛
جيڪو شخص گوشت خريد ڪري ٿو ته ڪيس هڏا به خريد ڪرڻا پون ٿا؛
جيڪو شخص بيدا خريد ڪري ٿو ته ڪيس انهن جا ڪوپا به خريد ڪرڻا پون ٿا؛
پر، جيڪو شخص شراب خريد ڪري ٿو ته ڪيس ٻئي ڪنهن شيءِ خريد ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.
*(پراڻي روايت)*

## پراڻي عهدنامي جي ڏهن حڪمن ۾ اضافو

تون پنهنجي پاڙيسري جي جوءِ تي بري نظر نه وجهندين،
۽ نه وري سندس مڙس طرفان خريد ڪيل ڏاند هڙپ ڪرڻ جا برا خيال من ۾ آڻيندين؛
پر، خدا جو ٿورائتو ٿيءُ ته هن تو مٿان مڪمل بندش ڪونه وڌي آهي،
جو جو تون سندس ڏيءُ لاءِ پنهنجي نظرن کي هر لمحي تيار رکڻ جو مجاز آهين.
*(نامعلوم)*

***

جيڪڏهن سمورو سنسار پنو ٻٽيل هجي ها،
۽ سمورا سمنڊ مس سان ڀريل هجن ها،
۽ سمورا وڻ ٻوٽا مڪڻ ۽ ماني جا ٺهيل هجن ها،
ته پوءِ اسان سومر رس ڪٿان آڻيون ها؟
(نامعلوم - سترهين صدي عيسوي)

***

اي چنڊ! جڏهن آئون تنهنجي دلڪش ڇهري تي نظر وجهان ٿي،
جيڪا خدا جون سموريون سرحدون پار ڪري تو تائين پهچي ٿي،
ان مهل منهنجي من ۾ هي خيال پيدا ٿيندو رهي ٿو،
ڇا مان ڪڏهن تنهنجي شاندار پَٽ به ڏسي سگهندس؟
*(ايڊمنڊ گوس جي حسين ڪنيز)*

***

## مثالي شادي

رچرڊ ڪري شا جون هينيون سٽون اشوڪ اروڙا جي سوچ ۽ مجرد زندگي سان ڪيڏي نه مشابهت رکن ٿيون:
"مان شادي ڪندس پر، ڪنهن زال سان بلڪل نه،
مان 'اُڪيلي زندگي' سان شادي ڪندس."

## نگاهه

اسٽيفن مون کي بهار جي منڊ ۾ چميو هو،
۽ رابن سرءُ جي موسم ۾،
پر، ڪولن صرف نگاهه ڪٽي ڏٺو هو،
۽ چميو هرگز ڪونه هئائين.

اسٽيفن جي چُمي چرچي ۾ گم ٿي وئي
۽ رابن جي مِني راند ۾ وڃائجي وُئي
پر، ڪولن جي نگاهن ۾ موجود چُمي
مون کي ڏينهن رات ستائيندي رهي ٿي.
*(سارا ٽيز ڊيل)*

## گيس جون ٽيلهيون

مان قدرت جو ٿورائتو آهيان ته سج ۽ چنڊ
آسمان جي مٿاين تي پهچ کان پري لٽڪيل آهن
هنن کي ڪو دعويدار هٿ آسمان تان ڇڪي
هيٺ آڻي ڪين ٿو سگهي.
جيڪڏهن اُهي ايڏو مٿاهان ڪين هجن ها
ته ٻنان شڪ ڇئي سگهجي ٿو ته
ڪو ڇسو سڏارڪ سفارش ڪرائي
ڪين ڇڪي هيٺ لاهي دنيا کي گيس
وسيلي روشن ڪرائي ها!
*(پراڻي روايت)*

خدا ۽ فوجي کي ساڳي ئي هڪ ڪري انداز ۾ ساراهيو وڃي ٿو
جڏهن اکين آڏو خطرو اُڀريو اچي- ان کان اڳ بلڪل به!
جڏهن خطري جو پرو به نه ٿو رهي، ته ٻنهي جو وجود بيڪار ٻڄيو وڃي-
خدا کي وساريو وڃي ٿو ۽ فوجي کي نِنديو وڃي ٿو.
*(يوري شس ڪارڊس 1486-1535ع)*

ماڻهن ۽ جبلن جي ميلاپ وسيلي عظيم ڪارناما جنم وٺندا آهن،
گهٽيءَ اندر ڪلهي گس وسيلي انهن جو جنم ناشدني!
*(وليم بليڪ)*

***

## جنگ جي نتيجي جو قل

ڪاني جي نقلي ٽنگ، يا سونو تمغو!
*(ڪهاوت)*

## فلسفو

ٻه ماڻهو سيخن واري ساڳي دروازي مان ٻاهر تڪين ٿا:
هڪ جي نظر ٻاهر ڦهليل گپ تي پوي ٿي ۽
ٻيو ٻي انت آڪاش ۾ تارن جو اپياس ڪري ٿو!
*(لڻنگ برج)*

***

هنج پکي مرڻ کان اڳ سُريلا سُر آلاپي ويندا آهن
پر ڪجهه ماڻهو ڳائڻ کان اڳ مريو وڃن ته برو ڪونه ٿيندو.
*(ڪالرج)*

***

بيوقوف دعوتون ڪندا آهن ۽ سياڻا ڊوَ ڪري ڪائيندا آهن،
سياڻا چرچا ڪندا آهن ۽ بيوقوف انهن کي ورجائيندا آهن.
*(نامعلوم)*

## مرد ۽ عورت_ اوڻايون

مردن ۾ انيڪ اوڻايون هونديون آهن پر،
عورتن ۾ صرف ٻه ٽين ٽيون-
جيڪو ڪجهه هو چونديون رهن ٿيون ۽،
جيڪو ڪجهه ڪنديون رهن ٿيون.
*(نامعلوم)*






ڊاڪٽر رسول ميمڻ

رات ايڏي ڊگهي نہ هئي. ويڙهيل ڏاڍي جيان هئي. اهي عرشنا جا آخري پساهہ هيا. سندس زندگي ڪنهن ڏاهي جي گفتگوءَ جيان مختصر هئي ۽ ڪنهن حور جي رئي جهڙي نرم. هوءَ وارث جي سيني سان لڳي جڏهن ساهہ کڻي رهي هئي تہ سندس هر ساهہ ڳڻجي وقت جي خاتمي جو اعلان ڪري رهيو هيو. ان اوچتو ڇرڪ پريو. ڇرڪ تي وارث جي خواب جون اکيون کلي ويون. ”ڇا تو خواب ۾ زندگي ڳولهي لڌي؟“ وارث سوال ڪيو، ”زندگي ايڏي خوفائتي تہ نہ آهي؟“

”ڇا خوف زندگيءَ جي نشاني نہ آهي؟“ هن عرشنا جو آواز ٻڌو. سندس دل رُڄ ۾ پڇندڙ هرڻ جي قدمن جيان ڌڙڪي رهي هئي. عرشنا جو آواز وري اڀريو.

”مون ڏٺو تاريخ ڊگهي اڙٻلا جيان ڌرتيءَ جي چيلهہ کي ويڙهيل آهي. تاريخ ظالم آهي جابر آهي. تلوار جي نوڪ سان لکيل آهي. ت اريخ ڪان رحم گهرڻ رمتوءَ جو بادشاهہ کان تاج گهرڻو آهي. شايد منهنجو علاج تاريخ جي ڪنهن بہ باب ۾ موجود نہ آهي. ت اريخ جي قافلي جي ڪنهن بہ پيغمبر ولي، اولياءَ، بادشاهہ ۽ سپهہ سالار وٽ نہ آهي. مان تاريخ جو لاعلاج ناسور آهيان. ڇڳل وقت جي زنگ لڳل زنجير جي نامڪمل ڪڙي آهيان. زندگيءَ جي جهنگ ۾ حياتيءَ جو دڳ وڃائي ويٺل واءُ آهيان. اهڙي صدا آهيان جنهنجي پڙاڏي جو ورناءُ واپس نہ پهتو آهي. تنهنجو سڏ آهيان جيڪو توکي پڪاري ٿو. منهنجو ڇرڪ اوندهہ ۾ اوچتو تنهنجي ڪلهي تي رکيل منهنجي هٿ جهڙو آهي.“

وارث عرشنا جي اندر جو آواز ٻڌو. ۽ تاريخ جي کوهيڙي ۾ ويڙهجي ويو. ظاهر ٿيو تہ هو پٿر جو شهر هيو. بابل هيو. نينوا هيو. دجلا هيو. فرات هيو. آرمينيا جي پهاڙن جو وهندڙ روڳ هيو. هن ڏٺو نمرود هڪ جبل تي ويهي احڪام ڏئي رهيو هيو. سندس هر حڪم قانون هيو. لفظ بت تراشيندڙ هٿوڙا هيا. ايوانن جي ستونن جا بنياد هيا. اهي شهوت ۾ ٻڏل تهذيب جي ٻانهن جون چوڙيون هيا. لفظ ڇڙواڳ حاڪم جا بي ربط محڪوم غلام هيا. لفظ بي جان ڪليسائن جي قبن جهڙا اگهاڙا ارهہ هيا. هڪ حاڪم جنهنجي آڱر جي اشارن سان شهر جون عمارتون گوڏن تان اٿي ويهي رهيون. واري پاڻيءَ ۾ بدلجي وئي. سمنڊ سراب ۾ بدلجي ويا.

جڏهن نمرود خدائيءَ جو اعلان ڪيو تہ وارث عرشنا جي حياتي گهري.

”اي آڱر جي ضرب سان پٿر تي ڇنڊسالي ڪندڙ گناهگارن جي ديس جا مجسما ساز، اي دجلا ڪناري اڏيل محڪومن جي شهر جا لافاني خلقٹهار، تنهنجي خدائيءَ جو اقرار ڪيان ٿو. رب مڃيان ٿو. سجدو ڪيان ٿو. حمد پڙهي تنهنجي پٿر کي پوڃيان ٿو. نوڙي عرض ڪيان ٿو. عرشنا آخري پساهن ۾ آهي. ڪجهہ گهڙين جي مهمان آهي، ان بنا جيئرو نہ رهي سگهندس ڪيس شفا ڏي. حياتي عطا فرماءِ. زندگي ڏي.“

نمرود هٿ جو اشارو ڏنو. هڪ اڌ اگهاڙي عورت دربار ۾ ظاهر ٿي سندس وار جيئرا نانگ هيا ۽ عاج جا هٿ هاٿيءَ جي ڏندن جهڙا. پيٽ اندر چيلهہ سنهي اها حبش جي ٻڪايل عورت جهڙي خوبصورت هئي. کلي تہ سپ اندر موتي چمڪيا. نمرود پرسان هڪ ٻئي جلترنگ وڄائيندڙ عورت جون آڱريون ائين هلڻ لڳيون جيئن ڦٽڪندڙ مڇيءَ جا ڇلڙ لاهينديون هجن. اڌ اگهاڙيءَ عورت نچندي

وارث پرسان آئي. وارن جا نانگ ڦڻ ڪڍي سندس وجود کي ڏنگڻ لڳا. زهر رڳن کي وڍيندو وجود ۾ ڊوڙڻ لڳو. رڳون بي ترتيب لڪيرن ۾ تبديل ٿي ويون. وجود سڪل لام جهڙو هيو جنهنجي شاخن جا پن سڙيل هيا. وارث لاش هيو. شر جو لاش. هڪ بي جان بت. ان ديول جو بت جنهن جي درٻاهران توحيد پرست يونس انسان جي مقدر تي ڳوڙها ڳاڙي رهيو هيو. هو خواب مان جاڳيو ته ان جهڙ سهانو خواب ڪو به نه هيو. هو ثابت هيو سالم هيو. هوا باهه پاڻي هيو. اهڙي روشني هيو جنهن اندر ڪجهه نظر نه ايندڙ هيو.

هو اٿيو ۽ نينوا جي تاريخ جي اهڙي در تي پهتو جتي حرم ۾ بادشاهه سراقس عورتاٽا ڪپڙا اوڍي ست ڪتي رهيو هيو. ان جا انداز سندس ستر محبوبائن جهڙا هيا. لڇڻ لاتعداد معشوقائن جهڙا هيا. اهو ملڪ نه هلائيندو هيو، حرم هلائيندو هيو. چوندو هيو. "مرڻ کان اڳ زندگيءَ جا چار ڏينهن سهڻن جي زلفن ۾ دفن ٿي گذارجن."

حرم جي عورتن سان ايڏو ته مانوس هيو جو انهن جهڙا انداز اختيار ڪري تخت تي ويهي حڪم هلائيندو هيو. زنانا ڪپڙا پائيندو هيو ۽ وڏا وار ڪيس چيلهه تي لڙڪندا هيا. چپن کي سرخ ڪري محبوبائن جا ڳل چمندو هيو ۽ هر شڪست تي ڪجلارين اکين سان روئندو هيو. ان جا ڪنگڻ ششخارجي برج تي رکيل ڳاڙهي پٿر جي ديوين جي امانت هيا. ڳلي جو نوَ لکو هار انهن جوتشين جي سوکڙي هيو جيڪي ڪيس ستارن جون خوشخبريون ٻڌائيندا هيا.

وارث سراقس جي حرم جو خواجا سرا هيو. محبوبائن جو خادم هيو. نينوا جو شهر ڪنوار جيان هيو. اهڙي گهونگهٽ جيان هيو جنهن ۾ بند به اکيون شرم انگيز خواب ڏسي رهيون هيون. شهر جيڪو عيش جي پاروٿن گلابن سان ڍڪيل هيو. شهر جيڪو نازڪ ويٽين ۾ پاتل گجرن جي ڪومايل رابيلن جي اداس خوشبوءِ ۾ وهنتل هيو.

هو سراقس جي محبوبائن جي ڏکهن وارن ۾ ڦٽي ڏيندو هيو ته محل ۾ سُرندي جو آواز گوجندو هيو. مرمرين جسمن کي وهنجاريندو هيو ته پاڻيءَ ۾ سون وهندو هيو. وارث جا هٿ جسمن جي گهنجن جون لڪيرون مٽائي ڇڏيندا هيا. اهي جوانيون بخشيندا هيا. خوبصورت نينوا جي برج تي اڪريل مورتين جهڙيون لازوال جوانيون. اڻ مٽ ۽ لافاني مرڪ سان نبت تيل عظيم بحليفون.

سراقس هڪ پيري حرم ۾ زنانا ڪپڙا پائي پرت پري رهيو هيو ان خوش ٿي وارث کي پرسان ويهاريو.

"مان تو مان ڏاڍو خوش آهيان." سراقس چيو، "تون منهنجي حرم جو اهڙو مالهي آهين جنهن گلن جي تازگي برقرار رکي."

وارث جيڪو خواجا سرا هيو جنهن جا جذبا آرمينيا جي جيلن جهڙي برف ٿي چڪا هيا. ان جي زبان ڪاغذ ۾ بدلجي وئي. هن ڳالهايو نه چپ رهيو، ڪيس خاموش ڏسي سراقس وري چيو.

"اي خواجا سرا چاهين ته محل جي تهه خاني ۾ رکيل ٽجوڙي کولي ويڙهي رکيل مردانگي تو حوالي ڪيان. چاهين ته توکي جنس جي جسقوءَ ۾ بي قرار ڪري حرم مان آزاد ڪيان."

وارث ڪاغذ جهڙي ڏکندڙ زبان هن آڏو ڪئي. اتي ڪي لفظ لکيل هيا. عرشنا جون نانءُ لکيل هيو. چهرو اڪريل هيو. شفا جي التجا هئي.

سراقس پرت پريندڙ سئيءَ سان ڪاغذ جهڙي زبان ۾ سوراخ ڪيا. لاتعداد سوراخ جن ۾ زخمي لفظ ڏسجي رهيا هيا. شڪست کاڌ لشڪر جي مئل سپاهين جهڙا لفظ جن جون ٻانهون الڳ هيون. سرڪٽيل هيا. پير وڍيل هيا. سراقس اهڙي عمل سان لفظ اندوز ٿيو. ڪاغذ جهڙي زبان ۾ سئي وجهڻ سان لڪيل جنسي جذبن جو پورائو ٿيو. وارث گگ جيان گونگا لفظ ڳاڙيندو وٺي پڳو ۽ بابل پهچي دانيال کي دانهن ڏني.

"اي دانيال" هن ڳالهايو ته سور ڏاڍي جيان سندس وات ۾ وچڙيل هيو. گناهن جي شهر ۾ پٽڪيل باز جيان محلاتن جو اڇلايل پاروٿو گوشت کائي بيزار ٿي چڪو آهيان. مون ڪئي دفعا ڪوئي جي روپ ۾ رات جو نڪري بادشاهن جي پيالن ۾ ڇڏيل شراب جي اوپر پيتي آهي. هڪ گلر جي روپ ۾ عطر سان پريل انهن حوض ڪنارن تي ويهي پڇ لوڏيو آهي جن مان گناهگار جسم وهنجي ٻاهر نڪتا آهن. سچ جي پرستش ڪئي ته ڏگ ڏيکاري راهه روشن ڪري. سچ چيو، "اجا ڏگ خلقيا نه ويا آهن. رستا گهڙيا نه ويا آهن. اجان راهون رستن ۾ آهن. منزلون پنهنجين منزلن کي نه پهتيون آهن. مان مايوس آهيان. زخمي آهيان. اي نبي تو سامهون ديوارن تي تحريرون ايري مستقبل جو ڏس ڏين ٿيون. توکي الهام حاصل آهي. ايندڙ وقت جي جان آهي. مستقبل تنهنجي ڪن ۾ سرگوشي ڪري لنگهي ٿو. مونکي ٻڌاءِ. عرشنا جو موت ڪيترو پري آهي. چا ان ۾ عرشنا وچ ۾ ايتري وٿي آهي جو مان سمائجي سگهان؟ وقت کي وهائڻ لاءِ آڱرين جي وچ جي وٿي ڪافي آهي. هر خيال جي من راز بغل جي لاتعداد وارن جيان سمائجي سگهندا آهن. اناج جا ٻوٽا سترن وچ ۾ جنم وٺندا آهن. پير هينئان ڪنڊي جهڙو ڪڪ عذابناڪ آهي. بي وفا عورت جي جسم جي خوشبوءِ ۾ نڪ ڏاندن تي رکيل گوشت جيان سڙندو آهي. اي نبي مان فلسفي نه آهيان. تاريخ جو وڃائجي ويل اهڙو واقعو آهيان جيڪو پنهنجو مقام ڳولهي ٿو. منهنجي پيشانيءَ تي هٿ رک ۽ ٻڏندڙ سوچن کي ڪنارو ڏي. سوچن جا وار ايڏي ته وڏا آهن جو ڏک انهن ۾ پکين جيان لڪن ٿا. ماضيءَ کان بچاءِ ۽ مستقبل ڏي. حال جي وجود کي پاڙان پٽي پري اڇل جيئن هاڃن کان محفوظ رهون. اي پيشنگوئيون ڪندڙ مستقبل ۾ ترميم ڪر جيئن عرشنا جيئري رهي. سندس حياتيءَ جي صفحي تان موت کي ميسار جيئن امر ٿي وڃي."

دانيال دعا لاءِ هٿ نه کڻي سگهيو سندس هٿ زنجيرن ۾ بند هيا. هو ڪنعان جو قيدي هيو. بخت نصر جي تخت هيٺ ويٺل ڏاهو غلام هيو جنهن جون اکيون محل جي پٽ تي ايرندڙ الفاظ پڙهي رهيون هيون. بابل جو بادشاهه بخت نصر جنهن ڪنعان جو هڪ سال محاصرو ڪيو. فتحياب ٿيو ته يهودي بادشاهه صدقيا جون اکيون ڪڍي عقابن کي کارايون. ٻيا ٻيا ڪري ڪتن کي ڏنو. هن جي پٽن جا هڪ هڪ ڪري قتل گاهه ۾ سر قلم ڪيا. مصر فتح ڪئي ۽ فرعونن کي احرامن ۾ آباد ڪيو. بابل جنهن بخت نصر جو عروج ڏٺو. بابل جيڪو دنيا جي طاقت جو محور هيو. جنهن چواري قلعي جي پٽ ايڏي ويڪري هئي جو چار رٿ گڏ هلندا هيا. شهر جي وچ ۾ اڏيل بعل جي مندر جي نغارن جي آواز تي فرات جي پاڻيءَ ۾ لهرون پيدا ٿينديون هيون.

ڪنعان جو قيدي دانيال جنهن جا هٿ زنجيرن مان آزاد ٿيا ته عرشنا لاءِ دعا نه گهري سگهيو، سندس هٿ سائرس جي ڏکهي جمار لاءِ اٿيا. بخت نصر مئو ته ان جا هٿ تاراج شهر جي مقدس مٽيءَ سان ميرا هيا. مئل اکيون پاڻيءَ سان پريل هيون جن ۾ ڦٿڪندڙ روح مڇيءَ جيان تري رهيا هيا.

بخت نصر ڪانپوءِ بابل جي باغن ۾ ڦوهارن مان شراب وهندو هيو. ٻوٽن ۾ گلابي بدن ڦٽندا هيا ۽ نرگس جون اکيون شرم کان ٻوٽيل هونديون هيون. بعل جي مندر مان اٿندڙ سنک جي آواز تي سندريون سگهاري بت اڳيان ڇاتيون کولي نچنديون هيون. گهر گهر ۾ گهگهون جا آواز گونجندا هيا. گهٽين ۾ فاتح لشڪر جا مدهوش سپاهي ڳچيءَ ۾ گناهن جا گهنڊ وجهي مست هاٿين جيان گهمندا هيا. چاهت جي چڪلن جا در کليل هيا ۽ بيوفائيون معنيٰ وڃائي ويٺيون هيون. اهو بابل ۾ بليئرز جو دور هيو. دانيال گناهگارن جي هجوم ۾ پٽ تي پوندڙ اگهاڙن پاڇن جي وچ ۾ ايرندڙ تحريرون پڙهي رهيو هيو "هيءُ فنا... هو فنا... سڀ فنا."

دانيال جون اکيون سائرس کي ڏسي رهيون هيون. فارس جي وسيع ميدانن ۾ ٻرندڙ سج هيٺان چمڪندڙ تلوارون جن جا تجلا اقباطنا جي پهاڙين تي جرڪي رهيا هيا. ليديا جي پهاڙ جيڪي سون

سان ستيل هيا. پڪٽولوس درياهہ جي واري جنهن ۾ سونا ذرا اڏوهيءَ جي سائرس جي ڪارن وارن ۾ اچن جيان جرڪي رهيا هيا. ڪريمسوس جيڪو سونين وادين جو حڪمران هيو. وقت جو سڀ کان وڏو سرمائيندار جنهن جي گهوڙن کي سون جا نعل لڳل هوندا هيا. دانيال جنهن جون اکيون سولن کي ڏسي رهيون هيون. ڪريمسوس جو يوناني علاج. وقت جي ڏاهي بي باڪ ڪريمسوس پنهنجي غلام سولن آڏو سون جا انبار لڳائي ڇڏيو.

”اي سولن ٻڌاءِ دنيا جو وڏو ماڻهو ڪير آهي؟“

ڪريمسوس سمجهيو هو هن جو نالو وٺندو پر سولن وراڻيو، ”يونان جو اهو امن پسند بادشاهہ جيڪو ملڪ جو دفاع ڪندي ماريو ويو.“

ڪريمسوس وري هن کان پڇيو، ”پلا ٻڌاءِ ان يوناني حڪمران ڪانپوءِ ڪير وڏو؟“

”يونان جا اهي پٽ.“ سولن چيو، ”جن ماءُ جي خدمت ڪئي ڪين ماءُ جنت جي بشارت ڏني. اهي ليٽيا ۽ عقيدت مان سندن روح پرواز ڪري ويو.“ ڪريمسوس کي سولن تي حيرت لڳي.

”تہ ڇا هيڏي دولت هوندي منهنجو ڪو رتبو نہ آهي؟“ هن پڇيو.

”جيڪو دولت تي فخر ڪري ۽ عيش ۾ مسرور هجي تاريخ ان جو قدر نہ ڪندي آهي.“ هن جواب ڏنو.

سارس ساردِيس تي قبضو ڪري ڪريمسوس کي قيد ڪيو. ڪيس زنجيرن ۾ جڪڙي چڪيا تي چاڙهڻ جون تياريون ڪيون ويون جڏهن سپاهي ڪريمسوس کي زنجيرن کان پڪڙي اوڙاهہ ڏي ڇڪڻ لڳا تہ ڪيس سولن جو قول ياد اچي ويو. ان رڙيون ڪيون.

”سولن... سولن... اڙي او سلن.“

رڙيون سائرس جي ڪن تي پيون تہ سپاهين کي حڪم ڏنائين، ”ڪريمسوس کي هن سامهون پيش ڪيو وڃي.“

زنجيرن ۾ جڪڙيل ڪريمسوس سائرس سامهون پيش ٿيو تہ هن کان رڙين جو سبب پڇيو. ڪريمسوس ڪيس سولن سان ڪيل گفتگو ٻڌائي ۽ چيو، ”سولن سورهن آنا سچ چئي رهيو هيو جيڪو عيش ۾ مسرور آهي تاريخ ان جو ڪو قدر نہ ڪندي.“

سائرس هن کي معاف ڪيو ۽ ڪيس عهدو ڏئي آزاد ڪري ڇڏيو.

سائرس آتشڪدي اڳيان ائين جهڪيل هيو جو هر شعلو سندس پيشانيءَ تي پگهرجي بوندن ۾ پڙڪي رهيو هيو. چپ سورج ديوتا جي ذڪر ۾ محو هيا. سندس بند اکيون بابل جي گهٽين ۾ گهمي رهيون هيون ۽ ڪن گناهن جا گهنڊ ٻڌي رهيا هيا. بابل جو بادشاهہ بليشرز چانديءَ جي پيالي ۾ مڌ اندر خوبصورت عورتن جون آڱريون ٻوڙي پي رهيو هيو. دانيال ٻرندڙ پٽين تي الهامي تحريرون پڙهي رهيو هيو. جڏهن اها تحرير ايري جنهن ۾ بابل جي زوال جو ذڪر هيو. بليشرز وٽ ويو ۽ چيائين،

”اي بادشاهہ تنهنجو وقت پورو ٿيو. اي بي رحم بخت نصر جا بابل اڄ آزاديءَ جو ڏينهن آهي.“

سائرس آنڌيءَ جيان بابل ۾ داخل ٿيو. آنڌي هلڪي ٿي تہ سيني ڏٺو هر شيءِ مٽيءَ ۾ دفن ٿي چڪي هئي. بليشرز جي مُندي سندس قبر جي سيرانديءَ کان ڪٽل نيزي جي نوڪ تي رکيل هئي. هزارين سپاهي اجتماعي چڪيا تي چڙهي رهيا هيا ۽ دونهون گناهگارن جي جسم مان ديو جيان عرش ڏي اڏامي رهيو هيو. بابل فنا ٿي ويو. گهگهرو خاموش ٿي ويا. مَڌ جا مَٽ ٽٽل دلين جيان ڀڄي پيا. قلعا ڪري پيا. باغ ويران ٿي ويا. وچ شهر مان لنگهيندڙ فرات جو پاڻي رت سان رنگجي ويو. عشرت جون سڀ رنگينيون وقت جي واءُ ۾ ڌنڌليون ٿي ويون. چپن جون چميون زخم بنجي رت ڳاڙڻ لڳيون. سڀ ٺهڪ گهاءَ بنجي ويا. پاڪرن جون ٻانهون ڪٺجي ويون. ڌڙڪندڙ دليون مندر جي ناد جيان ڦاٽي پيون رات جي گود جون سڀ تمنائون وساميل چلهن جيان سرد ٿي ويون پر بعل جي مدنر ۾ رکيل پٿر جي ديويءَ جي چپن تي ساڳي مرڪ هئي.

سائرس غلامن کي آزاد ڪيو. ڪنعان جي قيدين جون پير ڪڙيون کولي الڳ ڪيون تہ وارث ڪيس التجا ڪئي.

”اي آزاديءَ جي قافلي جا اڳواڻ. عرشنا جي پيرن جا زنجير کول، موت جا زنجير جيڪي ڪيس اونهي کاهيءَ طرف گهلي رهيا آهن.“

سائرس ٻوڙو هيو. اهي الفاظ نہ ٻڌا. سائرس ماضيءَ جي رستي تي ايڏو تہ ڏور هيو جو وارث جي التجا جا آواز اڌ رستي تان پاڏا بنجي هن کي چڙائڻ لڳا. وارث خيالن جي آڪيري ۾ ويٺل پکيءَ جو پاڇو هيو. هو ڇهنب هيو جنهن ۾ جوئر جي داڻي جيتير اميد ڦاٿل هئي.

سائرس سڀ زنجير کوليا. عرشنا جا زنجير سندس آڱرين جي پهچ کان پري هيا. هن بني اسرائيل کي ارض مقدس واپس وڃڻ جي اجازت ڏني. يوشع کي چيو، ”واپس وڃ ۽ هيڪل سليمانيءَ جي ٻيهر تعمير ڪر.“

دانيال نبيءَ هن کي دعا ڏني، ”اي ڌنار جا پٽ شل ڌڻي تنهنجي ڌڻ کي محفوظ رکي. سپاهين کي سلامت رکي. اهي طاعون کان محفوظ رهن. بيمارين جو منهن نہ ڏسن. رب توکي ڊگهي ڄمار ڏئي.“

جڏهن دانيال سائرس کي دعا ڏئي رهيو هو تہ وارث دعا لاءِ کنيل هٿن جي پاڇي هيٺ ويٺل هيو. وارث روئي رهيو هيو. هن جي روئڻ کان آواز موڪلائي ويو هيو سندس سڏڪا فرات ڪناري نمرود جي برج کان هڪ ٻئي پويان دجلا ۾ ڪري آپگهات ڪري رهيا هيا. هن جي اکين جي ڳوڙهن کي ڪنهن اک نہ ڏٺو. وارث فرات جي پاڻيءَ تي چمڪندڙ سج ڪرڻن ۾ بابل جي پٽين تي لڏندڙ اولڙو هيو.

دانيال، نبيءَ وارث جو روئڻ نہ ٻڌو. آواز نہ ٻڌو. جنهن ۾ عرشنا جي عمر جي سين سمايل هئي. آزارن جو احوال سمايل هيو، سندس بيمارين جو قصو شامل هيو. هڪ التجا هئي. هڪ آهہ هئي.

دانيال سائرس کي ڊگهي عمر جي دعا ڏني. اهو 90 سال جيئرو رهيو. عرشنا زندگيءَ جي ڏاڪڻ جي ٻاويهين ڏاڪي تي ڪنڌ جهڪائي ويٺل هئي. اها ٿڪل هئي، ڪيس مٿي چڙهڻ جيتري قوت نہ هئي. سندس منهن جو رنگ توريت جي پراڻن پنن جيان پيلو هيو.

*(هلندڙ)*






## امين پٺو

اکين ۾ خواب ٿاڪيندي
اها ڪاٿي پريءَ آهي
اها ڪاٿي ڇريءَ آهي
پريندي گهاءَ هئي جيڪا
نگاهون نور هيون جنهن جون
ڏنگيندي وار کولي هئي
کلڻ جنهن جو ڪٽوري هو
ملڻ جنهن جو هو معشوقو
نظم جيڪا هئي لکندي
۽ حافظ ياد هوندو هئس
رباعين وانگي لڳندي هئي
بدن انبڙين جيان ڪچڙو
انگن ۾ طلسمي جادو
اچي ويجهو ڇڪيندي هئي
سمورا غم لٽيندي هئي
اکين ۾ خواب ٿاڪيندي
جذيرن جو ۽ ڏس ڏيندي
وئي ٿي گم ڪٿي آهي
اها ڪاٿي پريءَ آهي
اها ڪاٿي ڇريءَ آهي؟؟



پرويز



# عشق جا ابابيل...

"پي پي...."
"....."
"پي پي.... پي پي...."
"......."
"پي پي... پي پي پي پي .... پي پي ....."
"......"

مون ٽيون ڀيرو موٽر سائيڪل جو هارن نسبتاً لاڳيتو وڄايو، پر تڏهن به هُن مون ڏانهن ڪو توجهه ڪونه ڏنو. آئون ڏاڍو پريشان ٿيس. پرائي مائي! سا به نوجوان ڇوڪري!! اُن سان گڏ هيءَ حقيقت به سورنهن آنا سچ ته هن ڳوٺ ۾ رهندڙ برادريءَ جا ماڻهو ويڙهاڪ ۽ جهڳڙالو. جهيڙي لاءِ هر وقت تيار. بس رڳو ڪو معمولي بهانو ملي وڃين. پوءِ ته ننڍا وڏا، پوڙها پڪا، ٻار ٻچا، رنين آهرين، سڀ ڪو مرڻ مارڻ لاءِ اصل تيار. هاڻ ڇا ڪريان!؟

هُوءَ سندن ڳوٺ ڪان فرلانگ ڪن پري لنگهندڙ پڪي لنڪ روڊ جي پاسي ڪان ٻارڻ لاءِ ڇار جون ڪانيون ڪهاڙيءَ سان وڍي روڊ جي پرسان ڇڏيندي پئي ويئي. هيءُ ڳوٺ ڀهراڙيءَ جي اڪثر بدحال ڳوٺن جي پيٽ ۾ گهڻو خوشحال ڳوٺ هو. ۽ منجهس اڪثر پڙهيل ماڻهو به رهن ٿا. پر پوءِ به سندن عورتون ٻنيءَ ٻاري جي ڪم سان گڏ مال ڍور جو ڪم ڪار ۽ ڪاٺي ڦانگو هٿ ڪرڻ ۾ رڌل هونديون هيون. جانورن جي علاج جي بهاني سان منهنجو اڪثر هن ڳوٺ ۾ به اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو هو.

جيڏي مهل آئون اتي پهتو هوس، تيڏي مهل روڊ سڄو بلاڪ هيو ۽ ڪٿان به موٽر سائيڪل جي واپسي موٽڻ جي جاءِ ڪانه هئي. لاچار مون ڪي موٽر سائيڪل جهلي بيهڻو پئجي ويو.

هاڻ ڇا ڪجي؟

آئون وٽرنري ڊاڪٽر آهيان. تڏهن هڪ ننڍي شهر جي جانورن جي اسپتال ۾ سرڪاري ڊيوٽي ڪندو هوس. مونکي هن اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪندي ڇهه سال ٿي ويا هئا. تنهن ڪري آس پاس جي اُن ڏهن ميلن اندر رهندڙ تقريباً سڀني ڳوٺن جي ماڻهن سان چڱا خاصا واسطا ٿي ويا هئا. اُن ڏينهن به اسپتال ۾ ويٺو هوس جو ٽي ميل ڪن اڳيان هن روڊ جي ڇيڙي تي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ ڀاڳيءَ فون ڪئي هئي ته سندس مينهن جي ويامڄڻ جو ڪيس ڏورو مُنجهي پيو آهي، سو مهرباني ڪري اچي ڏسو. اوڏيءَ مهل آئون اوڏانهن وڃي رهيو هوس. پري ڪان ڏٺم ته ڪا مائي ڪانيون وڍي رستي جي پاسي تي اڇلائيندي پئي ويئي. سو مون پري ڪان ئي هارن وڄائڻ شروع ڪيو، مائيءَ مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ جيستائين آئون اُن تائين پهچان، پاڻ ٽڪرو ٽڪرو ڪانيون اڇلي سڄو روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيائين. يعني بنا ڪنهن شڪ گمان جي، هيئن چئي سگهجي ٿو ته هُن مون ڪي سڃاڻي پوءِ ڄاڻي واڻي روڊ بند ڪيو هو . ۽ هاڻي باوجود هارن وڄائڻ جي، مون ڏانهن ڪو توجهه ئي ڪونه ٿي ڏنائين. هيءُ رستو به ڪو هڪ شهر ڪان ٻئي شهر ڏانهن ويندڙ مصروف روڊ ڪونه هو. هيءُ رستو هڪ لنڪ روڊ هو جيڪو عام پڪي رستي ڪان چار ميل پري هڪ وڏي ڳوٺ تائين ويندڙ ڀهراڙيءَ جو رستو هو. جنهن تان ڪنهن ڪنهن وقت ڪا موٽر سائيڪل، ڪا رڪشا يا ڪا سوزوڪي وين موٽي ٿي، نه ته ٻيو مڙئي ٺيو خير. ڏينهن جا 11:00 ٿيا هئا ۽ فيبروريءَ جو ٻيو هفتو ختم ٿيڻ وارو هو.

مائيءَ سان ڳالهائي جهيڙي جي رِسڪ کڻڻ منهنجي جاءِ تي، پر هيئن ٿلهو پرائي مائيءَ جي پاسي ۾ بيهڻ به ته خطري ڪان خالي نه هو. تنهن ڪري، ماٺ ڪري واپس وري پوئتي وڃڻ ڪان بهتر سمجهيم ته مائيءَ سان ڳالهائجي. پوءِ جيڪو ٿيندو، تنهن ڪي مُنهن ڏبو.

آئون انهيءَ لنڪ روڊ تي اڪثر پيو ايندو ويندو هوس. ڇو ته ڇئن ميلن جي انهيءَ لنڪ روڊ تي ۽ انهيءَ لنڪ روڊ مان نڪرندڙ ڳاڏا واٽن تي ڪُجهه جيترا ڳوٺ هئا. جن جا رهندڙ ڀاڳيا منهنجا گراهڪ هئا ۽ جيئن ته گهڻا غريب ۽ هاري طبقي سان واسطو رکندڙ هئا. تنهن ڪري منجهن گهڻو ڪري پردي جي پابندي ڪانه هئي. اڪثر عورتن ڪي سندن ڪرت وهير، لاباري، مال چارڻ يا ڪانيون ڪرڻ دوران گسان پنڌان پيو ڏسندو هوس. سو مون ڪي لڳو ته هيءَ نوجوان ڇوڪري به هن ڪان اڳ ۾ به ٽي ڀيرا منهنجي ڏٺل هئي ۽ اهو به ته هڪ ڀيرو هن ڇوڪريءَ مون ۾ گهوري نهاريو به هو. اُن بنياد تي ٿورو مطمئن ٿيس ته هيءَ منهنجي رستا روڪ هُن ڄاڻي واڻي ڪئي آهي، تنهن ڪري جهيڙي جا امڪان گهٽ هئا. سو ٿورو ڪنگهڪار ڪري، نڙيءَ صاف ڪري چيم،

"هاڻ ڀلا رستو ڪول ته هيءُ غريب ماڻهو لنگهي وڃي. الاجي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏني پئي وڃي."

"جي رستو نه ڪوليان ته ڇا ڪندين؟" داٻو ڏيندي چيائين، پر مون ڏانهن نهاريائين ڪونه.

"ته پوءِ هيڏانهن نهار ته ٻيٺو تنهنجي منهن ۾ نهاريان. ٻيو ڀلا آئون تو ڪي ڇا ڪندس."

"اڳي ڪڏهن ڪا ڇوڪري ڪونه ڏٺي اٿئي ڇا؟"

"ها، پر اڄ ڊوڪري تنهنجو منهن ڏسان." سندس نرم ڀوندڙ لهجي جي ڪري منهنجي همت وڌي ويئي.

"ڊؤ ڪري ڏسڻ وارن جو ته نهيو، پر رڳو اک ڪٽي نهارڻ وارن جو حشر ڳوٺ وارا ڪهڙو ڪندا آهن، سا خبر اٿئي؟" وري داٻو ڏنائين.

"تو ڪي جيڪو وڻي سو پلي ڪر، باقي ٻين هٿان بي عزتو نه ڪرائجانءِ."

"ڇو، ٻين هٿان ڇونه؟"

"ڇو ته مون ڪي ڏسي پوءِ تو پاڻ ڄاڻي واڻي رستو بند ڪيو آهي. ان ۾ منهنجو ڏوهه ڪونهي جو ٻين هٿان بي عزتي ڪرائين."

لاجواب ٿي ويئي.

پوءِ ڪجھ پل ترسي چيائين، ”چئبو تہ اھا ڳالھہ آھي.“ ائين چئي منھنجي مون طرف ڪري مون ڏانھن نھارڻ لڳي.

اوڏي مھل نہ رستي تان ڪو ايندڙ ويندڙ ماڻھو نظر ٿي آيو ۽ نہ ئي ڪير آس پاس ۾ ٻنين تي موجود ھو. پريان، گھڻو پريان ٻنين ۾ مال پئي چريو. پرانھن جا دراڙ بہ اسان ڪان گھڻو پري ھئا. سو ٿورو پڙُ ھلڪو ٿيو ۽ منھنجي دلچسپي بہ وڌڻ لڳي.

”واھ! سبحان الله. واقعي ناھڻ واري توکي سونھن بخشي آھي.“ مون سندس تعريف جا ڍُڪ ڀريان. پر پاڻ مون کي نظرانداز ڪري پڇيائين:

”مون ٻڌو آھيم تہ مال جو ڊاڪٽر آھين. سو رڳو ڍورن جو علاج ڪندو آھين يا ماڻھن جو بہ ڪندو آھين؟“

”الاجي اھو وري ڪھڙو مريض آھي، جيڪو مون ڪان ٿو علاج ڪرائي؟“ حيران ٿيندي پڇيومانس.

”حال ھڪيو تہ آئون آھيان. منھنجو علاج ڪر.“ ڏاڍو قربائتو ماڻو ڪندي چيائين،

”اڇا! تہ اھا ڳالھہ آھي. ھاڻ ڳالھہ ٻڌ. ھونئن تہ علاج لاءِ اسپتال اڇٽو پوندو آھي. پر توسان خاص رعايت ٿو ڪريان تون ھتي ئي ٻڌائي تہ توکي ڇا ٿو ٿئي؟“

مون سندس سراپا تي نظر وڌي. پڳھر ۾ شل ھئي. چار جو ھڪڙو ننڍڙو سائو پن سندس پڳھر ھاڻيءَ مِٽَ تي چپڙيو پيو ھو. ڪھاڙي سندس ھٿ ۾ ھئي. چارين مان اٽندڙ دَزَ سندس اڌ اگھاڙين ٻانھن، مٿي ۽ منھن تي نمايان پئي ڏسڻ ۾ آئي. سوير ڪان ڪانيون وڍڻ جي ڪري ھوءَ ساھہ منجھي پئي ڪٽي ۽ ھاڻي مس مس وڃي سندس ساھہ سانتيڪو ٿيو ھو. سندس جسم تي لان جو اوچي پرنٽ وارو شھري وڳو پاتل ھو ۽ پوتي مٿي تي اوڍيل ھجڻ بدران سندس ڳچيءَ ۾ پيل ھئي. سندس نرڙ تي پڳھر جون بوندون لاڳيتيون ظاھر پئي ٿيون. ھُن پنھنجون اکيون منھنجي اکين سان اٽڪائي ڇڏيون. سندس اکين ۾ ھڪ نرالو جھان آباد ھو. جنھن ۾ پيار جي پَلَرَ جي پالوٽ ٿي رھي ھئي. جنھن ۾ ترنگ جا تاڙا تنواري رھيا ھئا. جنھن ۾ محبت جي مستي مخمور ٿي رھي ھئي. جنھن ۾ عشق جا ابابيل اڏري رھيا ھيا ۽ جنھن ۾ عابده پروين ”مين يار دي گھڙولي ڀردي“ ڳائي رھي ھئي.

”جي اِھو بہ آئون ٻڌايان تہ مون کي ڇا ٿو ٿئي تہ پوءِ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ضرورت ڪھڙي؟ پوءِ تہ سڌو سنئون ميڊيڪل اسٽور تي وڃي چئجي تہ مون کي فلاڻي درد جي دوا ڏي. ايتري تہ انھن کي بہ خبر آھي تہ مٿي جو سور پونستان گوريءَ سان گھٽجي سگھي ٿو. پوءِ ھي اسپتالون ڇو نھيون آھن؟ ڊاڪٽر ڇا جي لاءِ ٿيا آھن؟“

حال ھڪيو تہ منھنجا بہ تاڪ لڳي ويا. پر ڏڪ پچائي، ڳيتون ڏيئي چيم،

”اُھي اڳوڻي زماني جا ڏاھا ۽ ڄاڻو حڪيم ھئا جيڪي ماڻھوءَ کي پري ڪان ايندو ڏسي ٻڌائي سگھندا ھئا تہ توکي ڪھڙو درد آھي. ھاڻي جيڪي ڊاڪٽر ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪن ٿا، يا جيڪي استادن ڪان گن پوائنٽ تي مارڪون وٺن ٿا يا جيڪي پئسن تي ڊگريون حاصل ڪن ٿا، تن، اسان جھڙن ڊاڪٽرن کي ڪھڙي سڌ سور جي! اسين جيڪي لئيءَ مان لٽ ڀڄي ڊاڪٽر ٿيا آھيون، سي ڇا ڄاڻون تہ ڪنھن جي دل، ڪنھن جي اوسيئڙي ۾، ڪيئن رستا روڪ ڪريو، گس بند ڪريو، ڳوڙھن جا ڪبوتر پئي اڏئيندي آھي تہ ڪڏھن ٿا پرديسي پرين ھن واٽ تان واھرو ڪن... اسين تہ ڏُڪڙيا ڊاڪٽر آھيون. سو جي ڏُکو لڳو تہ واھہ واھہ جي نہ لڳو تہ ڏوھہ وري بہ مريض جو ڪنداسين تہ ’اسان تہ توکي چيو ھو تہ گوريون پاڻيءَ سان وٺجانءِ، تو ڪير سان ڇو ورتيون. پوءِ فائدو ڪيئن ٿيندو!‘

ڦھريون ڀيرو مُرڪَ سندس سڻين چپن تي ’ڏانديو راند‘ ڪيڏڻ لڳي، ساڄي ھٿ سان پنھنجي نرڙ تي گڏ ٿيل پڳھر اگھيائين. تھائين وڏيڪ گھوري منھنجي اکين ۾ نھاريائين ۽ لاڳيتو پئي نھاريائين. مرڪ جي ڏانديو راند جاري ھئي. آئون پڻ سندس گھورجي سحر ۾ گھائجي سُن ٿي ويس...

ڪي ساعتون... الجي ڪيتريون ساعتون، يا صديون گذري ويون. زمان ۽ مڪان مٽجي ويا. وايومنڊل تبديل ٿي ويو. رُتيون ايندڀون ويندڀون رھيون. سانوڻن جا اوھيرا وسندا رھيا. سيارن جا پارا پوندا رھيا. ڪڏھن ڪنول ٽي ٽڙيا تہ ڪڏھن موتيا ٽي مھڪيا. ڪڏھن سرنھن پيلا گل ٿي جھليا تہ ڪڏھن سارين جي سائي چادرڌرتيءَ تي وڇائجي ٿي ويئي. ۽ آئون انھن زمانن ۽ مڪانن کي لتاڙي وڃي ٽنڊو ڄام جي زرعي يونيورسٽيءَ جي وٽرنري فيڪلٽيءَ ۾ پھتس، جتي منھنجي تعليم جاري ھئي. ان عرصي دوران، ھڪ ڏينھن جڏھن ڪالوني اسٽاپ تان بس ۾ چڙھي حيدرآباد ٿي ويس، تڏھن مون سان گڏ بس ۾ چڙھندڙ ٻين پيسينجرن سان گڏ ”مھڪ“ بہ چڙھي ھئي. ھوءَ يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ڪنھن پروفيسر جي ڌيءَ ھئي. اُن ڏينھن اسانجي اکين پاڻ ۾ نينھن جا ناتا جوڙيا ھئا. جيڪي پوءِ پاڻ ۾ جُڙندا ئي ويا. پختن پيچن ۾ تبديل ٿيندا ويا. واعدا اقرار ٿيندا رھيا. گڏجي جيئڻ مرڻ جا قول قرار ٿيندا رھيا. منھنجي تعليم مڪمل ٿي. قسمت سان ڊيوٽي بہ ملي ويئي. پوءِ جڏھن منھنجي طرفان مھڪ جي مائٽن ڏانھن پرڻي جو پروپوزل پھتو، تڏھن پراڻي ۽ دقيانوسي سوچ موجب، اسانجي وچ ۾ Living Standard جي فرق کي سبب ڄاڻائي مون ڪان مھڪ کي ھميشہ لاءِ ڌار ڪيو ويو. اھو سوچي تہ متان نہ مھڪ ڪو انتھائي قدم کڻي، سندس مائٽن ھڪ مھيني اندر ئي، اتي رھندڙ ٻئي پروفيسر جي آفيسر پٽ سان ڪيس پرڻائي ڇڏيو ھو....!

مون کي خيالن ۾ ڪوئجي ويل ڏسي چيائين، ”ڍورن جا ڊاڪٽر، تنھنجو ڏُکو اڄ لڳي ويو. الاھي، الائي ڏينھن ڪان، جڏھن ڪان ڪنھن، ڪنھن کي ڦھريون ڀيرو ڏٺو ھو تڏھن ڪان سڄيون راتيون ھورا ڪورا جي ور چڙھيو وڃن. ننڊ ڪانہ ٿي اچي. ڀلا ٻڌائي انھيءَ بيماريءَ جو علاج ڪھڙو آھي؟“ موھيندڙ مرڪ اڃا بہ سندس چپن تي وڙڪي رھي ھئي.

”اھا بيماري ڪا عام بيماري ڪانھي. انھيءَ وچڙندڙ بيماريءَ جا جيوڙا تڏھن ڪان ھلندا پيا اچن جڏھن ڪان انسان وجود ۾ آيو آھي. انھيءَ بيماريءَ جي علاج ۽ ٽيسٽن لاءِ لاڳيتو سوچڻو پوندو. ھونئن بيمار جو نالو ڇا آھي ۽ ڌيءَ ڪنھن جي آھي؟“

”نالو نہ ٻڌايان تہ!“ دلربائيءَ سان ڏاڍو پيارو ماڻو ڪيائين.

”سڄاڻپ جي ڪتاب ۾ داخلا تہ نالي سان ئي ٿيندي آھي نہ. باقي ھونئن دل جي دفتر ۾ تنھنجا نيڻ نقشا ائين چٽجي ويا آھن، جيئن نٽي واري بادشاھي مسجد جي چٽسالي، جيڪا صديون گذرڻ ڪان پوءِ بہ جيئن جو تيئن نئين نڪر آھي.“

”نيڻ تارا... (ڦھريون ڀيرو کِلَ جي جِھرٽي چٽڪات ڪيو) نيڻ تارا ڌيءَ طارق علي...“ شرمائجي نگاھہ ھيٺ ڪري ڇڏيائين.

”جھڙي صورت سبحان، تھڙو پؤتر ۽ پيارو نالو. واھہ، سبحان الله.....“

پريان ڪان ايندڙ سوزوڪيءَ جي گوڙ ٻڌڻ سان اسانجا ڪن کڙا ٿيا. نيڻ تارا رستي تان چارين جا ڍينگھر ھٽائڻ لڳي. ۽ آئون گس آجو ٿيندي ئي روانو ٿي ويس. ويندي ويندي چيم: ”آئون سياڻي ساڳئي ٽائيم تي وري ايندس.“

۽ اھا رات، مون سڄي رات جاڳي گذاري ھئي. اوسيئڙي جي عذابن جي ٽاندن تي ھلندي نہ، وڇوڙي جي ڪاريھري ھٿان ڏنگھجندي نہ پر، نيڻَ تارا جي ھن نموني ۾ پيار جي آڇ جي سور ۾ مخمور ٿيندي. سندس مرڪ جي سحر ۾ وھلور ويندي. سندس سراپا جي حسن جي حسين وادين ۾ سير ڪندي ۽ سندس بيباڪي ، برجستائي ۽ بي ڊپائيءَ واري قدم جو قدر ڪندي سڄي رات خوشيءَ ۾ ٽڙندو رھيس. ائين صبح ٿي ويو، پر نہ ٽڪ محسوس ڪيم ۽ نہ اوجاڳو.

ڪلھوڪي ڳوٺ ۾ اڄ وري وڃڻ جو بھانو ڪلھہ ئي ٺاھي آيو ھوس. سو تقريباً ڪلھوڪي ٽائيم تي موٽر سائيڪل کڻي روانو ٿي ويس. نيڻ تارا اڄ بہ ساڳئي ھنڌ تي ٻيٺي ڪانيون وڍيون. پر اڄ روڊ بلاڪ ڪرڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي ھئائين. ۽ مون بہ ٻنا ھارن وڄائڻ جي موٽر سائيڪل آھستي آھستي آڻي سندس پاسي ۾ جھليو. ھيڏانھن ھوڏانھن لؤنٽا ڦيرايم پر اڄ بہ آس پاس ۾ ڪير بہ موجود ڪونہ ھو.

”اڄ تہ گس کليو پيو آھي، پوءِ ڇو بيھي رھيو آھين؟“ منھجي منھن ۾ نھاري مُرڪي چيائين، ”ڦھرين تون ٻڌائي، ڪلھہ تو منھنجو گس ڇو بند ڪيو ھو؟“ مون بہ مرڪندي پڇيو.

”الاجي. مون کي خبر ڪانھي.“ شرمائيندي اکيون پوري وري ڪوليائين ۽ وري ڪنڌ ھيٺ ڪري ڇڏيائين.

”الله سائين، تنھنجي قدرت ڪيڏي نہ حسين آھي.“ سندس شرمائي ڪنڌ ھيٺ ڪرڻ مون کي ايڏو تہ وڻيو جو بي اختيار منھنجي اندر مان دانھن نڪري ويئي.

نيڻ تارا آھستي آھستي ڪنڌ مٿي کنيو ۽ سندس نيڻن جا تارا ھڪ ھنڌ بيھي ھڪي ٽِڪَ مون کي تڪي رھيا ھئا. سندس نھارَ ۾ الاجي ڪھڙا ڪھڙا سنيھا ھئا، نياپا ھئا، پيغام ھئا، التجائون ھيون، ارمان ھئا ۽ الاجي ڇا ڇا ھو. نيڻَ تارا لاڳيتو مون ڏي نھاريندي

رهي. چوڻ لاءِ سندس چپ ڦڙڪي رهيا هئا، پر ڪجهه چئي ڪونه پئي سگهيا. هوءَ ڏاڍي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي. مون هُن جي، ڀهراڙيءَ جي حجاب کي پروڙي ورتو هو. اهڙن موقعن تي سنڌ جي ڀهراڙيءَ جي ڇوڪري هندي فلمن وانگر پنهنجي چاهت جو کلي هام ۽ وڏي واڪي اظهار تہ نٿي ڪري سگهي نہ. هُن لاءِ تہ، ڪلهوڪو عمل ۽ اڄ وري اچڻ ئي سندس اٿاهہ پيار جو اظهار هو. سو مون سندس جذبن جي ترجماني ڪندي چيو،

”نيڻ تارا، آئون.... آئون تنهنجي هن پيار جي پالوٽ جو دل سان قدر ڪريان ٿو. آئون بہ توسان وعدو ٿو ڪريان تہ ڪڏهن بہ توسان ڪچي ڪانہ ڪندس. نيڻَ تارا... نيڻَ تارا.... سچ پچ تہ مون کي اُهي لفظ ئي نٿا هٿ اچن، جن سان آئون پنهنجي پيار جو اظهار ڪري سگهان. آئون توکي ڪيئن ٻڌايان تہ پنهنجي پيار جي پهرين رات، مون ڪيئن آسمان ۾ اڌامندي گذاري آهي. تنهنجي داٻن، تنهنجي يادن، تنهنجي ماڻن ۽ تنهنجي مُرڪن جا جهول ڀري سڄي رات سرور ۽ خمار ۾ مون اکين ۾ ويهي وهائي ڇڏي آهي. ۽.... ۽...“

”هاڻ نهيو نهيو...“ منهنجي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽي وري پنهنجي مُنهن سندن برادريءَ ۾ ڳالهائجندڙ لهجي ۾ چيائين، ”الائي ڪُرو ڪُرو ٻولي تو. مون کي تہ ڪي نائين سمجهہ مر اچي تو رِيو.“ (الاجي ڇا ڇا پيو چوي. مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.)

”نيڻ تارا.... پيار جو اظهار لفظن جي معنيٰ جو محتاج ڪونہ هوندو آهي. پيار جون نديون تہ نيڻن جي تارن مان ڦٽي نڪرينديون آهن. پيار جا چشما ڇهري جي ياوناءن مان اُڪي نڪرندا آهن. ۽ نيڻ تارا.... تنهنجي طرفان پيار جي واديءَ ڏانهن وڌايل وک ۾ هر قدم تي تنهنجو ساٿ ڏيندس. اهو منهنجو توسان وچن آهي.“

”ڊورن جا ڊاڪٽر، ايڏيون وڏيون دعوائون نہ ڪر ۽ نہ ئي ايڏي وڏي خوش فهميءَ ۾ وهلورجي وڄ. اسين ماٺهو ڏاڍين ڏکين حالتن ۾ رهيا پيا آهيون. منهنجي برادريءَ جا ماڻهو ڏاڍا ڏنگا آهن. نہ رڳو منهنجي برادري جا ماڻهو، پر هر ماڻهو. هر پيار جو دعويدار ماڻهو ئي پيار جو وڏو ويري آهي. جيڪا شيءِ هو پنهنجي لاءِ جائز قرار ڏي ٿو، سائي شيءِ پنهنجي گهر ڀاتين لاءِ ناجائز، ڪفر ۽ ممنوع قرار ڏي ٿو. تنهن ڪري اسين ماڻهو، جيڪي ريتن، رسمن، دين ۽ ڌرمن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل هوندا آهيون، جوش ۽ جنون ۾ جڪڙيل هوندا آهيون، سي ايڏيون وڏيون دعوائون ڪٿي پاري سگهنداسين. سپاٽي ايئن نہ ٿئي جو پنهنجي ڪيل قولن جي ٻولن ۾ ٻڌ جي پنهنجون زندگيون زهر بنائي ويهي رهون. پنهنجو جيئڻ روڳ بنائي ويهي رهون. تنهن ڪري آئون ڊڄان ٿي ايڏي وڏي هام هڻڻ کان.“

”ايڏين وڏين حقيقتن جي ڄاڻ هوندي بہ تہ تو پيار جي پيچري تي پهرين وک کنئي آهي. ڇا اها همت گهٽ آهي؟ ڇا ان کان وڌيڪ بہ ڪا دليري ٿي گهي تي؟ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ تہ ننڍڙو ٻار بہ نانگ ۾ هٿ وجهي سگهي ٿو. پر جيڪو ڄاڻي ٻجهي بہ، تہ نانگ زهريلو جيوَ آهي ۽ سندس ڪکيل مري بہ سگهي ٿو. پوءِ بہ ان کي جهلي ٿو تہ اهو ئي دلير چئبو نہ! سوچي تون سچ پچ ڊڄين ها تہ ڪلهہ منهنجو رستو ڪونہ روڪين ها.“

”اُها تہ مڙيئي مون دل لڳي تي ڪئي. اهڙيون شرارتون تہ اسين ڳوٺ جون ڇوريون گڏجي سڏجي ڪنهن آلي پولي ڇوري ڇنپ سان ڪنديون آهيون ۽ پوءِ هو پيو خوار ٿيندو آهي.“ هن ڪلندي چيو.

”جي ايئن هو تہ پوءِ تون اڄ ڇو آئي آهين؟“ مون سندس اکين ۾ نهاريندي چيو.

”الاجي ڇو آئي آهيان. مون کي ڪهڙي خبر؟“ هُن جي ماٺي سان منهنجي نري پيئي. هوءَ بہ منهنجي اکين ۾ نهارڻ لڳي. سندس اکين ۾ هڪ حسني ڪائنات وسيل ۽ آباد هئي. چيائين:

”ها سچي، آئون تہ ڪاٺيون ڪرڻ آئي آهيان.“ هُن ڪنڌ ڦيري ٻئي پاسي ڪندي چيو.

”هيڏانهن نهار.“ چيم. هُن مون ڏانهن نهاريو.

”منهنجي اکين ۾ نهار.“ هُن منهنجي اکين ۾ نهاريو.

”هاڻ چؤ تہ ڪلهہ تو مون سان مذاق ڪيو هو ۽ اڄ تون رڳو ڪاٺيون وڍڻ آئي آهين. منهنجي لاءِ ڪونہ آئي آهين.“ چيم.

”اون... هون...“ هن پنهنجي اکين تي هٿ رکي ڇڏيا ۽ ڳالهہ لنوائڻ لڳي.

”چڱو، ٺيڪ آهي. جي تو سچي پچي مذاق ٿي ڪيو تہ پوءِ آئون هلان ٿو.“ ڏنم تہ ڦٽڪي پيئي. هڪدم اکين تان هٿ لاهي، سنجيده ٿي ويئي. هڪدم وڏي اچي موٽر سائيڪل جي ٻنهہ اڳيان بيٺي. سندس چپ ٻيهر ڦرڪڻ لڳا، پر هوءَ ڪجهہ چئي ڪانہ سگهي. اُن تُڻ ۽ هورا ڪورا سندس اکين مان جهاتيون پائڻ لڳي. پوءِ هڪ ڀرپور نگاهہ مون تي وڌائين ۽ چيائين،

”ايئن تہ ڏکيو ٿي وڃڻ ڏيانءِ.“

”پوءِ پلا هيئن، سرعام رستي تي گهڻي دير بيهي سگهجي ٿو؟“ پڇيومانس. ”پنهنجو هيءُ عمل تہ ڪيڏي مهل بہ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.“ مون ڳڻتي ظاهر ڪئي.

”ها، ايئن تہ آهي. واقعي رستي تي بيهي ڪچهري ڪرڻ، گهڻو وقت پاڻ کي ڦٻي ڪونہ سگهندو.“ پاڻ بہ فڪرمند ٿي ويئي.

”پوءِ ڇا ڪجي؟“ پڇيومانس.

”الاجي. مون کي تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.“ چيائين.

”تون ئي ڪو گس ڳول.“

”ٺيڪ آهي. آئون بہ سوچيان ٿو ۽ تون بہ سوچ. وري ايندڙ آچر تي هن ٽائيم تي هتان لنگهندس. پوءِ هالي احوالي ٿينداسين، ٺيڪ. پوءِ آئون هاڻ هلان.“

”دل تہ نہ ٿي چئي.“ قربان قربان ٿيندي چيائين.

”ڪڏهن ڪڏهن دل کي مڃائبو بہ آهي.“

”۽ ڪڏهن ڪڏهن دل ٻنهہ بي ڇئي ٿي پوندي آهي.“ شرمائيندي چيائين.

”تورو ويجهو ٿي.“ چيومانس. هوءَ بہ قدم ڪٽي مون کي ويجهو ٿي.

ٻانهن کان جهلي، ڇڪي اڃا بہ ويجهو ڪيومانس.

”اونهون... اونهون....“ ڦٽڙا ٿيائين. پر ٻئي لمحي پاڻ ارپي منهنجي ٻانهن جي جهولي ۾ جُهلي پيئي.

مون موٽر سائيڪل کي ڪڪ هنئي ۽ هُوءَ سندس پوتيءَ سان پنهنجي مِٽَ اگهڻ لڳي.

*

آئون طارق عليءَ کي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

هو ٺيڪيدار بہ هو. ٿورڙي زمين هيس. بہ ٽي ڊور بہ هئس. ۽ آئون ڊورن جو ئي سهي، پر ڊاڪٽر هوس. اسانجي زندگيءَ جو معيار تقريباً ساڳيو هو. پر مون ڏٺو تہ هو برادريءَ جي ريتن رسمن ۾ حد کان وڌيڪ جڪڙيل هو. نہ رڳو جڪڙيل هو، پر انهن ريتن رسمن جو پابند هجڻ سان گڏ انهن جو وڪيل پڻ هو. مشرقي معاشري جي تمام وڏي اڪثريت جي مردن وانگر هن جي سوچ بہ اها ئي هئي تہ آئون جيڪي بہ ناجائزيون ڪريان، سي ڀلي ڪريان، پر ٻيو ڪير بہ ايئن نہ ڪري جيئن پاڻ ٿو ڪري.

اسانجا تعلقات وڌندا رهيا. هو اڪثر منهنجي اسپتال تي ايندو هو. جي شام جو ايندو هو تہ وري اسپتال جي پاسي ۾ ئي مسواڙ تي ورتل منهنجي رهڻ واري ننڍڙي جاءِ ۾ ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. هتي آئون اڪيلو رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن، ڪن خاص موقعن تي هو مون کي سڏي سندس ڳوٺ وٺي ويندو هوس. يا ڳوٺ جي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي ڊور ڍڳي جي علاج لاءِ سندس ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو تہ نياپو ڪري ڪيس گهرائيندو هوس. موجود هوندو هو تہ ملندا هئاسين. ڪچهري ڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ماني بہ گڏجي کائڻ لاءِ زور ڀريندو هو. جڏهن اهڙو موقعو ملندو هو، تڏهن آئون محسوس ڪندو هوس تہ ماني تيار ڪرڻ ۾، ٿانون ٿپن جي صفائيءَ ۾ ۽ سلاد جي سجاوٽ ۾ ٿيل خاص اهتمام نمايان ڏسڻ ۾ پيو اندو هو. يا اها منهنجي خوش فهمي هئي ۽ رڳو مون کي ئي ”پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي، ڪانهي ڪڙائي، چڪين جي چيت ڪري.“ وانگر ڪاڏي جي هرشيءِ مان نيڻ تارا جي هٿن جي خوشبوءَ پئي ايندي هئي.

جڏهن مون سمجهيو تہ هاڻي اسانجا تعلقات اُن خاص مقام تي پهچي چڪا آهن، جتي آئون پنهنجي دل جي منشا طارق عليءَ اڳيان رکي سگهان ٿو. تڏهن مون هڪ ٽياڪڙ دوست جي معرفت نيڻ-تارا جي گهر لاءِ طارق عليءَ جا ڪن ڪٽايا.

پوءِ ڇا هو؟ هڪڙو طوفان برپا ٿي ويو. ٽياڪڙ دوست جو اهڙو حشر ڪيائون جو هو ٻہ مهينا اسپتال داخل هو. مون کي رات وچ ۾ شهر خالي ڪري ڀڄڻو پيو. مون واري مسواڙي جاءِ کي باهہ ڏيئي ساڙيو يو. اسپتال ۾ ڀيڃ ڊاهہ ڪري در دريون، فرنيچر وغيره تباهہ ڪيو ويو. نہ رڳو طارق علي پر سڄي ڳوٺ جا ماڻهو، ماڻهوءَ بوءُ ماڻهوءَ بوءُ ڪندا شهر ۾ منهنجي ڳولا ڪندا رهيا. پر اتفاق اهڙو ٿيو جو آئون ڪنهن دوست طرفان اطلاع ملڻ تي فقط ڏهہ منٽ اڳ ۾ شهر ڇڏي چڪو هوس.

پوءِ مون کي خبر پئي تہ جڏهن نيڻ-تارا تي وحشياڻي تشدد جي انتها ٿي ويئي ۽ هوءَ وڌيڪ اذيتون سهي نہ سگهي، تڏهن هڪ رات هُن پنکي ۾ رسو ٻڌي پاڻ کي ڦاهو ڏيئي ڇڏيو هو. نيڻ-تارا جو ساٿ نہ ڏيئي سگهڻ جو پڇتاءُ اڃا تائين منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي. ■



# ڊيڪ جي آواز ۾ گم ٿيل چيڪ...



## انور شيخ

ڪار ۾ هڪ مان هيس. ۽ ٻي هوءَ- نالو ٻڌايو هئائين، 'سميرا.' پهرين ئي نهار ۾ خوبصورت ۽ پُر ڪشش لڳي هئي. جديد فيشنل ايبل ڪپڙا، هاف سليوز قميص، ڊگهي هيل وارو سينڊل، فليپر شلوار، چلڪندڙ جوين، جڏهن ڪان ملي هئي تڏهن ڪان من مستيون هيون. فليٽ جو مختصر فاصلو الائي ڇو ڊگهو ٿي ويو هو. ڊفينس موڙ وٽان گاڏي شاهراهِ فيصل تي لاهي سڌي ڪئي ته پڇيائين،

"ڇا ڪندا آهيو؟"

"زميندار آهيان."

"مون توهان جي انداز مان سمجهي ورتو هو ته توهان زميندار آهيو." ناز منجهان اکيون ٻوٽيندي چيائين.

"اهو وري ڪيئن، منهنجي منهن ۾ پيئنديون ۽ بصر تا نظر اچني ڇا؟" کلندي چيم.

"سينس آف هيومر به اٿو. ڪمپني سٺي رهندي." هلڪو ٽهڪ ڏنائين.

"سٺي ڪمپنيءَ لاءِ ته ٻوتان نڪتو آهيان. نه ته ڪمپنيون ته اتي به گهڻيون هيون." گيئر مٿائي هٿ سٽر تي رکندي چيومانس. ڪوبه رد عمل ظاهر نه ڪندي لاپرواهيءَ مان سامهون تڪيندي چيائين،

"مرد لاءِ عورت گهڻي آسان ٿي پئي آهي هاڻي."

"عشق ته ازل کان ئي آسان رهيو آهي آسودن لاءِ."

"ڇا واقعي؟"

هڪ لمحي لاءِ نهاريو مانس ته اکيون ملي ويون. ڪارين وڏين اکين ۾ جوانيءَ جي جوت ۽ جوش هيس. اندر ۾ بجليءَ جهڙي ڪا لهر لهي وئي. ڪا نواڻ محسوس ٿي. اکين ۾ اهڙو جادو هيس جنهن من ۾ مُرليءَ جو ڪو اهڙو سُرُ ڇيڙيو جو اندر جو نر نانگ ڪر ڪڍڻ لڳو. ڪا گهڙي سامهون ونڊ اسڪرين تي نهاريندي سرور ۾ ڊرائيونگ ڪندو رهيس. مون، ڪامپليڪس جي ڪار پارڪنگ پورشن ۾ گاڏي پارڪ ڪئي. هوءَ گاڏي مان لٿي. ۽ اسڪن ڪلر جو پرس هٿ ۾ ڪري اڳيان هلي. ٽائيٽ ڪپڙن ۾ بيڪ سائيڊ جو هر انگ ڏار ڏار ڏنگ هڻي رهيو هو. هلڪن نيرن ڪپڙن ۾ پورو بدن باھ جي شعلن جيان پڙڪي رهيو هوس. لفٽ ۾ ٻنهي هٿن کي جهلي ڀاڪر پاتو مانس ته چيائين، "جلدي نه ڪر هفتو پورو توسان رهنديس." فليٽ تي منهنجو نوڪر نديم موجود هيو. اندر ايندي ئي چيومانس، "چانهه جا ٻه ڪوپ تيار ڪر." مان سميرا کي وٺي ڊرائينگ روم ۾ ويهاريو. ويسٽ وال جي درين تان پردن کي هٽائي ڇڏيم. نيرن ون سائيڊيڊ شيشن مان شهر جو نظارو ڇٽو نظر اچي رهيو هو. وائيٽ صوفي تي ويني مون ڏي نهاري مشڪڻ لڳي. مون به مسڪرايو ۽ ساڻس گڏ صوفي تي ويهندي چيم،

"فليٽ ڪيئن لڳئي؟"

"فئنٽاسٽڪس. تمام خوبصورت ۽ توجيان سليقي سان سينگاريل.."

"چئبو ته مون ۾ سليقو به آهي؟"

"بلڪل، تنهنجي ڊريسنگ ۽ اُٿي ويهڻيءَ ۾ وڏي گريس آهي. ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ شائستگي ۽ بردباري آهي."

مان صوفي تان اٿي ونڊو جي ڀرسان رکيل ٻن ڪنگ ڪرسين مان هڪ تي وڃي ويٺس. ٻيءَ ڏي اشارو ڪندي چيومانس، "سميرا، اچ هن چيئر تي اچي ويهُ."

نديم ٽري ۾ چانهه ۽ بسڪٽ آڻي اڳيان ٽيبل تي رکيا ته مان بسڪوٽ چانهه ۾ ٻوڙي کائڻ لڳس ۽ چيومانس، "چانهه ۾ بسڪوٽ ٻوڙي کائڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي. پر ماڻهن کي الائي ڇو اعتراض هوندو آهي؟"

"ها مون به ٻڌو آهي ته سنڌي جٽ آهن جو اجان به بسڪوٽ چانهن ۾ ٻوڙي کائين ٿا. هر ڪنهن جي پنهنجي مرضي. جيئن وڻيس تيئن ڇون. آخر ڪنهن ڪنهن سان جهيڙو ڪبو؟"

"رات جو ڇا پروگرام آهي؟" اکين ۾ تڪيندي پڇيو مانس،

"مان ته تنهنجي وس آهيان، پروگرام ته تون ٻڌاءِ، حڪم ته تنهنجو ئي هلندو."

"وسڪي پيئندي آهين؟"

"توکي پياريندس پنهنجي هٿن سان، جيڪڏهن تون چاهيندي ته؟"

اهي لفظ اندر ۾ لهي ويندڙ اهڙي ادا مان چيائين جو مون کي سگريٽ دکائڻو پيو. دونهين جو گولو ناهيندي پڇيومانس، "سگريٽ جو دونهون توکي خراب ته نه ٿو لڳي؟"

"منهنجو فرض آهي ته تنهنجي وقت کي آسان ۽ آسائتو بڻايان. توکي خوشيون ڏيان پنهنجي موجودگيءَ سان. تون منهنجو فڪر نه ڪر. مون کي سڀ ڪجهه سٺو لڳندو جيڪو تون ڪندين."

رات جو جڏهن روم ۾ شراب جي هلڪن نشن سان سميرا سان گڏ سُتس ته هيل تائين هيڏي هوڏي جيڪي به راتيون گذاريون هيم. هيءَ رات سڀني ۾ الڳ لڳي. سڀ ڪجهه حاصل ٿيندي به ڇڻ وڃائيندو ٿي ويس. هن جي ويجهو ويندي ويندي ڇڻ الوپ ٿيندو پئي ويس. سميرا جي وجود ۾. صبح جو جاڳ ٿي ته رات جي مستيءَ جا اولڙا ذهن ۾ جرڪيا پئي. تن

بدن ۾ سرور سان گڏ هلڪو هلڪو مٺو مٺو سور به هو. ڪچن ۾ چانهه ٺاهي رهي هئي پويان وجي ڀاڪر وڌو مانس ته چانهه ڪوپن ۾ وجهندي منهن ڦيرائي منهنجي ڳل تي مسڪرائيندي چمي ڏنائين پريل نرم بدن کي ٻانهن ۾ جڪڙيندي پويان ڪنڌ تي زبان ڦيرائيندي چيومانس، ”مون سان پهرين رات ڪيئن لڳئي؟“

”توهان جا انداز سوبر (Sober) آهن توهان وانگر شائسته.“

چانهه جا ٻه ڪوپ ۽ ٻه گلاس پاڻيءَ جا ٽري ۾ رکي ڊرائينگ روم ۾ ٽيبل تي رکيائين مان پاڻي پي چانهه جو ڍڪ ڀريندي چيومانس، ”نوڪر هوندي توکي چانهه ٺاهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

”ضرورت هئي تڏهن ته ٺاهيم. الائي ڇو جڏهن به مان ڪنهن وٽ وڃي رهندي آهيان ته منهنجي اندر جي عورت چاهيندي آهي ته مان عورتن وارا اهي سڀ ڪم ڪيان، ناشتو ٺاهيان، مڙس کي تيار ڪري آفيس روانو ڪيان ۽ پوءِ گهر جا ڪم اُڪلائي مڙس جي گهر اچڻ جو اوسيئڙو ڪيان.“

منهنجي منهن ۾ نهاريندي حسرت منجهان چيائين،

”مان ڪلندي صوفي تي ويٺل سميرا جي رانن تي مٿو رکي سمهندي هن جي ڪليل وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي منهن ۾ تڪيندي چيومانس، ”پر مان ته آفيس وڃڻ وارو ڪونه آهيان ۽ نه ئي تنهنجو مڙس آهيان.“ ڪنڌ هيٺ ڪري منهنجي اکين ۾ تڪيندي چيائين، ”مان پنهنجي خوابن ۽ خواهشن جي ڳالهه ڪئي، حقيقت جي نه.“

مان هن جي ڪنڌ ۾ ٻئي هٿ ورائي منهن هيٺ ڪري پنهنجا چپ سميرا جي چپن سان ملائي ڇڏيا جيڪي چرندا چرندا لذتن ۾ لهي ويا. ڳالهه جڏهن وَس کان وڌي ٿي وئي ته هن جي بدن جا سيئي انگ وڃي بيڊروم ۾ ظاهر ڪري ناشتي کان اڳ نينهن جي نيرن ڪيم.

رات جو ميڪڊونلڊ تي جڏهن سميرا سان گڏ ويٺو هيس ته ڪافي ماڻهن پنهنجون فارمي ڪڪڙين جهڙيون بيگمات گڏ هوندي به سميرا کي چور نظرن سان ضرور پئي ڏٺو توڙي جو وضع قطع ۾ مهذب لڳي رهيا هئا. ميڪڊونلڊ تي پير سائين قبلا جو ڊرائيور اوچتو اچي مٿان بيهي رهيو جيڪو سائينءَ جي مهمانن لاءِ پارسل تيار ڪرائي رهيو هو، مون سائينءَ جي پارسل ڪرايل فاسٽ فوڊ جو بل ادا ڪيو ڊرائيور غور سان سميرا کي ڏسي رهيو هو.

پير سائين قبلو اسان جي تر جو انتهائي با اثر درگاهہ جو ڌڻي آهي.

سندس اشاري تي هن جا مريد هزارن جا ڪنڌ ڪيرائي سگهن ٿا مان سائين جي تَرَ جو هزار، ٻن ايڪڙن وارو زميندار آهيان، سائين جي پارٽيءَ جو ننڍڙو عهديدار به، سائين جڏهن مهربان ٿيندو آهي ته هن جي شغلن جون ڊيوٽيون به ڀريندو آهيان. هن دفعي سائينءَ وعدو ڪيو آهي ته مون کي M.P.A جي سيٽ لاءِ ٽڪيٽ پڪ ڏيندو پر جي مجبوري تي پئي ته سينيٽر ته پڪو ڪرائيندو.

سميرا ۽ مان Sea View تي ڪجهه دير گهمي ڦري واپس فليٽ تي آياسون، سميرا کي مون وٽ هفتو رهڻو هيو تنهنڪري سڀ ڪم موڊ تي ڇڏي ڏنا هئم جلدي هرو ڀرو به ڪونه هئي، رات جو ڪمري ۾ بيڊ روم تي ٻن ويهاڻن جي ٽيڪ ڏئي سڌو اهليل هوس ۽ هوءَ پاسي ۾ صوفي تي ويٺي هئي. مون هن جي منهن ۾ نهاريندي چيو، ”سميرا، اڄ جڏهن ميڪڊونلڊ ۾ توکي ڪنهن به ماڻهوءَ گهُوري ٿي ڏٺو ته مون کي ڪاوڙ پئي آئي.“

”اڇا، پر ڇو؟“

”اهو به ڪو سوال آهي. اسين ٻهراڙيءَ جا وڏيرا زال ته پري جي ڳالهه پنهنجي ڪنهن سنگتياڻيءَ تي پيل ميري نظر به نه سهي سگهندا آهيون. ڳوٺ ۾ جيڪڏهن ڪو ائين توڏانهن تَڪي ها ته ڪنڌ ڪپي ڇڏيانس ها.“ بيڊ تي ويهندي آئون هائپر ٿي ويس.

”سچ پچ.“ ذري گهٽ رڙ ڪندي چيائين.

”بلڪل، اسان سنڌي ماڻهو عورتن کي جيتري عزت ۽ احترام ڏيندا آهيون، اهو ٻين قومن ۾ ڪونهي اسان وٽ ته ڪيترائي مثال آهن جو ماڻهن سامُهِن تان سِرَ ڏئي ڇڏيا.“

”اها سامَ ڇا ٿيندي آهي؟“

”سام اُن کي چئبو آهي ته جڏهن ڪائي عورت ڪنهن وٽ اچي پناهه وٺي يا پناهه ۾ ڏني وڃي ته پناهه ڏيندڙ پابند ٿي ويندو آهي ان جي سَتُ ۽ سلامتيءَ جو.“

”توهان عورتن جي ايتري عزت ۽ حفاظت ڪندا آهيو؟“

”پنهنجي جان کان به وڌيڪ...“

*

هوءَ ڪجهه گهڙيون خاموش ٿي وئي. ڏک ڳاڏڙ لهجي ۾ اُٿندي اچي منهنجي پير ۾ بيڊ تي ويٺي. ۽ چيائين،

”اسان جا ماڻهو عزتن کان وڌيڪ ضرورتن ۽ انهن جي حاصلات لاءِ جيئندا آهن. مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ عورتن کي پيش ڪري مطلب ڪڍڻ کي آرٽ سمجهندا آهن. توکي خبر آهي جنهن ماڻهو مون کي توهان وٽ پيش ڪيو آهي اهو ڪير آهي؟“

”ها مان امجد صاحب کي سڃاڻان ٿو، امجد صاحب جو اسان جي علائقي ۾ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ڪروڙن جو ٺيڪو آهي جتي لا اينڊ آرڊر سچوئيشن ڪري ڪيس منهنجي مدد جي اشد ضرورت پوندي آهي ۽ هينئر مون کي ڪجهه رڪيل بلن جي جاري ڪرڻ ۾ مدد لاءِ به چيو اٿائين.“

منهن تي ٿوري ٻچان آٽيندي چيائين،

”انهن بلن کي جاري ڪرائڻ لاءِ ۽ پنهنجي جان ۽ مال کي ڪو جوکو نه اچي تنهن لاءِ مون کي پيش ڪيو اٿائين تو وٽ، پنهنجي زال کي.“

”اوه، ته تون امجد صاحب جي زال آهين؟“

منهنجي حيرت واري اظهار تي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ آهستي منهنجي پيرن تي هٿ ڦيرائيندي انتهائي پاٻوهه مان چيائين،

”هڪ طرف هو آهي ۽ ٻئي طرف اوهان آهيو صرف هڪ ڏينهن گذريو آهي پوءِ به توهان کي مون لاءِ ايتري غيرت آئي جو هڪ غلط نظر به برداشت نه ڪري سگهيا. ڪاش منهنجي شادي توهان جهڙي ڪنهن غيرتمند مرد سان ٿئي ها.“ ٿوري دير خاموش ٿيندي منهنجي پير ۾ اچي سمهي پئي مٿي ڇت ۾ نهاريندي چيائين،

”امجد مون کي آفيسرن توڙي سياستدانن ڏي مڙئي موڪليندو رهندو آهي. امجد کان سواءِ منهنجو هن دنيا ۾ ڪوبه ڪونهي. بس پوءِ مجبوريءَ ۾ جيڪو چوندو آهي اهو ڪندي رهندي آهيان.“

سميرا پاسيري ٿيندي منهنجي شرٽ جا بٽڻ کوليا. سيني جي وارن سان کيڏندي چيائين، ”توهان سٺا ماڻهو آهيو. توهان سوبَر طريقي سان پيار ڪندا آهيو. پر مون کي غصو ان وقت ايندو آهي. جڏهن امجد مون کي ڪنهن اهڙي مرد ڏي موڪليندو آهي جيڪو وحشي نموني مون کي ڪتن جيئان چڪ وجهندو آهي ۽ غير فطري طريقي جي ڪوشش ڪندو آهي. تڏهن ايذاءُ مان رڙيون ڪندي آهيان. دل چوندي آهي ان وقت ٻاهر نڪري وڃي امجد کي منهن ۾ ٻجا هڻندي چوان امجد تون مرد ناهين فقط ڀڙوو آهين ڀڙوو.“

سميرا غصي مان منهنجو سينو ڇڏي ويهي رهي. رات جا ٻه ٿي رهيا هئا گيٽ تي بيل لڳي ٿوري دير ۾ منهنجو نوڪر نديم ڀڄندو آيو سهڪندي ٻڌايائين، ”پير سائين آيو آهي.“ منهنجو ته ساهه ئي سڪي ويو. پيرين اُگهاڙي بيڊ روم مان نڪتس. پير سائين لڏندو لمندو نشي ۾ ڪارِيڊور مان گذرندي ڊرائينگ روم ڏي اچي رهيو هو. مان وڃي سندس پيرن ۾ پيم. خليفو ساڻس گڏ هو. سائينءَ کي ڊرائينگ روم ۾ صوفي تي ويهاريم. پاڻ بيهي رهيم هٿ ٻڌندي عرض ڪيم،

”سائين قبلا، هن اويلي وقت تڪليف ڪئي اٿئو مون کي گهرايو ها؟“ چيائين، ”ڪراچيءَ ۾ اويلو وقت ٿيندو آهي ڇا؟ بنگلي تي اڄ سڀ رڀڙ مال آُيل هو. تو وٽ ڏس پيو ته ڪا چڱي شئي آندي اٿئي. اُتي رش گهڻي هئي تنهنڪري هتي هليو آيس.“ سائين نشي ۾ هٻڪندي ڳالهه پوري ڪئي. سائين جي خواهش آڏو اچڻ جي طاقت مون ۾ نه هئي نه ئي اهڙي مجال ٿي ڪري سگهيس. مون بيڊروم ۾ وڃي سميرا کي چيو، ”سميرا، سائين مون کي M.P.A جي ٽڪيٽ ڏيڻ وارو آهي نه ته به سينيٽر ته پڪو ٺهرائيندو. منهنجي ڪيريئر جو مسئلو آهي. منهنجي مدد ڪر، سائينءَ کي ڪمپني ڏي.“ سميرا منهنجي منهن ۾ ڦهريان حيرت مان نهاريو پوءِ هلڪو مشڪندي چيائين، ”هونءَ مان امجد لاءِ پئي ڪيم، هاڻي تنهنجي لاءِ ٿي ڪيان.“ سائين ۽ سميرا ڪمري ۾ هيا. مان ۽ خليفو ڊرائينگ روم ۾ وسڪي جي بوتل کولي ويناسون. ڊيڪ هلڪي آواز ۾ وڄي رهي هئي. ٿوري دير کان پوءِ سميرا جي رڙين جا آواز اچڻ لڳا ته مون ڊيڪ جو آواز وڌائي ڇڏيو. ■



# حادثو



علي محمد سولنگي

هو صبح کان ان بينچ تي ويٺو هيو ۽ هينئر رات جا ٻارنهن ٿي رهيا هيا. ان کي نہ بک جي، نہ اُڃ جي، نہ ئي ماڻهن جي پرواهہ هئي، ائين لڳو پئي ڄڻ هن کي ڪنهن جي تلاش هُئي. هو ٿوري ٿوري وقفي سان کيسي مان سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍي ان مان سگريٽ ڪڍي، دُکائي ان کي پيئڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هيو، سگريٽ پيئڻ جي انداز مان هو موالي نہ پرا ناڙي تي لڳو سگريٽ جو ڪشُ هڻندي، ڪنهن ڪنهن مهل ڪنگهہ بہ ورائي پئي ويس، ڪيترن ڏينهن جي وڌيلَ ڏاڙهي، وڪريل وار، ميرا ڪپڙا پيرن ۾ هوائي چپل، خبر ناهي ڪيترن ڏينن کان مسلسل اچي رهيو هيو، آئون صبح جو روزُ هن کي هتي ايندي ۽ رات جو ٿڪل قدمن سان واپس ويندي ڏسندو هوس. مان هن کي ڪونہ سُڃاڻان چوتہ مون کي هتي بدلي تي آئي گهڻا ڏينهن ڪونہ ٿيا هئا ۽ هتي منهنجو ڪو ڄاڻو سڃاڻو ڪونہ هيو، ان ڪري آئون بہ گهڻو وقت اسٽيشن تي گذاريندو هوس. جڏهن ننڊ ٽپائيندي هئي تہ سمهڻ لاءِ ڪوارٽر جو رخ ڪندو هوس ۽ صبح جو وري ساڳي اسٽيشن ساڳيو آئون ۽ ساڳي ڊيوٽي.

هيءَ سنڌ جي هڪ ننڍڙي شهر جي چڱي خاصي ريلوي اسٽيشن هُئي، اسٽيشن جي هڪ پاسي ٽانگا ۽ ٽيڪسي اسٽينڊ، هيو تہ ٻئي پاسي ريلوي ملازمن جا ڪوارٽر، ٽيڪسي اسٽينڊ جي پر ۾ هڪ ننڍڙو پارڪ هُيو جتي هيروئن، چرس ۽ آفيم جا موالي سرعام يا وري ڪنهن ننڍي ٻوٽي جي اوٽ ۾ وزم پاڻي ڪندي نظر ايندا هُيا. ڪوارٽرن سان گڏ قبضہ گيرن جهڳيون ۽ پڪيون جايون ٺاهي ريلوي جي پلاٽن تي قبضو ڪري رکيو هو.

اسٽيشن کان ٿورو پرڀرو بس اسٽاپُ هيو، شهر ۾ ٻي ڪا تفريح نہ هئڻ ڪري شهر جا ماڻهو اڪثر شام جو هتي اچي ويهندا هُيا.

”چانهہ پيو.“ هڪ ڏينهن چانهن جا ٻہ ڪوپ ڪٽي هن جي پرم اچي ڪائنس پڇا ڳاڇا لاءِ ويٺس.

”مان چانهہ نہ پيئندو آهيان!“ هو وري خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ويو ٿو. آئون سوچڻ لڳس ڪٿي هو ڪو انٽيليجنس فيسر تہ نہ آهي. جيڪو ڀهروپ ڌاري اسان کي چيڪ ڪندو هجي. ڇوتہ ريلوي جو هي ٽريڪ ريلوي پوليس ۽ آفيسرن جي ملي ڀڳت سان خساري ۾ وڃي رهيو هيو، ماڻهن ٽڪيٽ وٺڻ بجاءِ پوليس ۽ ريلوي وارن کي پيسا ڏيئي سفر ڪرڻ شروع ڪيو هيو، ماڻهو ويچارا بہ ڇا ڪن، جڏهن ٽڪيٽ جي قيمت کان بہ پنج ڏهہ رپيا وڌيڪ ڀري ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ۾ چڙهن تہ گاڏن ۾ ريلوي ۽ پوليس اورن جا ماڻهو ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيون ليٽيا پيا آهن ۽ ٽڪيٽ وارو ويچارو پيسا ڀري بہ بيٺو رهي، اُن ڪري ماڻهن بہ هاڻي ٽڪيٽ وٺڻ بجاءِ پوليس وارن کي پيسا ڏيئي سفر ڪرڻ شروع ڪيو هيو. ٽڪيٽ نہ وٺڻ ۽ ريلوي وارن کي پيسا ڏيئي سفر ڪرڻ ۾ عام ماڻهوءَ کي ٻہ فائدا هيا. هڪ پئسن جي بچت ٻيو پوليس وارن جي مهربانيءَ سان ڪين سيٽون بہ آسانيءَ سان ملي وينديون هيون. نتيجي ۾ پوليس ۽ ريلوي ملازم تہ عيش ۾ هئا، پر حڪومت کي آمدني نہ ٿيڻ ڪري جتي ڪافي گاڏيون بند ڪيون ويون هيون اتي هلندڙ گاڏين جا ڀاڏا پڻ گهٽايا ويا هيا، مٿي تائين منٿلي وڃڻ ڪري اڄ تائين ڪنهن کي ڪجهہ نہ ٿيو هيو. ڪڏهن ڪڏهن ڏيکاءَ لاءِ ڪنهن هڪ اڌ کي بدلي ڪيو ويندو هيو. جيئن تازو هتان جي هڪ بڪنگ ڪلارڪ کي بدلي ڪري، ان جي جڳهہ تي مون کي موڪليو ويو.

”توهان وٽ ماچيس هوندو؟“

”ها.“ آئون سوچن جي ساگر مان غوطو کائي ٻاهر نڪري آيس . هن پاسي واري کيسي مان سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍيو ۽ پاڪيٽ مان بچيل آخري سگريٽ ڪڍي اُن کي دُکائي خالي پاڪيٽ کي ريلوي ٽريڪ ڏانهن اڇلي ڇڏي ٿو.

”توهان سوير چيو تہ چانهہ نہ پيئندا آهيو تہ پوءِ هي سگريٽ؟“

”بس، ائين ئي ڪڏهن ڪڏهن اندر جي اداسين کي دونهين ۾ اُڏارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.“ هن مون کي ماچيس واپس ڪندي وراڻيو.

”توهان ڇاجي ڪري اُداس آهيو؟“

”بيروزگار آهيان.“ هن جواب ڏنو، ليڪن مون کي لڳو، ڄڻ هو پنهنجي پريشانيءَ ۽ اداسيءَ جو اصل سبب لڪائي ويو هجي.

”توهان جي تعليم ڪيتري آهي؟“ آئون هن کان سوال ڪريان ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ مون سان فري ٿي وڃي جيئن آئون سندس اُداسي جو اصل ڪارڻ ڄاڻي سگهان.

”تعليم کي ڪيرُ ٿو پڇي؟“ هن نهايت ڪروڌ مان چيو، ”هتي آڱوٺي ڇاپ اسيمبليءَ جو ميمبر تہ ڇا منسٽر بہ بڻيو وڃي، ليڪن هڪ پوسٽ گريجوئيٽ

پٽيوالي لاءِ بہ پريشان آهي... پيسي ۽ سفارش سواءِ ڪيرُ ڪنهن کي ڪنگهي بہ ڪونہ ٿو.“

”هڪ ڳالهہ پڇانو، ناراض تہ نہ ٿيندؤ؟“

”پڇو.“

”توهان هتي ڪنهن کي ڳولهڻ ايندا آهيو؟“

”مان، ڪنهن کي بہ نہ.“ هو چوڻ لاءِ تہ چئي ويو پر مون محسوس ڪيو، هو ڳالهہ لڪائي ويو، جڻ مون کي ڏسڻ نہ چاهيندو هجي.

”اهو اوهان جو ذاتي معاملو آهي، اگر اوهان نہ ٿا ٻُڌائڻ چاهيو تہ ٺيڪ آهي، آئون اوهان تي زور نہ ڀريندس.“

”نہ ياءُ، اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي، مان پنهنجي پريشانين کان نجات ۽ ڪجهہ گهڙيون سُڪون حاصل ڪرڻ لاءِ هتي ايندو آهيان.“

”ٺيڪ آهي ياءُ، جي ياءُ چيو اٿئي تہ پوءِ اڄ ڪانپوءِ پنهنجي ڀائپي پڪي، هو ڀر وارو ڪوارٽر منهنجو آهي، ان ۾ آئون اڪيلو رهندو آهيان، ڪڏهن بہ ڪو ڪم هجي يا ڪوارٽر جون چاٻيون گهرجن. بنان حجاب هليو اچجانءِ. ۽ ها، تو پنهنجو نالو تہ ٻُڌايو ئي ڪونہ؟“

”بيروزگار.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب تہ بيروزگار، بيروزگار هوندو آهي. هن جو ڪو بہ نالو نہ ٿيندو آهي، منهنجو نالو بہ ڪٿي گم ٿي ويو آهي، يا ائين ڪٿي سمجهہ تہ منهنجو اصل نالو، خود مون کان منهنجي گهر وارن ۽ دوستن کان بہ وسري ويو آهي. سڀ مون کي بيروزگار ئي سڏيندا آهن.“

”ائين، جيئن ڪنهن عاشق کي سندس نالي بجاءِ هر ڪو عاشق ئي ڪوٺيندو آهي.“ مون مرڪندي هن جي مُنهن ۾ ڏسندي چيو.

مون کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي، هن پنهنجو ڪنڌُ جهڪائي ڇڏيو. ائين جڻ سندس چوري پڪڙجڻ جو خطرو هجي ۽ هو ڪجهہ چوڻ بنا اُٿي هليو ويو.

رات جا ٻانهن ٿي رهيا ها، انڪري آئون بہ ڪوارٽر جو رخ ڪريان ٿو. بستري تي ليٽندي آئون وري انهن سوچن ۾ گم ٿي وڃان ٿو تہ آخر هو ڪيرُ آهي. هو هر روز هِتي ڇا لاءِ ايندو آهي؟ ڪٿي ڪنهن عورت جو چڪر تہ نہ آهي، عورت جي ڳالهہ ذهن تي ايندي ئي مون کي ياد اچي ٿو تہ اسٽيشن کان ٿورو اڳتي ڪجهہ ڪبوترين جا جهوپڙا ۽ ڪچا گهر هيا، انهن ڪبوترين بہ ڪافي نوجوانن کي ڦري فقير ڪري ۽ ڪيترن کي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هيو. ڪجهہ اڏڙوٺ قسم جا مرد، هوٽلن جا بيرا، ننڍا دڪاندار، پوليس وارا، حالو چالو حڪيم ۽ ڪجهہ پڙهيل لکيل پڻ انهن جي عشق ۾ آهون ڀريندا، اسٽيشن تي يا انهن جي گهرن آڏو پيا ڦرندا هئا. ڪي ڪي تہ ڪين پاڻ سان گڏ پٿر جي بينچ تي ويهاري فخر محسوس ڪندا ۽ ٻين عاشقن کي ساڙيندا هئا. اسٽيشن تي ڪي اهڙا بہ شخص ايندا هيا جن جو مقصد، اسٽيشن تي ايندڙ مسافر عورتن کي تَڪڻ، هرويرو گاڏين ۾ جهاتيون پائڻ يا اسٽيشن ويجهو پير تي ايندڙ عورتن کي ڇيڙڻ هيو. ڪي پري کان ئي پنهنجي اکين جي اُڄ اُجهائيندا هيا يا وري تصور ئي تصور ۾ ڪين پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي ڀرپور پيار ڪندا هئا. ڪي اهڙا ڳاڳهہ شڪاري بہ ايندا هئا جي شڪار ڪرڻ بجاءِ شڪار ٿي ويندا هئا ۽ ڪالونيءَ جو ڪونہ ڪو ڪمرو سندن ڪيل قرب جي رازدار بڻجي ويندو هيو، ائين سوچن جي سير ۾ لڙهندي خبر ناهي ڪهڙي مهل ننڊ اچي ويئي.

صبح جو معمول جيان هو وري اسٽيشن تي موجود هيو آئون ڪيس سلام ڪندو آفيس ۾ اچان ٿو. ٽڪيٽون هلائڻ ۽ گاڏيءَ جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ هن وٽ اچان ٿو.

”ياءُ، اڃا ٻي گاڏيءَ جي اچڻ ۾ ڪافي وقت آهي ان ڪري هل تہ هلي ڪوارٽر تي ڪچهري ڪيون.“ هو بغير ڪجهہ چوڻ جي منهنجي پويان هليو آيو.

”پاڻي ملندو؟“ هن کٽ تي ويهندي چيو.

”ڪوڙ پاڻي.“ مون پاڻيءَ جو گلاس هن ڏانهن وڌائيندي چيو.

”سگريٽ پيئندين؟“

”نہ.“

”ڇو؟“

”بس، اڄُ الائي ڇو دل ئي نہ ٿو چوي.“

”پوءِ، دل ڇا ٿي چوي؟“

”دل چوي ٿي. اوڇنگارون ڏيئي روئان.“

”ڇو؟“

”بس، ائين ئي.“

”پوءِ بہ، ڪا ڳالهہ تہ هوندي؟“

”اڄ مهيني کان مٿي ٿو ويو آهي، مون هن کي ناهي ڏٺو.“

”هن کي... ڪنهن کي.“

”ساحره کي.“

”ساحره معنيٰ جادوگرياڻي.“

”ها، هوءَ جادوگرياڻي ئي تہ آهي، هن ۾ ڪا اهڙي ڪشش ڪو اهڙو جادو آهي جو...“

”جو؟“

”جو مون جهڙو پٿر بہ پگهرجي پاڻي ٿو ويو. ائين ڇو ٿيندو آهي؟“

”ڪيئن؟“

”منهنجو مطلب آهي تہ، هر روز اسانجي آڏو ڪيترائي حسين بلڪ خوبصورت ترين ماڻهو گذرن ٿا، پر اسانجي دل ۾ ڪا بہ هلچل نہ ٿي مچي ليڪن ڪڏهن ڪڏهن نقاب جي اوٽ مان ڪنيل ڪنهن جي هڪ نگاهہ، ساهہ جو سڪون ۽ دل جو چين چورائي ويندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪو اکين جي رستي دل ۾ ائين اچي ديرو ڄمائيندو آهي، جڻ صدين کان اتي رهندو هجي ۽... ۽ اکيون اُن جا سپنا ڏسڻ لڳنديون آهن.“

”هوءَ ڪير آهي؟“

”ڪا آهي.“

”هوءَ پير تي ايندڙ ڪا عورت آهي؟“

”نہ...“

”ڪا ڪبوتري؟“

”...“

هن ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو.

”ڇا تنهنجي ڪا مائٽياڻي يا پاڙي جي ڪا...“

”نہ...“

”پوءِ آخر هوءَ ڪير آهي؟“

”نہ مڙنديس.“

”نہ.“

”ڇڱو ٻُڌ، هن سان منهنجو سنئون سڌو واسطو نہ هيو، پر ڪنهن جي طفيل هن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. اهو سلسلو جڏهن ٿوري گهٽي ويجهڙائيءَ ۾ تبديل ٿيو تہ هڪ ڏينهن مون تي اهو انڪشاف ٿيو تہ مان هن جي آڏو پنهنجو سڀُ ڪجهہ هارائي چڪو آهيان. هوءَ منهنجي دل ۽ دماغ تي حڪمراني ڪرڻ لڳي هئي. ان انڪشاف کان پوءِ مان هن کان پري پري رهڻ لڳو هوس ۽ اُن سان گڏوگڏ هڪ عجيب ٻُڏتر جو شڪار پڻ هوس، مان ڊنس پئي تہ بي اختياريءَ ۾ مون کان ڪا اهڙي غلطي نہ سرزد ٿي وڃي جيڪا هنن ٻنهي جي نظرن ۾ ڪيرائي نہ ڇڏي، اهو سوچي دل تي پٿر رکي مون اهي هنڌ، اهي ڳليون ۽ اهي وقت ئي تبديل ڪري ڇڏيا جتي ساڻس دوبدو ٿيڻ جا امڪان هيا، پر پوءِ بہ هوءَ نظر اچي ويندي هئي تہ دل جي ڌڙڪن بي ترتيب ٿي ويندي هئي، مان هن کي پلائڻ ۽ هن جو نقش دل تان مٽائڻ ۾ ناڪام ويو هوس، پر مون پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هيو تہ دل ئي دل ۾ هن کي پوڄيندو ۽ هن جي سونهن کي سجدا ڪندو رهندس ليڪن پنهنجي پيار جو هن کي پتو پوڻ نہ ڏيندس. هڪ ڏينهن جڏهن مون کي خبر پئي تہ هوءَ بيمار آهي تہ مان بي اختيار هن جو گهر پهچي ويو هوس. هوءَ اڳي کان ڪافي ڪمزور لڳي رهي هئي.

”ڪيئن آهيو؟“ هن مسڪرائيندي پڇيو.

”اهو تہ مان اوهان کان پڇڻ آيو هوس.“

”اڳي کان بهتر آهيان.“

”شڪر آ، اوهان جي بيماريءَ جو ٻُڌي منهنجو تہ ساهُ ئي سُڪي ويو هيو.“

”توهان ويهو مان اچان ٿي.“

”ڪيڏانهن پيا وڃو؟“

”اوهان جي ڪائڻ پيئڻ جو بندوبست ڪرڻ.“

”تڪلف نہ ڪريو.“

”تڪلف تہ توهان پيا ڪريو مان پڪوڙا تمام سُٺا ناهيندي آهيان، کائيندؤ تہ...“

”نہ، توهان چيو مون کاڌا، اوهان اڃيئي ٺيڪ نہ آهيو، اُن ڪري اوهان تڪليف نہ ڪريو.“

”توهان منهنجو ايڏو خيال ڇو ڪندا آهيو؟“

دل چيو، ”اڄ موقعو آهي سڀ ڪجهہ چئي ڏيان، سينو چيري هن جي اڳيان رکيان. پر مان ڪجهہ بہ ڪُڇي نہ سگهيس.“ مون کي ڏسي هن چيو،

"جميل، اهو سڀ ناممڪن آهي."

"ڇا؟" مون ڇرڪ ڀريندي چيو.

"جميل، مان ٻار نه آهيان. سڀ سمجهان ۽ سڀ ڄاڻان ٿي. قدرت، عورت کي اها طاقت ڏني آهي ته هوءَ پاڻ ڏانهن کڄندڙ هر نگاهه ۽ ان نگاهه پويان لڪل سمورا راز پروڙي وٺندي آهي. مون به تنهنجي نظرن پويان لڪل تنهنجو پيغام پڙهي ورتو آهي، پر اهو سڀ ناممڪن آهي. ان راهه تي مان توسان گڏ هلي نه ٿي سگهان. ڇو ته اهو ڪنڊن ڀريو رستو آهي."

مون چوڻ چاهيو، "ساحره، مان تنهنجي راهه جا سمورا ڪنڊا پنهنجي پلڪن سان ميڙي توکي گلن جي سيج ڏيندس." پر مان ڪجهه به چئي نه سگهيس. مون کي پنهنجي سرير مان ساهه نڪرندي محسوس ٿيو. اکين اڳيان اونداهه ڇانئجي وئي. مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي نڙيءَ ۾ ٽوهرُ ڦٽي پيو هجي، ٻه خاموش لڙڪ منهنجي اکين مان ڳڙي منهنجي جهوليءَ ۾ اچي ڪريا ۽ مان بغير ڪجهه چوڻ جي هليو آيو هوس، ٺڪرائجڻ جو احساسُ سيل ڪنڊي جيان منهنجي دل ۾ چُڀي پيو هيو، هڪ ڏينهن مون کي پتو پيو ته هوءَ منهنجي شهر ڪان سوين ميل ڏور وڃي چُڪي آهي ۽ مان هتي هر روز هن جي واپس ورڻ جو انتظار ڪندو آهيان." هن ڳالهه ختم ڪئي ته ڪينٽين وارو بوتلن سميت ڪوارٽر ۾ داخل ٿيو (ايندي مهل آئون ڪينٽين واري کي بوتلن جو آرڊر ڏيئي آيو هوس.)

"ائين به ٿي سگهي ٿو ته هوءَ ٻئي ڪنهن کي چاهيندي هجي؟" مون بوتل هُن ڏانهن وڌائيندي چيو.

"نه، ائين نه ٿو ٿي سگهي!" هن ائين دانهن ڪئي ڄڻ ۽ بوتل هن جي هٿ مان ڇڏائجي فرش تي ڪري. گهڻي دير تائين بوتل جي ٽڪرن کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ لڙڪ لارون ڪري هن جي ڳلن تان وهڻ لڳا مون کيس روئڻ ڏنو، جيئن روئڻ سان هنجي دل جو درد ڌوپجي ۽ غم جو غبار گهٽجي وڃي، ڪافي دير کان پوءِ هن ڪنڌ مٿي ڪڍي صرف ايترو چيو،

"مان هاڻي هلندس." ائين چئي هو ڪوارٽر مان نڪري ويو. پورا پنج ڏينهن هو مون کي اسٽيشن تي نظر نه آيو، منهنجي دل اُن اجنبي لاءِ اداس هئي، مون کي هن جي گهرجي به خبر نه هئي جو وڃي هن جي خير خيريت معلوم ڪجي، ڇهين ڏينهن صبح جو هو مون کي ساڳيءَ بينچ تي ويٺل نظر آيو، سفيد ڪاٽڻ جا ڪلف لڳل ڪپڙا، شيوَ ٿيل، پيرن ۾ جُتي، ڪافي هشاشُ بشاش نظر اچي رهيو هيو. مون کي ڏسندي مرڪي هيلو ڪيائين آئون به هيلو ڪندي هن جي ڀرِ ۾ ويهي رهيس ڇوته گاڏيءَ ۾ اڃا دير هئي:

"ڇا، هوءَ پهچي وئي." مون هن کان سوال ڪيو.

"تو ڪيئن سمجهيو؟"

"تنهنجي ٺاهيل شيو ۽ هشاش بشاش چهري مان."

"نه، اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي. هوءَ اڃا نه پهتي آهي؟"

"ڪا فون... ڪو خط."

"خط... هو يڪدم اُداس ٿي ويو ٿو غم جا پاڇا هن جي چهري تي ڇانئجي وڃن ٿا. ٿڌو ساهُ ڀريندي چوي ٿو،

"نه هن خط به ته نه لکيو آ، مون هر روز هن جو ۽ هن جي خط جو به انتظار ڪيو آهي پر..."

"ٿي سگهي ٿو، هن وٽ تنهنجي ائڊريس نه هجي!!"

"هن وٽ منهنجي ائڊريس هئي، پر شايد هن مون کي خط لائق به نه سمجهيو... هونئن به مان هِن لائق ڪٿي هوس، مان بيروزگار خود مائٽن تي ٻوجهه، مائٽ منهنجي لَٽي ڪپڙي ۽ ٻين ضرورتن جو خيال ته رکن ٿا. پر.. هوءَ نازن جي پليل گلن جهڙي ڇوڪري، ان جو ۽ منهنجو جوڙ ڪٿي آهي. ان ڪري ئي مون فيصلو ڪيو آهي ته مان هن جي دنيا مان نڪري ويندس."

"ڇا مطلب؟" مان حيران ٿيندي پڇان ٿو.

"ها ياءُ، پيڙائن جي پلصراطن کي پار ڪندي، راتين جو راتيون رُلندي روڳي روح جي رهندڻ کي آسرن ۽ آٿتن جا مرهم مکيندي، مون لڙڪ لڪائي ٺهڪ ڏيڻ ۾ غم سهڻ جو سليقو سکي ورتو آهي، هي جيڪو تنهنجي سامهون مان مرڪان پيو، اهو به برهه جي بنيءَ مان پچي راس ٿي نڪرڻ جو نتيجو آهي."

"هوءَ واپس ته ايندي نه؟"

"ها..."

"پوءِ... تون ائين ڇو نه ٿو ڪرين؟"

"ڪيئن؟"

"هوءَ جڏهن واپس وري ته تون هن سان رابطو ڪر، ٿي سگهي ٿو هوءَ تنهنجو پيارُ سوئيڪار ڪري وٺي."

"نه ياءُ، پيار خيرات ۾ ناهي ملندو، جو ڪنهن جي آڏو جهولي جَهلي پيارُ پني وٺجي، مون کي خيرات ۾ خوشي ۽ منٿن عيوض مليل محبت نه گهرجي. اُن ڏينهن جڏهن مون پنهنجي مُنهن ويهي سوچيو ته ائين به ممڪن آهي ته هوءَ ڪنهن ٻئي کي چاهيندي هجي، باقي مون کي انهيءَ سان محبت هئي، آهي ۽ رهندي، ليڪن زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي مان هن کي پڪاري نه سگهندس، هونئن به محبت ميلاپ جي محتاج ٿورئي هوندي آهي."

"پر... تون هن کان سواءِ رهي سگهندين؟" مون انهن ٻن ٽن ملاقاتن ۾ اندازو لڳايو هيو ته هو تمام گهڻو حساسُ، مخلص ۽ جذباتي شخص هُيو، مون کي پڪ هئي ته هو هن کان سواءِ رهي نه سگهندو.

"رهي ويندُس."

"تون... هن جي دوريءَ جو درد سهي سگهندين؟"

"سهي ويندس." ڪجهه دير خاموشيءَ کان پوءِ هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، "هونئن به هوءَ مون کان دور ڪٿي آهي؟ هوءَ هر رات منهنجي سپنن ۾ اچي مون سان روح رهاڻيون ڪندي ۽ ڍير سارو پيارُ ونڊيندي آهي. ها ايترو ضرور ڪندس هاڻي ڪڏهن به هن جي سامهون نه ايندُس، ڇوته هن جي سامهون ايندي ئي نگاهون بي اختيار هن جي رُخ ڪعبه جو طواف ڪرڻ لڳنديون، قلب هن جا ڪلما پڙهڻ شروع ڪندو ۽ مان پنهنجو پاڻ سان ڪيل وچن وساري ويهندس... چڱو الله حافظ...!" ائين چوندي هو بينچ تان اٿيو ته تيز ڪائي ڪرڻ لڳو، مون هن کي ٻانهن کان پڪڙي ڪرڻ کان بچايو ۽ کيس سهارو ڏيڻ چاهيم.

"سگريٽ نوشي، وقت تي ماني نه کائڻ، مسلسل پريشانين، دير تائين جاڳڻ، خواب آور گورين جي استعمال ۽ گهڻوسوچن جي ڪري ذهني توڙي جسماني طور ڪمزور ته ٿي ويو آهيان، پر مان پاڻهي هليو ويندس. هينئر مون سهارن سواءِ هلڻ سکي ورتو آهي"

هو ٿڪل قدمن سان روڊ ڪراس ڪرڻ لڳي ٿو، اوچتو هن کي ٿاٻو اچي ويو. ۽ هو وچ روڊ تي ڪري پيو مون کان ڇرڪ نڪري ويو. سامهون ايندڙ ڪار تيز رفتاريءَ سان هن طرف وڌي رهي هئي آئُون هن ڏانهن ڊُڙ پايان ٿو ليڪن... اُن کان اڳ جو هو اُٿي يا مان هن تائين پهچان ڪار هن کي ٽڪر هڻي گم ٿي چڪي هئي ۽ ماڻهن جا ميڙ هِن جي چوڌاري جمع ٿي چڪا هئا. آئون اتي پهتس ته هو پنهنجو دَمُ ڌڻيءَ حوالي ڪري چُڪو هيو ۽ آئون سوچي رهيو هوس ته اهو اتفاقي حادثو هيو يا هن ڄاڻي واڻي خودڪشي ڪئي هئي. ■




صفحا:144 قيمت: 150 رپيا
ڪنول پبليڪيشن، قنبر.
سنڌ جي سيني وڏن بڪ اسٽالن تي موجود آهي.

# ڪينارو





عاشق حسين البدوي

هي امريڪي پائلٽ، ليکڪ ۽ مصنف رچرڊ باخ جي ڪهاڻي Jonathan Livingston Seagate جو ترجمو آهي. باخ هڪ ڏينهن روڊ کان گذري رهيو هو ته ڪيس وڏي واڪي پويان سڏ ٿيو، ”جوناٿن لِونگسٽن سيگل!“ هن پوئتي مڙي ڏٺو ته ڪوئي ڪو نه هو. پوءِ هن ٽرانس اندر هڪ ئي ويهڪ ۾ هيءَ عارفاڻي ڪهاڻي لکي، جنهن بيسٽ سيلر ٿي باخ کي جڳ مشهور بڻائي ڇڏيو. ريڊرز ڊائجسٽ به انکي ڪنڊنيس بڪ سيڪشن ۾ جاءِ ڏني. هي ڪهاڻي هر نمايان ٻولي ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي. البدوي انکي سنڌي چولو پهرايو آهي. هوا بازي جي ڏکين اصطلاحن جي سنڌي لفظن لاءِ هو جس جو ڳو آهي. سوجهرو پنهنجيون روايتون قائم رکندي فخر سان هن شاهڪار کي شايع ڪري رهيو آهي. ’ڪينارو‘ ڪنهن به ڏيهه، قوم يا مذهب اندر هڪ سالڪ/عارف جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ جوناٿن نالي هڪ ڪينو پکي اڏام جي اُتاهين وسيلي ڪامليت ماڻڻ چاهي ٿو. (ادارو)

اصلي ڪيناري جوناٿن نالي جيڪو اسان سين اندر رهي ٿو.

## ٻاڳو پهريون



صبح سوير هئي، نئون سج سانتيڪي سمونڊ جي چولين جي ڇاڇول مٿان سون جيان چلڪي چمڪي رهيو هو.

ڪنڌيءَ کان ميل کن پرتي هڪ مڇيون مارينڊڙ ٻيڙي پاڻيءَ تي ڳاهي رهي هئي. اها خبر وڄ جيان ڪينارن جي ’نيراڻي ولر‘ تائين رسي وئي، تان جو هزار کن ڪينو پکي کاڌي جي ٻور خاطر ڇن ڇنان، وڙهه وڙهان لاءِ اچي سهڙيا، اها هڪ ٻئي رُڌل ڏينهن جي شروعات هئي.

پر پرتي ٻيڙيءَ ۽ ڪنڌيءَ پار ڪينارو جوناٿن لونگسٽن هيڪلو پنهنجي پر پاڻ اُڏرڻ جي مشق ڪري رهيو هو. هن آسمان ۾ سو فٽ اوچائي تي پنهنجا پير هيٺ ۽ چُهنب مٿي ڪري، پنهنجين ڪنيڙاٽين جي ڏيگهه ۾ هڪ سخت، سورائتي ونگ ۾ ور قائم رکڻ لاءِ زور ڏنو. ان وَرَونگن جو مطلب هوا اندر هوريان طور اڏرڻ هو. هاڻ هنجي رفتار هوريان ٿيندي وئي، تان جو واءُ هنجي منهن آڏو سرٻاٽ بڻجي وئي ۽ هيٺ سمنڊ ساڪت ٿي ويو. هن پنهنجيون اکيون سخت ڏيان ۾ چُنجهيون ڪري، ساهه روڪي... رڳو... هڪ... انچ... وڌ... ور... لاءِ زور ڏنو. پر سندس ڪنپ ڪندرجي ڪڙو ڪڙ ٿي ويا، هو هوريان هوا ۾ رُڪجي وڃي ڏڙم هيٺ ڪريو.

توهان کي خبر هوندي ڪينارا هوا ۾ نڪي ٿڙندا ٿاٻڙندا آهن نه ئي هوريان ٿي رُڪبا آهن. هوا ۾ هوريان روڪ هنن لاءِ وڏي بيعزتي ۽ بدناموسي جو باعث آهي.

پر ڪيناري جوناٿن لونگسٽن بي شرمائي سان وري ان سخت ڪنبنڊڙ ور منجهه پنهنجون ڪنيڙاٽيون پکيڙيون ۽ پوءِ رفتار هوريان هوريان ڪري وري رُڪجي وئي. هو ڪو عام پکي نه هو.

اڪثر ڪينارا عام اڏام کان گهڻو سکڻ جي نه ڪندا آهن. ڪنڌي کان کاڌي تائين وڃڻ ۽ وري واپس ورڻ. اڪثر ڪينارن لاءِ اڏڻ کان وڌ کاڌي جي اهميت هوندي آهي. پر هن ڪيناري لاءِ نه رڳو کاڌي جي اُڏام جي وڌ ۾ وڌ اهميت هئي. تنهن ڪانپواءِ ڪينارو جوناٿن لونگسٽن اُڏام سان پيار ڪندو هو.

ڪيس پتو پئجي ويو ته اهڙي سوچ يا هلت پکين منجهه مقبوليت ڪانه ماڻيندي. جيئن جيئن جوناٿن اڪيلي سِر هيٺين سنوت تي هوريان اڏرڻ جا سوين تجربا ڪندو رهيو، تيئن تيئن سندس ماءُ پيءُ جي به نراسائي وڌندي وئي.

هن تجربو ڪيو ته هو جڏهن پاڻي کان پرن جي اڌ پکيڙ اوچائي تي اڏاڻو ته هو ٿوري ڪوشش سان هوا ۾ گهڻو وقت ترسي ٿي سگهيو. هاڻي هو اڏام وهڪ جي آخر ۾ سمنڊ اندر پير هيٺ ڪري ڇپڪي بدران پنهنجا پير بت سان سوگها جهلي انهن کي بي روڪ ڪري مٿيرو ڇُهندي پويان پاڻيءَ جي هموار ليڪ ٺاهيندو هو. جڏهن هن پني پر ٽنگون مٿي ڪري ڪنڌيءَ تي اڏام کان هيٺ لهي پوءِ پيرن سان ترڪ لينگهي جي ڊيگهه تائين هلڻ شروع ڪيو ته پوءِ سندس ماءُ پيءُ واقعي مايوس ٿي ويا.

”ڇو جون ڇو؟“ ماڻس ڪانئس پڇيو.

”جون تولاءِ ولر جي ٻين ڪينارن جيان هئڻ ايترو مشڪل ڇو آهي؟ تون اڻ مُئي اڏام کي پيئڻ پکين ۽ قادوس پکين لاءِ ڇونه ٿو ڇڏي ڏين؟ تو ڪاڏو پيتو ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟ جون تون وڃي ڪنين ۽ هڏين جي مُٺ بڇيو آهين.“

”امڙ مونکي ڪنين ۽ هڏين مُٺ هئڻ جي پرواهه ناهي. مونکي رڳو اهو معلوم ڪرڻو آهي ته مان هوا اندر ’ڇا ڪري‘ ۽ ’ڇا نه ڪري‘ سگهان ٿو، بس ڳالهه ايتري آهي.“

”جوناٿن ڏس ڳالهه ٻڌ.“ هنجي پيءُ شفقت وچان چيو. ”هاڻ سيارو ڪو پري ناهي، ٻيڙيون گهٽجي وينديون، مٿيري مڇي اونهائي ۾ ترڻ لڳندي. جي توکي اڀياس ئي ڪرڻو آهي ته کاڌي ۽ انکي حاصل ڪرڻ جو اڀياس ڪر. اُڏرڻ ٻُڏرڻ نيڪ آهي پر توکي خبر هجي ته هوائي اڏام ڪائي نٿي سگهجي. توکي اهو به وسارڻ نه کپي ته اُڏرڻ جو مقصد کائڻ ئي آهي.“

جوناٿن سدورائي وچان ڪنڌ ڌوڻيو. ايندڙ ڪجهه ڏينهن تائين هن ٻين ڪينارن جيان هلڻ جي ڪئي، واقعي وڏي ڪوشش ڪئي جيڪا ولر سان گڏ دکن ۽ مهاڻڪين ٻيڙين چوڌار ڪوڪار ڪرڻ، وٺ وٺان، وڙهه وڙهان ڪرڻ ماني، مڇي ٻور ذرن لاءِ ڳُهتون هڻڻ هئي. پر هو انتي عمل نه ڪري سگهيو.

هي سڀ ڪجهه ڪيترو نه بي معني بي مقصد آهي، هن پنهنجو پيڇو ڪنڌڙ پوڙهي ٻُڪايل ڪيناري لاءِ پنهنجي وڏي محنت سان حاصل ڪيل ننڍڙي مڇي ڏينداسٽي ڪيرائيندي سوچيو. مان اهو سارو وقت اڏام سکڻ لاءِ استعمال ڪري سگهان ٿو.

گهڻو وقت نه گذريو جو ڪينارو جوناٿن وري هيڪلو، سمنڊ ۾ ڏور، بکايل پر خوش اُڏام سکي رهيو هو.

موضوع رفتار هئي، هڪ هفتي جي مشق سان هو رفتار بابت دنيا جي تيز ترين جيئري ڪيناري کان وڌيڪ سکي ويو هو.

هزار فٽ جي اوچائيءَ کان هن پنهنجي پوري طاقت سان ڪنيڙيون ڦڙڪائيندي چولين ڏانهن هڪ تيز تِکي اُڀي ڳُهت هئي، جنهن مان هن سکيو ته ڪينارا اهڙيون اُڀيون تيز تکيون زورائتيون ڳُهتون ڇونه هڻندا آهن. رڳو ڇهن سيڪنڊن اندر هو ستر ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هيٺ وڃي رهيو هو، ان رفتار تي ڪنيڙاٽيون اُڀ ليڪ اندر بيڪار ٿي وينديون آهن.

بار بار ائين ئي ٿيندو رهيو. پنهنجي پوري اهليت ۽ احتياط جي باوجود تيز رفتاري دوران هو بي قابو ٿي ٿي ويو.

هزار فٽ اوچو چڙهي، پهريائين اڳتي ڌوڪي، پوءِ زور سان ڪنيڙاٽيون ڦڙڪائيندي، تيز اُڀي ڳهت هڻڻ. پر هر ڀيري، اُڀ ليڪ تي سندس کاٻي ڪنيڙاٽي

رُڪجي تي وئي، پوءِ هو ڪاٻي پاسي زورائتو ڪڙڪو ڪائي، پنهنجي ساڄي ڪنيڙاٽي کي روڪي سنڀالي، ٻاهه جيان پڙڪو ڏئي ساڄي پاسي ٻي سري نموني منهن ڀر گول ڦرندي تي ويو.

اُپ ليڪ اُنجي آنٽيءَ تي ڪانءَ تي آئي. ڏهه ڀيرا هن ڪوشش ڪئي ۽ ڏهه ئي ڀيرا، ستر ميل في ڪلاڪ جي رفتار دوران ڪندريل ڪنين جو ڪينهوڙو ٻٽجي، ٻي قابو تي وڃي ڏُو پاٽي اندر تي ڪريو.

نيٺ هن آلو ٽيندي پاٽي ڳاڙيندي سوچيو، ان جي ٽَل اها آهي ته تيز اوچي رفتار مهل ڪنيڙاٽيون جهلي ڇڏجن. پنجاهه ميل تائين اهي خوب ڦڙڪائي پوءِ ساڪٽ ڪري ڇڏجن.

هن ٻن هزار فٽن جي اوچائي ڪان گُهت هٽڻ جي ٻيهر ڪوشش ڪئي، ڇهنب جو منهن سڌو هيٺ ڀرو ڪري پنجاهه ميل في ڪلاڪ رفتار ڪانپوءِ پنهنجون ڪنيڙاٽيون پوريون پڪيڙي ساڪت ڪري ڇڏيون. ان ۾ ڏاڍو زور لڳو پر ڪم تي ويو. ڏهن سيڪندن اندر هو نوي ميل في ڪلاڪ رفتار دوران جهڙوڪ ڏنڌلائجي ويو. جوناٿن ڪينارن لاءِ عالمي رفتار جو رڪارڊ قائم ڪري ڇڏيو.

پر اها سوپ مختصر ثابت ٿي. جنهن مهل هن گُهت مان نڪرڻ گهريو، جنهن مهل هن ڪنيڙاٽين جي ڪُنڊ مٽائڻ چاهي، ته هو ساڳي ٻي قابو مصيبت ٻٽجي ويو ۽ نوي ميل في ڪلاڪ جي رفتار تي اها حالت ڪيس باروت جي ڌماڪي مثل لڳي. ڪينارو جوناٿن اڌ وايو ۾ ڦاٽي، ڦهه هيٺ اڇي پڪسري سخت سمنڊ سان ٽڪرايو.

جڏهن هو سامت ۾ آيو ته اونداهي ٿي چُڪي هئي. هو سامونڊي مٿڇري تي چانڊوڪي اندر لُڙهي رهيو هو. سندس ڪنيڙاٽيون شيهي جي شيخن مثل ڳريون هيون، پر سندس پُٺن تي ناڪاميءَ جو بار اجان ٻه وڏ ڳرو هو. هن هيٺائي وچان چاهيو ته ڪاش اها ڳراڻ وڏي ڪيس سامونڊي تري تائين نرميءَ سان گِهلي سارو معاملو ٻنهه ختم ڪري ڇڏي.

جيئن هو پاٽي منجهه هيٺ تي ٻُڏڻ لڳو ته سندس اندر مان هڪ عجيب ڪوڪلو آواز اُسريو. انجو ڪو حل ناهي. آئون هڪ ڪينارو آهيان، قدرتي طور محدود آهيان. جي مون ۾ ايتري اڏام سکڻ جي اهليت هجي ها ته منهنجي دماغ اندر نقشا هجن ها، جي منهنجي نصيب ۾ تيز رفتاريءَ سان اڏرڻ هجي ها ته منهنجون ڪنيڙاٽيون ٻه باز وانگر ننڍيون هجن ها ۽ آئون ٻه مڇيءَ بدران ڪُوئا ڪانوان ها. منهنجو پيءُ سچو هو. مونکي اها مورڪائي ڇڏڻ گهرجي. مونکي گهر ڏانهن اڏري ولر ڏانهن واپس وڃڻ گهرجي ۽ ڪنهن غريبڙي محدود ڪيناري مثل راضي تي زندگي گذارڻ گهرجي.

آواز جهيٽو تي غائب ٿي ويو پر جوناٿن اُن سان متفق ٿي ويو هو. رات ويل ڪيناري جي جاءِ ڪنڌيءَ تي آهي، هن پڪوپهه ڪيو ته هن گهڙيءَ ڪان وٺي هو هڪ عام ڪينارو هوندو ۽ پوءِ سڀ ساڻس راضي هوندا.

هو پاڻ کي اونداهي پاٽيءَ ڪان ڏوکي سُکيءَ ڏانهن اُڏاٽو. هو ڪم بچائو هيٺ اُتاهين اُڏام سکيا جو ٿورائتو هو.

پر نه، هن سوچيو، مان گذريل ڳالهيون سڀ ڇڏي ڏنيون ۽ اڏام بابت هر سکيا ڇڏي ڏني. هاڻ مان ٻين ڪينارن جهڙو ڪينارو آهيان ۽ انهن جيان اڏرندس. هو وڏي تڪليف سان سوفٽ مٿي چڙهي، ڪنيڙاٽيون ڦڙڪائي ڪناري ڏانهن وڌيو.

هو ولر جي ٻئي فرد مثل هئڻ جي فيصلي سان پاڻ بهتر محسوس ڪري رهيو هو. هاڻ سکڻ لاءِ زور ڏيڻ وارا ڪي ٻنڌڻ نه هوندا، ڪا چيلينج نه هوندي ۽ نه ئي ڪا ناڪامي. پنهنجي سوچ روڪڻ، ڪنڌي جي روشنين ڏانهن اونده ۾ اڏرڻ ڪهڙي نه سٺي ڳالهه هئي.

'اونده!' اندر جو ڪوڪلو آواز هراسجي ٽِڙڪيو، 'ڪينارن کي اونده اندر اڏرڻو ناهي.'

پر جوناٿن کي ان آواز ٻڌڻ جو هوش نه هو. هن سوچيو پئي هي سڀ ڪجهه ڪيترو نه حسين آهي، پاٽيءَ تي جرڪ جرڪان، چنڊ ۽ روشنيون، جيڪي روشنيءَ مناري مثل آهن ۽ هر پاسي ڪيتري نه ماٺ، ڪيتري نه سانت...

"هيٺ لهُ! ڪينارن کي اونده اندر اڏرڻو ناهي. جي توکي اونده ۾ اڏرڻو هجي ها ته توکي ڪنهن چٻري جهڙا تارا هجن ها! دماغ ۾ نقشا هجن ها! باز جهڙيون ننڍڙيون ڪنيڙاٽيون هجن ها."

پوءِ راتوڪي وقت، سو فٽ اوچائي تي ڪيناري جوناٿن لونگسٽن پنهنجيون اکيون ڇنڀيون. هنجو ڏک، سندس پڪا ارادا سڀ غائب ٿي ويا.

ڇوٽيون ڪنيڙاٽيون، 'باز جون ڇوٽيون ڪنيڙاٽيون.'

"آهه اهوئي حل هو! مان ڪيترو نه مورڪائي ڪان ڪم ورتو. مونکي رڳو ٻنهه ننڍڙي ڪنيڙاٽي جي ضرورت پوندي، مون کي رڳو گهٽي ياکي پنهنجيون ڪنيڙاٽيون ويڙهٽيون پونديون، رڳو پَرَ پُڇڙين تي اڏرڻو پوندو! ڇوٽيون ڪنيڙاٽيون."

هو ڪاري سمنڊ ڪان مٿي ٻه هزار فٽ چڙهي ويو ۽ پوءِ هن ناڪامي توڙي موت جي پرواهه نه ڪندي پنهنجيون اڳيون ڪنيڙاٽيون پنهنجي ٻت سان ويجهيون ڪري سوگهيون جهلي، پرن جي پُڇڙين کي خنجرن جيان واءُ ڏانهن وڌائي هڪ اُپي گُهت هئي.

سندس مٿي وٽ واءُ جا خوفناڪ گهوگهٽ هئا رفتار ڀهريائين 70 ميل في ڪلاڪ تي پوءِ 90، ڪانپوءِ 120 تي ۽ اها اجان تکي ٿي رهي هئي. هاٽي 140 ميل في ڪلاڪ رفتار تي ٻه هنجي ڪنيڙاٽين تي ڇڪ ايتري سخت نه هئي جيتري اڳ ستر تي هئي، پوءِ هو پنهنجن پرن جي پڇڙين کي تمام هلڪو ور ڏئي، گُهت مان چنڊ هيٺان لهر مٿان ڪنهن توب جي خاڪي گولي مثل ڇُٽي ٻاهر نڪتو.

هو واءُ آڏو اکيون اڌ پوري خوشيءَ وچان گد گد ٿيڻ لڳو. 140 ميل في ڪلاڪ ۽ اهو ٻه ڪنٽرول هيٺ. جي آئون ٻن هزار فٽن بدران پنج هزار فٽن جي اوچائي ڪان گهت هٽان ته پوءِ رفتار ڪيتري تيز...؟

ڪجهه گهڙيءَ ڀهرين جا ڪاڏي ويا وعدا، ڪاڏي ويا ارادا، اهي سڀ هوا ۾ اڏري ويا. ان واعدن ٽوڙڻ جو ڪيس ذرو ٻه احساس يا افسوس نه هو. اهڙا واعدا رڳو عام ڪينارن جو مَرَڪ آهن، پر جنهن اڏام سکيا جي اُتمتا کي ڇُهيو هجي ان لاءِ اهڙن وعدن جي ڪهڙي اهميت آهي.

سج اڀرڻ ويل ڪينارو جوناٿن وري مشق ڪري رهيو هو پنج هزار فٽن جي اوچائيءَ ڪان مڇين مارڻ واريون ٻيڙيون، هموار نيري پاٽيءَ تي ٽُٻڪن مثل لڳي رهيون هيون. نيراٽو ڪينارڪو ولر دز جي ذرن هلڪي ڦرندڙ ڪڪر جيان لڳي رهيو هو.

هو ڇوڪس ٿيو خوشيءَ وچان هلڪو هلڪو ڪنبي رهيو هو، ڪيس ڊپ تي قابو پائڻ تي فخر هو. پوءِ هن ٻي تڪلفيءَ سان پنهنجيون اڳيون ڪنيڙاٽيون پاڻ سان ڀيڪوڙي، پرن جون ڇوٽيون پڇڙيون پڪيڙي، سڌو سنئون سمنڊ ڏانهن ٽُٻي هنئين. جڏهن هو چار هزار فٽن جي اوچائيءَ ڪان گذريو ته هو ڇيهه رفتار تائين رسي چڪو هو. واءُ آواز جي وڄندڙ نهري ڀت مثل هئي، جنهن جي خلاف هو وڌيڪ تيز رفتار سان ڇُري نٿي سگهيو. هاڻ هو 214 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان سڌو هيٺ اُڏرندو ٿي ويو. هن ڀيٽ ڏني جو ڪيس خبر هئي ته جي هن رفتار تي هن پنهنجيون ويڙهيل ڪنيڙاٽيون کوليون ته هو ڌماڪي سان ڦاٽي ڪنپ ڪنپ ٿي ويندو. پر رفتار طاقتور هئي، رفتار شادماني هئي، ۽ رفتار نج سونهن هئي.

هڪ هزار فٽن جي اوچائي تي هن گُهت مان نڪرڻ جي ڪئي ان گهوگهائيندڙ واءُ ۾ پرن جون پڇڙيون پاڻ ۾ ٺهڪي ۽ ڏنڌلائجي رهيون هيون، ٻيڙي ۽ ڪينارن جو ميڙ سڌو سندس واٽ اندر هيٺ مٿي ۽ شهاب ثاقب جيان وڌي وڏا ٿي رهيا هئا.

هو رڪجي نٿي سگهيو، اڃا ڪيس ان رفتار تي مُڙڻ جي ڪل ڪانه هئي.

ٽاڪري جو مطلب- اُڦٽ موت هو.

ان ڪري هن پنهنجيون اکيون پوري ڇڏيون.

ان ڏينهن سج اڀرڻ ڪان ستت پوءِ ڇا ٿيو جو ڪينارو جوناٿن لونگسٽن 212 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ٺيڪ 'نيراٽي ولر' جي وچ منجهان گولي وانگر گذريو، سندس اکيون واءُ ۽ ڪنين جي گهوگهاٽ منجهه ٻُٽيل هيون. هن ڀيري 'نصيب جو ڪينارو' مٿس مُرڪيون ۽ ڪوبه نه مُئو.

جڏهن هن گُهت ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پنهنجي ڇهنب اُپ ڏانهن سڌي ڪئي، تڏهن ٻه هو 160 ميل في ڪلاڪ جي تکي رفتار سان وڃي رهيو هو. آخر ۾ جڏهن هن پنهنجي رفتار هوريان ڪري ويهه ڪئي ۽ پنهنجون ڪنيڙاٽيون پکيڙيون ته چار هزار فٽ ٻيڙي سمنڊ تي مانيءَ پور ذري جيان لڳي رهي هئي.

سندس سوچ سوپ هئي. ڇيهه رفتار! ڪيناري جي '214 ميل في ڪلاڪ' رفتار! اهو هڪ وڏو ڪارنامو هو، ڪيناري ولر جي تاريخ جي عظيم ترين واحد گهڙي هئي، اُن پل اندر ڪيناري جوناٿن لاءِ هڪ نئون دور پٽجي پڌرو ٿيو. هن پنهنجي هيڪلي مشق واري جاءِ ڏانهن اُڏرندي، اٺ هزار فٽن جي اوچائي تان گُهت هٽي انهي مهل مُڙڻ لاءِ پنهنجون ڪنيڙاٽيون ويڙهيون.

کيس پتو پيو تہ هڪ پر، پچڙيءَ جي هڪ ڪنپ ڪي انچ ذري ڇورڻ سان زبردست رفتار اندر هڪ لسو وهندڙ موڙ ماٽي سگهجي ٿو. بهرحال ان سڪڻ کان اڳ هن اهو بہ معلوم ڪيو تہ جي ان رفتار تي هڪ ڪان مٿي ڪنپ ڇوريا ويا تہ هو رائفل جي گوليءَ جيان گول ڦرڻ لڳندو... جوناٿن ڪنهن بہ زميني ڪيناري جي پيٽ ۾ پهريون هوائي ڪرتب اڏري ڏيکاريو هو.

هن اُن ڏينهن ٻين ڪينارن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اجايو وقت نہ وڃايو. پر سج لهڻ کان پوءِ تائين اُڏرندو رهيو. هن ٻيا هوائي ڪرتب- 'اُپ چلو' 'هوريان گڙڪ' 'اُبت ڦيرو'، 'ڪينارڪو اُڦيرو'، 'ڦِرندڙ ڦيٿو' وغيره دريافت ڪيا.

جڏهن ڪينارو جوناٿن ڪنڌيءَ تي اچي ولر سان مليو تہ پوري رات ٿي چڪي هئي. هو تمام ٿڪل هو، سندس مٿو ڦري رهيو هو. پر پوءِ بہ پٽ تي لهڻ کان اڳ هن خوشيءَ وچان اڏرندي 'اُپ چلو ٿاهيو ۽ پٽ تي پيرن رکڻ کان اڳ 'اُمالڪ گڙڪ' جو مظاهرو ڪيو. هو سوچڻ لڳو جڏهن ٻيا ڪينارا سندس ڪارنامي بابت ٻڌندا تہ خوشيءَ وچان ڇيچ وجهندا. آہ جيئڻ ڪاڻ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي. ڪاڏي لاءِ مڇين مارڻ وارين ٻيڙين کان ڦڪي بيسوادي اچ وچ بدران جياپي جو ٻيو ڪارڻ يا مقصد بہ آهي. اسان پاڻ کي اٽجاٽائي کان مٿي ڪڍي پاڻ کي فوقيت، ذهانت ۽ هنر واري مخلوق طور دريافت ڪري سگهون ٿا. اسان آزاد ٿي سگهون ٿا! اسان اڏرڻ سکي سگهون ٿا.

ايندڙ سال نڪور اُميد سان جِهر مِر ٿي جهونگاري رهيا هئا.

جڏهن هو هيٺ لٿو تہ ڪينارا راڄ گڏجاڻي لاءِ ڪٺا ٿيل هئا، لڳو ٿي تہ هو ڪافي وقت کان گڏ ٿيل هئا ۽ سچ پچو تہ انتظار ۾ هئا.

ڪينارا جوناٿن لونگسٽن! اچي وچ تي بيهہ! پرئي مڙس جي وڏ واڪي آواز ۾ گنڀيرتا هئي. وچ تي بيهڻ جو مطلب وڏي بيعزتي يا وڏي شرمناڪ ڳالهہ هئي. ماڻُ ڏيڻ لاءِ وچ تي بيهڻ رڳو ڪينارن جي وڏ اڳواڻن لاءِ مخصوص هو. بلاشڪ اهو ممڪن آهي. هن سوچيو، اڄ صبح نيراڻي ولر منهنجو ڪارنامو ڏٺو هو! پر مون کي اهي اعزاز نہ کپن. مونکي اڳواڻ ٿيڻ جي خواهش ناهي. مان جيڪو ڪجهہ دريافت ڪيو آهي، آئون اهو ساڻن ونڊڻ چاهيان ٿو. ڪين اسان سيني اڳيرا اُفق ڏيکارڻ چاهيان ٿو. هو اڳتي وڌيو.

"ڪنيارا جوناٿن لونگسٽن"، پرئي مڙس چيو، "پنهنجن سمورن ساٿين ڪينارن آڏو شرم لڄ کان اچي وچ تي بيهہ!"

جوناٿن کي ڄڻ تہ ڪنهن سونٽو وهائي ڪڍيو هجي. سندس گوڏن مان ساهہ نڪري ويو، ڪنپ ڍرڪي پيا، ڪنن ۾ واڄٽ وڄڻ لڳا. شرم کان وچ تي بيهڻ؟ ناممڪن! منهنجو ڪارنامو، منهنجي دريافت، هي سمجهن نٿا! هي غلط آهن، غلط آهن.

"... هنجي غير ذميواري، لاپرواهي ڪارڻ... گنڀير آواز لاندِ وچان ٿي چيو، ڪينار برادري جي مان شان، رتين رسمن ٽوڙڻ..."

شرم وچان وچ ۾ بيهڻ جو مطلب هو تہ ڪيس ڪينار برادري مان تڙيو ويندو، جندو پاڙي بند ٿيڻ کانپوءِ ڪيس ڏورانهين ايڪپرين تي هيڪلي زندگي گذارڻي پوندي.

"... هڪ ڏينهن ڪينارا جوناٿن لونگسٽن توکي خبر پئجي ويندي تہ غير ذميواري مان ڪجهہ ڪين ورندو. زندگي اڻڄاتل ۽ نہ ڄاڻڻ جوڳي آهي، هن جهان ۾ اچڻ جو مقصد بس کائڻ پيئڻ ۽ ممڪن حد تائين ڏِگهو جيئڻ آهي."

راڄ گڏجاڻيءَ ۾ ڪينارو ورندي ڪونہ ڏيندو آهي، پر جوناٿن جو آواز اُڀريو، "غير ذميواري؟ منهنجا ڀائرو، هن دانهن ڪئي. "اُن ڪيناري کان وڌ ٻيو ڪير ذميوار هوندو، جيڪو زندگيءَ جو مفهوم، انجو اتم مقصد معلوم ڪري اُن تي عمل ڪندو هجي؟ هزارن سالن کان اسان مڇين جي سِرين خاطر ٻُچڙا ٿيندا اچون پيا، پر هاڻ اسان وٽ جيئڻ جو ڪارڻ، سکڻ، معلوم ڪرڻ ۽ آزاد هئڻ آهي. مونکي رڳو هڪ موقعو ڏيو تہ مان اوهانکي ڏيکاريان مان ڇا ڳولي لڌو آهي..."

پر ولر ڄڻ تہ پٿ جيان ٻُٽ ٻوڙو هو.

"گڏجاڻي ختم ٿي" ڪينارن هڪ آواز ٿي چيو. پوءِ سيني هڪ راءِ ٿي سنجيدگيءَ سان پنهنجا ڪن بند ڪيا ۽ جوناٿن کان پٺ ورائي هليا ويا.

ڪيناري جوناٿن پنهنجي زندگي جا باقي ڏينهن هيڪلو ٿي گذاريا. هو ڏورانهين ايڪپرين جي بہ پار هليو ويو هو. هنجو هيڪلو ڏک رڳو اڪيلائي نہ پر اهو هو تہ ٻين ڪينارن جو اڏام جي مهارتي ناز مڃڻ کان انڪار هو جيڪا هنن لاءِ منتظر هئي. هنن اکين پٽڻ ۽ ڏسڻ کان ٻنهہ انڪار ڪري ڇڏيو هو.

هو روز بروز سکندو رهيو. هن سکيو تہ جي هو اُڀي تکي سِڌي ليڪ ٽُٻي هڻندو تہ ڪيس هڪ اهڙي اڻ لڀ ۽ لذيذ مڇي حاصل ٿيندي جيڪا سامونڊي مٿڇري کان ڏهہ فٽ هيٺ جهڳٽو ڪري هلندي آهي، ڪيس پنهنجي جياپي لاءِ مهاڻڪين ٻيڙين ۽ پاروٽي ماني جي ضرورت ڪانہ رهي هئي.

هن هوا ۾ ننڊ ڪرڻ بہ سکي ڇڏيو هو. هو رات جو ڪنڌي کان پرتي واري واءُ تي پاڻ کي ڇڏي ڏيندو هو ۽ سج اڀرڻ کان سج لهڻ تائين سوين ميل پار ڪندو هو. هو ساڳي مهارت سان هو گهاٽن سامونڊي ڪوهيڙن وچان اڏري صاف چٽن ۽ چمڪندڙ آسماني اوچائين تائين چڙهي ويندو هو... جنهن دوران پٽ تي بيٺل هر ڪينارو ڌنڌ ۽ مينهن جون سٽون پيو سهندو هو. هو سُڪيءَ اندر اوچين هوائن تي سواري ڪرڻ بہ سکي ويو هو، جتي هو نازڪ لذيذ جيتن کي راتوڪي ماني طور چُڳندو هو.

جيڪو هن ولر لاءِ ٿي چاهيو، تنهن جو هاڻ هو پاڻ فائدو وٺي رهيو هو. هو اڏرڻ سکي ويو هو ۽ انجي ڳري قيمت ڏيڻ تي هن کي هرگز افسوس نہ هو. ڪيناري جوناٿن اهو بہ دريافت ڪيو تہ بيزاري، ڊپ ۽ ڪاوڙ ئي اهي ڪارڻ آهن جنهن ڪري ڪنهن ڪيناري جي حياتي ننڍي ٿئي ٿي. سندس سوچ مان انهن جي نڪري وڃڻ سبب هن واقعي هڪ پياري ڊگهي زندگي گذاري.

هو سنجهي مهل آيا، ڏنائون تہ جوناٿن هيڪلو وڏي سُک ۽ مزي وچان پنهنجي پياري آسمان اندر گِسڪي وهي رهيو هو. سندين ڪنيڙاٿين وٽ اهي بہ ڪينارا تارن جوت جيان نج صاف هئا. منجهائن ايندڙ ٻهڪو اوچي راتوڪي هوا اندر نرم، جهيڻو ۽ ياراڻو ٿي لڳو. پر سندن سڀ کان پياري ڳالهہ هنن جي مهارت هئي، جنهن وسيلي هو جوناٿن جي پر پڇڙين سان پنهنجين پر پڇڙين جو مسلسل ليڪ هڪ اونچي فاصلو رکي ساڻس گڏ اڏري رهيا هئا.

بنان ڪجهہ ڪڇڻ جي جوناٿن ڪين آزمايو، اها اڏامي آزمائش جنهن ۾ هيل تائين ڪنهن ڪيناري ڪاميابي حاصل نہ ڪئي هئي. هن پنهنجين ڪنيڙاٿين کي ور ڏئي پنهنجي رفتار گهٽائي رُڪجڻ کان ٿورو مٿي هڪ ميل في ڪلاڪ ڪري ڇڏي. هو ٻئي ڀهڪندڙ پکي نہ ساڻس سُک ٿيو، نهايت لسائي سان ڍرائي وچان اُڏرندا رهيا، ڪين هوريان اڏام جي پوري ڄاڻ هئي.

پوءِ هن پنهنجيون ڪنيڙاٿيون ويڙهي، گُڙڪو کائي 190 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هيٺ گهت هنئي. هو ٻئي ڪينارا بہ ساڳي بي عيب هوائي ترتيب رکندي ساڻس گُهت ۾ گڏ هئا.

آخر ۾ جوناٿن ان رفتار کي سڌو مٿي هڪ 'اُڀي هوريان گڙڪ' ۾ موڙيو. هو بہ مرڪندي ساڻس گڏ گڙڪيا.

جوناٿن پاڻ سنڀالي سنئين اڏام تي آيو ۽ ڪجهہ دير جي ماٺ کانپوءِ چيائين، "ٺيڪ آهي پر اوهان ڪير آهيو؟"

"جوناٿن اسان تنهنجي ولر کان آيل آهيون. تنهنجا ڀائر آهيون." اهي سگهارا ۽ سانتيڪا لفظ هئا. "اسان توکي وڌ اوچائيءَ تنهنجي گهر ڏانهن وٺڻ آيا آهيون."

"منهنجو ڪو گهر ناهي، ڪو ولر ناهي، مان تڙيل آهيان هن وقت 'ايس عظيم جابلو واءُ' جي چوٽ تي اُڏري رهيا آهيون. اتان مان پنهنجي جهوني جسم کي سوفٽ ڪن بہ مٿي چاڙهي نٿو سگهان."

"نہ جوناٿن نہ، تون اوچو اُڏري سگهين ٿو جو تو سکيو آهي. هڪ اسڪول ختم ٿيو ۽ هاڻ ٻئي اسڪول شروع ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي."

جيڪا سمجهہ ساري زندگي کيس روشن ڪندي رهي، تنهن هاڻ بہ ڪيناري جوناٿن لاءِ ان پل کي روشن ڪري ڇڏيو. هو سچا هئا. هو اچا اوچو اڏري ٿي سگهيو، هاڻ گهر وڃڻ جو وقت اچي ويو هو.

هن آسمان پار، اُن عاليشان روپي زمين پار پنهنجي آخري نظر ڊوڙائي جتي هن ايترو ڪجهہ پرايو هو.

"ٺيڪ آهي، مان تيار آهيان." نيٺ هن چيو.

پوءِ ڪينارو جوناٿن لونگسٽن ٻن تارن جيان روشن ڪينارن سان گڏ مٿي اُسريو ۽ ٻاٽ اونداهي اُپ اندر غائب ٿي ويو.

## ٻيو ڀاڱو

اڇا تہ اهو مٿيون جهان آهي، جوناٿن هيءَ ڳالهہ سوچيندي پاڻ تي مُرڪيو تہ مٿين جهان اندر اڏري اچڻ

شرط انجو تجزيو ڪرڻ ڪا فضيلت ناهي.

هاڻ جيئن ئي هو زمين ڪان اڏري، ٻن روشن ڪينارن ويجهي ترتيب ساڻ جُهڙ مٿان آيو. هن ڏٺو ته هنجو پنهنجو بت به ٻن ڪينارن جيان روشن ٿي رهيو آهي. سچ پچو ته اهو ساڳيو نوجوان ڪينارو جوناٿن جيڪو هميشه ڪان سندس سونهري اکين پويان جيئندو رهيو هو، سو ته موجود هو، پر سندس ٻاهريون روپ بدلجي چڪو هو.

اهو روپ به ڪيناري جي بت جيان محسوس پئي ٿيو، پر اهو اڳيئي سندس اڳين بت ڪان تمام تيز اڏري ٿي سگهيو. رڳو اڌ ڪوشش سان هو پنهنجي ڌرتي واري بهترين رفتار ڪان ٻيڻو تيز اڏري ٻيڻي ڪارڪردگي ٿي ڏيکاري ٿي سگهيو.

هينئر سندس پنهنجا کنڀ به روشن ٿي نور مثل اجا اجرا ٿي ويا هئا. سندس ڪنيڙاٽيون چلڪايل چانديءَ جي چادرن جيان لسيون ۽ مڪمل ٿي وين هيون. هن خوشيءَ وچان پنهنجين نئين ڪنيڙاٽين بابت سکڻ ۽ ڪين پوري طاقت سان اڏارڻ شروع ڪيو.

250 ميل في ڪلاڪ جي رفتار تي هن محسوس ڪيو ته هو پنهنجي سنئين اڏامر جي انتها تائين رسڻ وارو آهي. 273 ميل رفتار تي هن سوچيو ته هو پنهنجي وت آهر تيز ترين رفتار تي اڏري رهيو آهي، ڪيس ڪجھ مايوسي ٿي. يعني نئين جسم جي به هڪ حد هئي، جيتوڻيڪ اها رفتار سندس پوئين سنئين اڏامر واري رڪارڊ ڪان گهڻو تيز هئي، پر تنهن هوندي به حد ته هئي، جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي جاکوڙ جي ضرورت پوندي. هو سوچڻ لڳو، مٿين جهان ۾ ته اهڙيون حدون نه هئڻ ڪپن ها.

جڏهن ڪڪر جدا ٿي ڌار ٿيا ته سندس سفر جي ساٿين پُڪاريو، "خير سان لهڻ جي مبارڪ هجي" ائين چئي هو جدي وايو اندر غائب ٿي ويا.

هو سمنڊ مٿان هڪ ڏڪ ڪنديءَ ليڪ ڏانهن اڏري رهيو هو. تمام ڪي ٿورا ڪينارا ايڪپرين ٽڪرين مٿان مٽ هوائي وهڪرن تي مشق ڪري رهيا هئا. ٿورو اتر پاسي، پريرو، خود اُفق تي ڪجھ ڪينارا پئي اڏريا. نوان نظارا، نيون سوچون، نوان سوال. ڪينارا ايترا ٿورا ڇو آهن؟ مٿين جهان ۾ ته ڪينارن جا ڪٽڪ هئڻ ڪپن ها. ۽ امالڪ مان ٿڪجي ڇو پيو آهيان؟ مٿين جهان ۾ ته ڪينارن کي ٿڪجڻ يا ننڊ ڪرڻ نه ڪپي.

هن اها ڳالھ ڪاٿئون ٻڌي هئي؟ ڌرتي تي سندي زندگي جي ياد ميسارجي رهي هئي. بيشڪ ڌرتي اها جاءِ هئي جتي هن گهڻو ڪجھ پرايو هو، پر تفصيل ڏندلي ٿي رهي هئي. شايد ڪجھ ڪاڌي بابت وڙ وڻان ۽ وڙهه وڙهان، ۽ پڙ تڙجي نڪرڻ.

ڏهاڪو ڪن ڪينارا، ڪيس ملڻ لاءِ اڳتي آيا، پر هنن ڪيس لفظن ۾ ڪونه ڪيڪاريو. هن رڳو اهو محسوس ڪيو ته هنجي آجيان ڪئي وئي آهي ۽ هي سندس گهر هو. هن لاءِ هي هڪ وڏو ڏينهن ٿي گذريو هو، جنهن جي سج اڀرڻ جي ياد مٿجي چڪي هئي.

هو ڪنديءَ تي سُڪي ڏانهن مُڙيو، پوءِ پٽ ڪان هڪ انچ مٿي پنهنجيون ڪنيڙاٽيون ڦڙڪائيندي، واريءَ تي هيٺ لٿو. ٻيا ڪينارا به هيٺ لٿا، پر مجال آ جو هنن پنهنجو هڪ ڪنڀ به ڦڙڪايو هجي. اهي هوا ۾ لوڏو ڪائي، پنهنجيون روشن ڪنيڙاٽيون پکيڙي، ڪنهن ريت ڪنين جون ور بدلائي نيڪ پيرن جي پٽ ڇهڻ مهل رُڪجي ويا. اهو تمام سريلو ڪنٽرول هو، پر جوناٿن ايترو ته ٿڪل هو جو ان ٽَل آزمائڻ جو موقعو نه هو. هو ڪنديءَ تي ٻيئي ٻنان ڪجھ ڪُڇڻ جي سمهي رهيو.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ جوناٿن ڏٺو ته هن جهان ۾ به اڏامر بابت ايترو ئي سکي سگهجي ٿو جيترو هن پنهنجي پوئين گهاريل زندگي ۾ پرايو هو. پر هڪ فرق ضرور هو ته هت ڪينارن جي سوچ سندي سوچ موجب هئي، جوته هر ڪيناري لاءِ جيئڻ جي اهم ترين شيءِ اڳتي رسي ڪامليت کي ڇهڻو هو ۽ ان عمل دوران ڪين سڀ ڪان پياري شيءِ اڏرڻ هو. هو سڀ جا سڀ عاليشان پکي هئا ۽ هر روز ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڏامر جي مشق لاءِ خرچ ڪندا هئا ۽ اڳتي وڌيل هوائي ڪرتب آزمائيندا هئا.

ڪافي ڏکهي عرصي تائين جوناٿن ڪان اها دنيا وسري وئي جتان هو آيو هو، اها جاءِ جتي سندس پراڻو ولر اڏامر جي شادماني ڪان اکيون ٻوٽي، پنهنجين ڪنيڙاٽين کي رڳو ڪاڌي لهڻ ۽ ان لاءِ وڙهڻ جو وسيلو بڻائيندو رهندو هو. پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ پل لاءِ ڪيس انجي ياد ايندي هئي.

هڪ صبح ڌاري جڏهن هو پنهنجي استاد سان گڏ ٻاهر نڪتل هو ۽ جڏهن هو ٻئي 'ويڙهيل ڪنيڙاٽين واري اُمالڪ گڙڪي' جي مشقي مدت ڪانپوءِ ڪنديءَ تي ساهي پٽي رهيا هئا ته جوناٿن کي وري ياد آئي.

"سَلِي وان ، ٻيا ڪينارا ڪٿي آهن؟" هن ڪينارن جي عام ڪڙ ڪڙ ۽ ڪوڪارن بدران مانيٽي ٽيلي پيٿي ذريعي پڇيو، جنهن ۾ هو پڙ ٿي چڪو هو. "هتي ايترا ٿورا ڪينارا ڇو آهن؟ جتان مان آيو آهيان اُتي ته..."

"... هزارين ڪينارا هوندا هئا. ها مونکي خبر آهي." سليوان ڪنڌ ڌوٽي چيو. "مُنهنجي خيال ۾ انجو جواب رڳو اهو آهي ته جوناٿن تون لکن ۾ ڪو هڪ پکي آهين. اسان مان اڪثر ڪينارا هوريان هوريان هن وات تي اڳتي وڌيا آهن. اسان هڪ دنيا ڪان هوبهو اهڙي ٻي دنيا ۾ ويندا رهياسين، اسانکي اهو به ياد نه هوندو هو ته اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ اها به پرواهه نه هوندي هئي ته ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون، بس رڳو ڪجھ پل لاءِ جيئندا هئاسين. ڇا تو کي ان ڳالھ جو تصور آهي ته اسان ان پهرين خيال اچڻ ڪان اڳ ته ڪائڻ پيئڻ، وڙهڻ جڙڻ ۽ ولر ۾ طاقت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ جيئڻ جو ٻيو مقصد به ٿي سگهي ٿو، اسان ان لاءِ ڪيترا جنم ورتا هوندا؟

جون، اسان هزار ڏھ هزار جنم ورتا! پوءِ ڪامليت جهڙي شيءِ بابت معلوم ٿيڻ لاءِ سو جنم ٻيا ورتا پيا ۽ پوءِ اسان ڪامليت جي ڳولا ۽ انکي پرائڻ خاطر سو جنم ٻيا ورتا. بيشڪ هتي به اهو ساڳيو اصول ڪم ڪري ٿو. اسان هن جهان ۾ سکڻ سان ئي ٻيو جهان چونڊينداسين. جي هتي ڪجھ نه سکيو ته ٻي دنيا به ساڳي هن جهان جهڙي هوندي، ساڳيون حدون، ساڳيا ڳرا بار هوندا جن تي غالب اچڻو پوندو."

سليوان پنهنجيون ڪنيڙاٽيون پکيڙي واءَ ڏانهن مهاڙ ڪرڻ لاءِ مڙيو ۽ چيائين، "پر تون جون هڪ ئي جنم ۾ ايترو ڪجھ پرايو جو هن جهان تائين رسڻ لاءِ توکي هزار جنم نه وڻڻا پيا."

هڪ پل اندر هو وري هوا تي چڙهي مشق ڪري رهيا هئا. هوائي ترتيب سان 'ٽُپڪ گڙڪون' ڏکيون هيون، جو جوناٿن کي اڌ ابت عمل دوران، پنهنجين ڪنيڙاٽين جي ور کي پوئتي ورائيندي ۽ اهو به پنهنجي استاد سان بالڪل هم آهنگيءَ ۾ ورائيندي اُلٽو ٿي سوچڻو پيو.

"اچو ٻيهر ٽا ڪيون" سليوان بار بار ٿي چيو:
"اچو ٻيهر ٽا ڪيون." آخر ۾ چيائين، "هاڻي ٺيڪ آهي." پوءِ ٻنهي ٻاهرين 'اُپ چَلن' جي مشق شروع ڪئي.

هڪ شام جو ڪينارا واپسي تي سوچيندي راتوٽي اڏامر نه ڪري رهيا هئا ته جوناٿن دل جهلي بزرگ ڪيناري ڏانهن وڌيو، جنهن لاءِ چيو ٿي ويو ته هو ستت هن جهان پار لاڏاڻو ڪري ويندو.

"جيانگ..." هن ٿورو گهٻراهٽ وچان چيو.

جهوني ڪيناري ڏانهس ڏياسان ڏسندي چيو، "جي، منهنجا پٽ!" بزرگ پيريءَ هٿان هيٺي هئڻ بدران جوان ڪان به جوان هو. هو ولر جي ڪنهن به ڪيناري ڪان وڌ تيز رفتار هو. هن اهي هنر سکيا هئا جيڪي ٻين ڪينارن هوريان هوريان سکڻ شروع ڪيا هئا.

"جيانگ، منهنجي خيال ۾ هي دنيا مٿيون جهان ناهي، توهان جو ڇا خيال آهي؟"

بزرگ چانڊوڪي اندر مُرڪيو، "ڪينارا جوناٿن، تون وري سکي رهيو آهين." هن چيو.

"چڱو ڀلا هن دنيا ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟ اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ ڇا مٿيون جهان جهڙي دنيا ڪٿي به ناهي؟"

"نه، جوناٿن مٿيون جهان جهڙي ڪا جاءِ ناهي. مٿيون جهان جاءِ ناهي، نڪو وقت آهي. مٿيون جهان مڪمل هئڻ آهي." هن هڪ پل جي ماٺ ڪانپوءِ چيو، "تون واقعي تيز رفتار ڪينارو آهين."

"مونکي... مونکي تيز رفتاري وڻندي آهي."

جوناٿن حيران ٿي ويو پر ڪيس فخر ٿيو ته بزرگ هنکي جاچيو آهي.

"جوناٿن جنهن پل تون ڪامل رفتار ڇُهندين اُن پل تون مٿيون جهان ڇُهڻ شروع ڪندين. ٻيو ته اڏامر هزارين لکين ميل في ڪلاڪ يا روشنيءَ جي رفتار سان اڏرڻ ناهي. جوته هر عدد هڪ حد آهي ۽ ڪامليت جي ڪا حد ڪانه ٿي ٿئي. منهنجا پٽ ڪامل رفتار اُتي هئڻ آهي."

پوءِ ٻنان ڪنهن چتاءَ جي اک ڇنڀ ۾ جيانگ نظرن ڪان غائب ٿي پاڻيءَ جي ڪنڌي ڪان پنجاهه فٽ پرتي ظاهر ٿيو. پوءِ وري غائب ٿي سيڪنڊ جي لکين پتيءَ اندر اچي جوناٿن جي پر ۾ بيٺو. "واقعي مزي واري ڳالھ آهي نه؟" هن چيو.

جوناٿن جون وايون ولڙيون ٿي ويون، ڪائنس مٿين جهان بابت پڇڻ وسري ويو. ”اهو اوهان ڪيئن ڪيو؟ ائين ڪرڻ سان ڇا محسوس ڪبو آهي؟ اوهان ڪيترو پري وڃي سگهو ٿا؟“

”تون چاهين ته ڪنهن به جاءِ، ڪنهن به وقت اندر وڃين سگهين ٿو“ بزرگ چيو، ”مان هر اُن جاءِ هر ان وقت اندر ويو آهيان جنهن بابت سوچي سگهيو آهيان.“ هن سمنڊ پار نهاريو.

”ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي. جيڪي ڪينارا سفر خاطر ڪامليت ڪان پاسو ڪن ٿا سي ڪيڏانهن به ڪين وڃن ٿا جي وڃن ٿا ته هوريان وڃن ٿا، پر جي ڪينارا ڪامليت ڪاڻ سفر ڪان پاسو ڪن ٿا سي هڪدم ڪيڏانهن به وڃي سگهن ٿا. جوناٿن هڪ ڳالهه ياد رک، مٿيون جهان ڪا جاءِ يا وقت ناهي، ڇوته مڪان توڙي زمان ٻئي بي معني آهن. مٿيون جهان...“

”ڀلا ڇا اوهان مونکي ان ريت اڏرڻ سيکاري سگهندا؟“ ڪينارو جوناٿن هڪ ٻئي نامعلوم تي سوپ ڪٽڻ لاءِ ڪنبي رهيو هو.

”بيشڪ جي تون سکڻ چاهين ته.“

”ها مان چاهيان ٿو. ڪڏهن شروع ڪيون؟“

”جي چاهين ته هاڻ ئي.“

”ها مان اهڙي اڏام سکڻ چاهيان ٿو“ جوناٿن چيو، سندس اکين ۾ عجيب چمڪ اچي وئي هئي.

”مونکي ٻڌايو ته ڇا ڪرڻو پوندو.“

جيانگ هورڙيان ڳالهائيندي، نوجوان ڪيناري جو غور سان جائزو وٺي رهيو هو. ”توکي خيال جي تيز رفتار سان ڪنهن به جاءِ ڏانهن اڏرڻو پوندو. انجي شروعات ائين ڪر ڄڻ تون اڳيئي اتي رسي چڪو آهين...“

جيانگ موجب جوناٿن لاءِ انجي ٿل اها هئي ته هو پاڻ کي ڪنهن محدود جسم اندر قاتل ڏسڻ ڇڏي ڏي، پل پرن جي پکيڙ ٻائيتاليهه انچ هجي ۽ انجي ڪارڪردگيءَ جي جدول ناهي سگهجي. انجي ٿلَ اها هئي ته هنجي جند ۽ جان ڪنهن اڻ لکي عدد مثل ڪامل پر ساڳي مهل مڪان ۽ زمان پار هجي.

جوناٿن روزانو سج اُبرئي ڪان آڌي رات وهامڻ تائين نهايت شدمد سان پنهنجي ڪِرت کي لڳو رهيو. پر پنهنجين سمورين ڪوششن جي باوجود هو پنهنجي جاءِ ڪان هڪ ڪنب جيتري ويڪر به چُري نه سگهيو.

”يقين وساري ڇڏ“ جيانگ بار بار ڪيس چوندو رهيو. ”توکي اڏرڻ لاءِ يقين جي ضرورت ناهي. توکي يقين جي نه پر اڏام جي فهم جي ضرورت آهي. هاڻي وري ڪوشش ڪر...“

پوءِ هڪ ڏينهن جوناٿن ڪنڌيءَ تي بيٺو، اکيون ٻُوٽي ڏيان ڌري رهيو هو ته هڪ چمڪي اندر هو سمجهي ويو ته جيانگ ڪيس ڇا ٻڌائي رهيو هو. ”سچي ڳالهه اهائي آهي! آئون هڪ ڪامل لامحدود ڪينارو آهيان!“ هن تي وجد طاري ٿي ويو.

”واهه!“ جيانگ چيو، سندس آواز ۾ سوپ هئي.

جوناٿن پنهنجيون اکيون ڪوليون ته هن ڏٺو ته هو بزرگ سان گڏ هڪ بنهه مختلف ڪنڌي تي بيٺو هو، جت پاٽيءَ جي ڪناريءَ تائين وڻ ئي وڻ هئا ۽ مٿي ٻه هيڊا سج ڦري رهيا هئا.

”آخر توکي انجي ٿل اچي وئي،“ جيانگ چيو، ”پر انتي قابو پائڻ لاءِ اڃا ٿوري محنت جي ضرورت آهي...“

جوناٿن هڪوٻڪو ٿيو بيٺو هو، ”اسان ڪٿي آهيون؟“

آسپاس جي عجيب ماحول ڪان قطعي غير متاثر بزرگ سوال لنوائي چيو، ”لڳي ٿو اسان ڪنهن گرَهه تي آهيون، جنهن جو آسمان سائو ۽ سج ٻٽا تارا آهن.“

جوناٿن خوشيءَ وچان ڪيڪار ڪئي، جيڪا ڌرتي ڇڏڻ ڪانپوءِ سندس پهرين ڪيڪار هئي، ”ترڪيب ڪامياب ٿي!“

”جون، اها ته ڪامياب ٿيڻي هئي.“ جيانگ چيو. ”جي توکي پنهنجي عمل جي ڄاڻ هوندي ته اها ضرور ڪامياب ٿيندي. هاڻي اچ ته ڪجهه قابو پائڻ بابت....“

جڏهن ٻئي موٽيا ته اونداهي ٿي چڪي هئي. ٻيا ڪينارا پنهنجين سونهري اکين ۾ مرعوبيت جي احساس سان جوناٿن کي ڏسي رهيا هئا جو هنن ڪيس پنهنجي جاءِ تان غائب ٿيندي ڏٺو هو جتي هو ايتري عرصي ڪان پنڊ پهڻ ٿيو بيٺو هو.

هن سندين مبارڪين وٺڻ ۾ منٽ ڪن به مس لڳايو هوندو. ”ڏسو مان هت نئون آيل آهيان! رڳو هاڻ شروعات ڪئي اٿم! اهو به ته مونکي اوهان ڪان سکڻ کپي.“

”جون، مونکي هڪ ڳالهه جو عجب آهي.“ سليوان سندس پر ۾ اچي چيو، ”مان سڪيا جي معاملي ۾ ڏهه هزار سالن اندر تو جهڙو بيڊپو ڪينارو نه ڏٺو آهي.“ ولر ماٺ ٿي ويو. جوناٿن ڦڪو ٿيو پاسا مٽائي رهيو هو.

”جي تون چاهين ته اسان وقت تي ڪم شروع ڪيون.“ جيانگ چيو، ”تان جو تون ماضي توڙي مستقبل اندر اڏري سگهندين. اُن ڪانپوءِ تو نهايت مشڪل نهايت مزيداري سڪيا لاءِ تيار ٿي ويندين. پوءِ تون واقعي اوچي اڏام، ٻاجهه ۽ پيار جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ تيار ٿي ويندين.“

مهينو يا مهيني محسوس ڪرڻ جهڙي ڪاشيءِ گذري وئي. جوناٿن تمام تيز رفتاريءَ سان سکي رهيو هو. هو هميشه ڪان عام آزمودي منجهان تِکو تِکو پرائيندو هو، هاڻ ته هو خود بزرگ جو خاص شاگرد هو. هن ڪنهن پردار اُپ ليڪ ڪمپيوٽر جيان نوان نوان خيال پرائڻ شروع ڪيا.

پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو جيانگ غائب ٿي ويو. هو مانيٽي انداز ۾ سمورن ڪينارن سان ڳالهائيندي کين تلقين ڪري رهيو هو ته هو ڪڏهن به پنهنجي سڪيا، پنهنجي مشق ۽ تمام زندگيءَ جي ڪامل اڻ ڏٺي اصول کي وڌ ۾ وڌ سمجهڻ جي ڪوشش ڪان نه رڪجن. ڳالهائيندي سندس ڪنب روشن ڪان روشن تر ٿيندا ويا، آخر ۾ اهي ايترا چمڪندڙ ٿي ويا جو ڪيس ڪو ڪينارو ڏسي نٿي سگهيو.

”جوناٿن.“ هن چيو ۽ اهي سندس آخري ٻول هئا.

”سدائين پيار تي محنت ڪندو رهجانءِ.“

جڏهن هو وري ڏسڻ جهڙا ٿيا ته جيانگ وڃي چڪو هو.

جيئن جيئن ڏينهن گذرندا رهيا جوناٿن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي ياد بار بار ايندي رهي جتان هو آيو هو. جي هنکي اُن مهل هاڻوڪي ڄاڻ جو ڏهون يا اڃا به سئون حصو اچي ها ته زندگي کهڙي نه معنائتي هجي ها! هو واريءَ تي ٻيهي سوچڻ لڳو متان ڌرتي تي ڪو اهڙو ٻيو ڪينارو هجي جيڪو حدن ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ هجي، جيڪو مهاڻڪي ٻيڙي ڪان ڪنهن ماني پور ڳيي لاءِ سفر ڪرڻ بدران اڏام جي معنيٰ معلوم ڪندو هجي، شايد ائين به هجي ته ڪو ڪينارو ولر آڏو سچ چوڻ ڪارڻ تڙيو ويو هجي. جيئن جيئن جوناٿن پنهنجي ٻاجهه جي سبقن جي مشق ڪندو رهيو، جيئن جيئن هو پيار جي ماهيت واري ڄاڻ تي ڪم ڪندو رهيو، تئين تيئن هنجي ڌرتي ڏانهن موٽڻ جي خواهش وڌندي وئي. ڇوته جوناٿن پنهنجي هيڪلي ماضي جي باوجود پيدائشي استاد هو. سندس پيار جي اظهار جو انداز اهو ٿورڙو سچ ڏيڻ هو جيڪو هن ڪنهن ڪيناري ۾ ڏٺو هو جنهن سچ کي پاڻ ڏسڻ جي موقعي جي ڳُهر ڪئي هئي.

سليوان جيڪو هاڻ خيال جي رفتار سان اڏام ۾ پڙ ٿي چڪو هو ۽ ٻين کي سکڻ ۾ مدد ڪري رهيو هو سو ان بابت مڙئي شڪ جو شڪار هو.

”جون، توکي راڄ نيڪالي ملي هئي. هاڻ توکي ڇو پڪ آهي ته تنهنجي وقت جو ڪو به ڪينارو تنهنجي ڳالهه ٻڌندو؟ تو اها چوڻي ٻڌي هوندي جيڪا سچي آهي، ’جيڪو ڪينارو تمام ڏور ڏسندو سوئي تمام اوچو اڏامندو.‘ جن ڪينارن مان تون هتي آيو آهين سي هاڻ به پٽ تي بيٺا ڪيڪڙاٽ ڪندا پاڻ ۾ وڙهندا هوندا. هو مٿين جهان ڪان هزارين ميل پري آهن ۽ تون ڪين سندن بيٺل پٽ ڪان مٿيون جهان ڏيکارڻ چاهين ٿو. اڙي هو ته پنهنجن پرن جي پڇڙين ڏسڻ ڪان به لاچار آهن. تون هتي ئي ترسيو رهه، هتي نون ڪينارن جي مدد ڪر جيڪي تنهنجي ٻڌايل سڪيا جي معنيٰ سمجهڻ جوڳا آهن.“ هڪ پل جي ماٺ ڪانپوءِ هن چيو، ”ڀلا جي جيانگ به پنهنجين پراڻين دنيائن ڏانهن موٽي وڃي ها ته اڄ تون ڪٿي هجين ها؟“

پوئين ڳالهه هٽي هنڌ ڪيو. واقعي سليوان سچو هو. ’جيڪو ڪينارو تمام ڏور ڏسندو سوئي تمام اوچو اڏامندو.‘

جوناٿن ترسي پيو ۽ نون آيل پکين تي محنت ڪندو رهيو جيڪو نهايت سمجهو ۽ سبق سکڻ ۾ تيز هئا. پر وري ساڳيو احساس موٽي آيو، جيڪو ڪيس ستائڻ لڳو، ڌرتي تي به ڪي هڪ ٻه اهڙا ڪينارا هوندا جيڪي پڻ سکڻ جي اهليت رکندا هوندا. جي جيانگ ساڻس ان ڏينهن اچي ملي ها جڏهن هو تڙجي نڪتو هو ته هيل تائين هو ڪيترو نه گهڻو پرائي ها.

”سلي مون کي وڃڻ کپي.“ نيٺ هن چئي ڏنو. ”تنهنجا شاگرد هاڻي تيار ٿي چڪا آهن، هو نون آيل ڪينارن کي سيکارڻ ۾ تنهنجي مدد ڪري سگهن ٿا.

سليوان ٿڌو ساهه ڪنيو. پر بحث نه ڪيائين. ”جوناٿن

تون مونکي ڏاڍو ياد ايندين.“ هن رڳو ايترو چيو.

”سلي ڪجھ شرم ڪر!“ جوناٿن کيس ڇنڀيندي چيو. ”ڪھڙي نہ موڙڪائي واري ڳالھ ڪئي اٿيئي. اسان پلاروز ڪھڙي مشق پيا ڪيون؟ جي اسانجي دوستيءَ جو آڌار زمان ۽ مڪان جھڙين شين تي آهي، پوءِ جڏھن اسان پنھي تي غالب ايندا سين تہ چا اسان پنھنجي برادري يا پاڻپي ختم ڪري ڇڏينداسين؟ مڪان تي غالب اچڻ سان باقي وڃي ’هت‘ بچندو ۽ زمان تي غالب اچڻ سان ’هاڻ‘ بچندو. پوءِ تنھنجي خيال ۾ چا اسان ’هت‘ ۽ ’هاڻ‘ جي وچ ۾ هڪ ٻيرو ڪونہ ملي سگھنداسين؟“

ڪينارو سليوان ٺهڪ ڏيڻ کان رڪجي نہ سگھيو. ”اڙي چرياڻ پکي.“ هن شفقت وچان چيو. ”ڪينارو جوناٿن لونگسٽن اهو واحد پکي آهي جيڪو ڪنھن کي زمين کان هزارين ميل ڏور ڏيکاري سگھي ٿو.“ هن واريءَ ڏانھن نھاريندي چيو. ”جون، منھنجا دوست، موڪلائي.“

”موڪلائي سلي. سدائين گڏ.“ ائين چئي جوناٿن ڪنڌي تي هڪ ٻئي وقت جي ڪينارن واري وڏي ولر جو تصور قائم ڪيو. هن پڇاڙيل سولائي سان ڄاتو تہ هو رڳو هڏيون ۽ کنڀ نہ پر آزادي ۽ اڏام جو ڪامل تصور آهي جيڪو ڪنھن بہ شيءِ کان محدود ناهي.

ڪيناري فليچر لِند جي جمار اڃا ننڍي هئي پر سٽت ڪيس پتو پئجي ويو تہ ڪنھن بہ پکي سان ڪنھن بہ ولر ايترو خراب سلوڪ يا ايتري نا انصافي نہ ڪئي هوندي.

”مونکي پرواھ ناهي تہ هو چا پيا چون.“ هن ڪاوڙ وچان سوچيو، ڏورانھين اُپيڪرين ڏانھن اڏرندي سندس ديد ڌُنڌلائجي وئي.

”هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين ڦڙڪائڻ کان وڌ اڏام ۾ گھڻو ڪجھ آهي. هڪ... هڪ... مڇر بہ ائين ڪري سگھي ٿو. مون پرڻي مڙس چوڌاري رڳو هڪ ’پيپ گڙڪ‘ ڪري ڏيکاريو، جيڪا هڪ مذاق هئي تہ بس جندبو پاٽي بند چا هو سڀ انڌا آهن؟ ڪين نظر نٿو اچي؟ چا هو ان ناموري بابت نٿا سوچي سگھن؟ جڏھن اسان واقعي اڏرڻ سکي ويندا سين؟

”مونکي پرواھ ناهي هو چا پيا سوچين. مان ڪين ڏيکاري رهندس تہ اڏرڻ چا آهي. مان بالڪل باغي ٿي ويندس، اهوئي چاهين ٿا نہ. مان ڪين تي ڏيکاريندس. مان ڪين افسوس ڪرڻ تي مجبور ڪندس...“

هنجي مٿي اندر هڪ آواز آيو، جيڪو تمام نرم ۽ جھيڻو هو، پر هن ايترو تہ چرڪ پريو جو هوا ۾ تڙي ٿاٻڙجي ويو.

”ڪينارا فليچر، مٿن ايتري ڪاوڙ نہ ڪر. توکي تڙڻ سان ٻين ڪينارن رڳو پنھنجو پاڻ کي اهنج رسايو آهي. هڪ ڏينھن ڪين اها خبر پئجي ويندي، اُن ڏينھن هو بہ اهوئي ڏسندا جيڪو تون ڏسين پيو. ڪين معاف ڪر، ڪين سمجھڻ ۾ مدد ڏي.“

هنجي ساڄي پر جي پڇڙي کان هڪ انچ پرتي دنيا جو سڀ کان روشن اچو ڪينارو، ٻنان ڪنھن ڪنڀ چورڻ جي، نھايت سھنج سان هوا اندر ترڪي رهيو هو، اهو بہ فليچر جي چوٽ رفتار برابر.

هڪ پل لاءِ نوجوان پکيءَ اندر هلچل مچي وئي.

”هي چا پيو ٿئي؟ چا مان چريو ٿي ويو آهيان؟ يا مري ويو آهيان؟ هي وري چا هي؟“

جھيڻو سانتيڪو آواز جواب طلبيندي سندس سوچ وچ جاري هو، ”ڪينارا فليچر، چا تون اڏرڻ چاهين ٿو؟“

”ها، آئون اُڏرڻ چاهيان ٿو.“

”ڪينارا فليچر، چا توکي اڏرڻ جي ايتري شديد خواهش آهي جو تون ولر کي معاف ڪري سگھين، پوءِ سکي، هڪ ڏينھن وٽن واپس وڃي ڪين سيکارڻ لاءِ محنت ڪري سگھين؟“

ڪينارو فليچر ڪٽي ڪيترو بہ خوددار يا ڏکويل هجي پر هو اهڙي شاندار ماهر هستيءَ سان ڪوڙ نٿي ڳالھائي سگھيو.

”ٺيڪ آهي“ هن نرمي وچان چيو.

”پوءِ فليچ، اُن روشن ڪيناري کيس چيو، جنھن جو آواز نھايت ٻاجھارو هو.“ اچ تہ سنئين اڏام شروع ڪيون...“

## ڀاڱو ٽيون



جوناٿن ڏورانھين ايپڪرين مٿان هورڙيان ڦيريون ڏيندي نوجوان اڻ گھڙئي ڪيناري فليچر کي جاچي رهيو هو، جيڪو اڏام جو ذري گھٽ مڪمل شاگرد هو. هو مضبوط، هوا اندر هلڪو ۽ تيز هو، پر سڀ کان اهم ڳالھ اها هئي تہ منجھس اڏام سکڻ جي پرُڪندڙ جذبو هو.

اُن مھل هو ڪنھن ڊنڊلي خاڪي شڪل ۾ گھوگھٽ ڪندي هڪ ڪُھٽ مان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ سو پنجاھ ميل في ڪلاڪ جي رفتار جي جھلڪ ڏيکاريندي پنھنجي استاد وٽان لنگھيو. پوءِ اماڪ هو ٻئي ڪرتب، ’سورنھن-نُڪتا اُپي هوريان گڙڪ‘ اندر گھڙي اهي نڪتا ڏاڍيان پڪارڻ لڳو.

”اٺ... نو... ڏھ... ڏس. جوناٿن- آئون- هوائي رفتار-

”هوريان- ڪري رهيو- آهيان... يارهن... آئون - تو- جھڙا-سنا-تڪا-اسٽاپ- چاهيان- ٿو... ٻارهن... پر-مار-پويس-آئون-تيرهن-ڪري-نٿو- سگھان... تيرهن... اهي-تي-آخري-نڪتا... چوڏهن... ڪانسواءِ.. آ آ آڪ!“

چوٽ تي فليچر جو سٽڪو ناڪاميءَ جي چوھ ۽ ڪاوڙ ڪارڻ ويتر بدتر ثابت ٿيو. هو پُٺيءَ ڀر بولاٽي کائي، تڙي ٿاٻڙي بيسوري نموني اُبت ڦير اندر ڦاٿو ۽ آخر ۾ پاڻ سنڀالي پنھنجي استاد جي سنوت کان سو فٽ هيٺ اچي سھڪڻ لڳو.

”جوناٿن، تون مونسان پنھنجو وقت زيان ڪري رهيو آهين! مان چسو پُوڪ بصر آهيان!“ مان ڪوشش مٿان ڪوشش ڪيان پيو پر ناڪام ٿي وڃان ٿو.“

ڪيناري جوناٿن کيس هيٺ ڏسي ڪنڌ ڌوڻيو، ”جيستائين تون پنھنجي گُھٽ مان زور ڏئي ٻاهر نڪرندين تيستائين تون واقعي ان ڪرتب ۾ ناڪام رهندين. فليچر، تو گھڙڻ وقت چاليھ ميل في ڪلاڪ وڃائي ڇڏيا هئا. اهو لس لس ڪرڻو آهي. ياد رک سختيءَ سان پر لس لس.“

هو نوجوان ڪيناري جي سنوت تائين هيٺ لھي آيو. ”هاڻ اچ تہ گڏجي هوائي ترتيب اندر انجي ڪوشش ڪيون. ٻاهر نڪرڻ تي ڌيان ڏي. اها نھايت لسي داخلا آهي.“

ٽن مھينن ڪانپوءِ جوناٿن وٽ ڇھ ٻيا شاگرد آيا. هو سڀ ولر کان نيڪال ٿيل هئا، پر خوشيءَ خاطر اڏرڻ جي ان نئين عجيب خيال بابت ڪين وڌو تجسس هو.

پر اوچي ڪارڪردگيءَ جي ڪارڻ سمجھڻ بدران هنن لاءِ انجي مشق وڌيڪ سھنجي هئي.

”سچ پچو تہ اسان مان هر ڪينارو عظيم ڪيناري جو تصور آهي، آزاديءَ جو هڪ لامحدود تصور آهي.“ ”سنجهي مھل ڪنڌي تي“ ڪين جوناٿن چوندو هو. ”بالڪل درست اڏام اسانجي اصلي فطرت جي اظھار ڏانھن هڪ وک آهي. جيڪا بہ شيءِ اسانکي محدود ڪري ان کان پاسو ڪرڻو آهي. ان لاءِ ئي اسين سڀ هي تيز رفتار مشق، هورڙيان رفتار ۽ هوائي ڪرتب ڪريون ٿا...“

... ۽ سندس شاگرد سچي ڏينھن جي اڏام کان ساٿا تي سُمھي رهندا هئا. پر ڪين مشق وڻندي هئي، چوتہ اها تکي ۽ جوش ڏياريندڙ هئي، جيڪا هر سبق سان گڏ اُسرندڙ سکيا جي بُک مٽائيندي هئي. پر ڪيناري فليچر سميت ڪنھن بہ ڪيناري کي ويساھ هو تہ تصورن جي اڏام ڪا ڪنين ۽ واءَ جي اڏام مثل سچ پچ ڪي هوندي.

”پر جي هڪ پُڇڙيءَ کان ٻي پڇڙيءَ تائين اوهانجو سمورو جسم.“ ٻين وقتن تي جوناٿن ڪين چوندو هو، ”بذات خود اوهانجو خيال آهي، جنھن جو روپ اوهانکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جي اوهان پنھنجي خيال جون ڪڙيون ٽوڙيندا تہ اوهان پنھنجي جسم جون ڪڙيون بہ ٽوڙي سگھندا...“ پر هو ڪھڙي بہ ريت اها تعليم ڏي، اها چڻ تہ هڪ مزيدار افسانو لڳندو هو، ڪين ويتر ننڊ اچڻ لڳندي هئي.

رڳو هڪ مھيني ڪانپوءِ جوناٿن چيو ولر ڏانھن واپسيءَ جو وقت اچي ويو آهي.

”اسان اڃا تيار ناهيون.“ ڪيناري هينري ڪالون چيو.

”اسانجي آجيان نہ ڪئي ويندي. اسانجو جندبو پاٽي بند آهي. جتي اسان کي ڪيڪاريو نہ وڃي اُتي چا هرورپرو زوريءَ وڃي سگھون ٿا؟“

”اسان کي ڪيڏانھن بہ وڃڻ ۽ پاڻ هئڻ جي آزادي آهي.“ جوناٿن وراڻيو. پوءِ هو واريءَ تان اڏاڻو، اوڀر ڏانھن مُڙي ولر جي گھرو پٽ ڏانھن روانو ٿيو.

ٿوري دير لاءِ سندس شاگرد پريشان ٿي ويا. جو ولر جي قانون موجب راڄ مان تڙيل ڪينارو ڪڏھن

واپس ڪونہ ورندو آهي ۽ ڏھ هزار سالن اندر اهو قانون هڪ ڀيرو بہ نہ ٽوڙيو ويو هو. قانون ٿي چيو، ’ترسو.‘ ۽ جوناٿن ٿي چيو، ’هلو.‘ ان وچ ۾ جوناٿن پاڻيءَ پار هڪ ميل پرتي وڃي چڪو هو. جي هو اجا انتظار ڪن ها تہ جوناٿن اڪيلي سر غير دوستياڻي ولر تائين وڃي پهچي ها.

”جڏهن اسان ولر ۾ شامل ناهيون تہ اسان تي ولر جي قانون جي پابندي لازم آهي ڇا؟ فليچر ڪجھ مڙسي ڏيکاريندي چيو، ”تنهن ڪانسواءِ جي ڪو جهيڙو بہ ٿيو تہ اسان هِتي بدران هُتي وڌيڪ مدد ڪرڻ جوڳا هونداسين.“

پوءِ ان صبح اٺ ڪينارا ٻن چونڪين واري هوائي ترتيب ٺاهي اولھ کان روانا ٿيا، سندن پرن جون پُڇڙيون هڪ ٻئي سان ٺهڪيل هيون. هو 135 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ’ولر راڄ ڪنڌيءَ‘ جي پارئون پار آيا، جو جوناٿن منڍ ۾ هو، فليچر لس لس انجي ساڄي پاسي ۽ هينري ڪالون مزي سان انجي کاٻي پاسي هو. پوءِ اها بہ اينٽي هوائي ترتيب ڪنهن هڪ پکي مثل ساڄي پاسي گڙڪو ڪائي... سنئين مان اُبتڙ... اُبتڙ مان سنئين ٿي، ان حالت ۾ جو واءُ سيڻ مٿان سٽڪا ڏئي رهي هئي.

ولر جي روز مره واري ڪڙڪڙ ۽ ڪوڪريا ائين ڪپجي ويا ڄڻ تڙيل پکين جي هوائي ترتيب ڪا وڏي ڪاتي هجي. ڪينارن جون اٺ هزار اکيون ڇنيڻ بنان کين جاچي رهيون هيون. انن ئي پکين مان هر پکي هڪ هڪ ڪري ڏار ٿي، مٿي نڪري پورو اُپ چلو ٺاهي، گول اُڏري، تمام هورڙيائي سان واريءَ تي پيرن پر هيٺ لٿو. پوءِ ڄڻ تہ اها ڳالھ روز جو معمول هجي، ڪيناري جوناٿن اڏام تي تبصرو شروع ڪيو.

”پهرين ڳالھ اها تہ، ”جوناٿن آڏي مرڪ سان چيو، ”توهان گڏجڻ ۾ مڙئي ڪجھ دير لاتي...“

پوءِ وڃ جيان اها خبر ولر ۾ پکڙجي وئي. اڙي هي پکي تہ تڙيل آهن. وري موٽي آيا آهن. ائين... ائين نہ هئڻ کپي. فليچر جي لڙائي واري اڳڪتي ولر جي مونجهاري اندر جهڙوڪ رِجي ڳري وئي.

”ٺيڪ آهي، پر هو تڙيل هجن“ ڪن نوجوان ڪينارن چيو، ”پر ڀائو انهن اهڙي اڏام ڪٿان سکي آهي؟“

پرئي مڙس جي پيغام کي ولر منجھ پکڙڻ ۾ ذري گهٽ ڪلاڪ لڳو. کين نظرانداز ڪيو. جو بہ ڪينارو تڙيل سان ڳالهائيندو سو بہ تڙيل ليکبو، جيڪو ڪينارو تڙيل ڏانهن نهاريندو اهو ولر جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندو.

اُن پل ڪانپوءِ ڪينارن جون خاڪي پُٺيون جوناٿن ڏانهن ٿي وينديون، پر هن کين ڪنگهيو بہ نہ. هن ڪيناري راڄ ڪنڌي مٿان اُپ تي پنهنجون مشقون جاري رکيون ۽ پهريون ڀيرو پنهنجن شاگردن کي سندن وت جي حد تائين دٻائڻ شروع ڪيائين

”ڪينارا مارٽِن.“ هن اُپ پار واڪو ڪيو. ”تون چوين پيو توکي هوريان رفتار اڏام ايندي آهي. اسان تڏهن مڃيون جڏهن تون ثابت ڪري ڏيکار! اڏري ڏيکار!“

سو ويچارو ننڍڙو ڪينارو مارٽِن وليم پنهنجي استاد جي دٻڙاٽ کان ڇرڪجي، پاڻ کي پاڻ حيران ڪري ڇڏيو ۽ هوريان رفتار جو ماهر بڻجي ويو. هو هلڪي هيرَ اندر پنهنجين کنيڙاٽين کي ور ڏي بنان هڪ ڦڙڪاٽ جي واريءَ کان ڪڪرن تائين پاڻ مٿي کٽي، وري واپس لهي اچي سگهندو هو.

ساڳي ريت ڪينارو شال رولان وڏي جبل جي واءُ تي چوويھ هزار فٽن جي اوچائيءَ تي چڙهي، مٿين ڇڏي ٿڌي هوا کان ڪارونيرو ٿي، حيران ۽ خوش هيٺ لهي ايندو هو، ان ارادي سان تہ سڀاڻي هو اجا بہ اوچو ويندو.

ڪينارو فليچر جنهن کي ٻين سڀن کان وڌ هوائي ڪرتب وڻندا هئا، تنهن پنهنجي ’سورهن نڪتا اُپي هوريان گڙڪي‘ تي سوڀ پائي ۽ ٻئي ڏينهن هن ’ٽيڻ پاسيري بولاٽي‘ ڪري ڏيکاري. جو سندس کنڀن کان اڇي اُس جو اولڙ ڪنڌيءَ تي پئجي رهيو هو، جتان ڪيئي اکيون ڪيس چوريءَ جاچي رهيون هيون.

ڪلاڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ جوناٿن پنهنجي هر شاگرد ڏانهن وڃي مظاهرو ڪري، صلاح ڏئي، زور ڀري، سندي رهبري ڪري رهيو هو. هو راند طور رات، جُهڙ يا طوفان منجھ بہ ساڻن گڏ تي اڏريو، ان وچ ۾ ولر تڪليف وچان پٽ تي ڊونڊڙو پيو هوندو هو.

اڏرڻ جي مشق ڪانپوءِ شاگرد واريءَ تي ساهي پٽيندا هئا، ان وقت هو جوناٿن کي وڌيڪ ڌيان سان ٻڌندا هئا. هنجا ڇرياڻ خيال کين سمجھ ۾ نہ ايندا هئا، پر ڪي چڱا خيال سمجهي ويندا هئا.

آهستي آهستي رات جو شاگردن جي دائري چوڌاري هڪ ٻيو دائرو ٺهڻ لڳو، اهو تجسس رکندڙ ڪينارن جو دائرو هو جيڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اچي تلقين ٻڌندو هو، هو لڪ ڇپ ۾ ايندا هئا، ڏسڻ يا ڏسجڻ نہ چاهيندا هئا ۽ پرھ ڦٽي کان اڳ غائب ٿي ويندا هئا.

سندن واپسيءَ کي مهينو کن نہ گذريو هوندو تہ ولر جو پهريون ڪينارو ليڪو لنگهي آيو ۽ اڏام سکڻ لاءِ عرض ڪيائين. ان عرض ڪارڻ ڪينارو ٽيرنس لووِل هڪ لنديل تڙيل پکي ۽ جوناٿن جو اٺون شاگرد بڻجي ويو.

ٻي رات ولر مان ڪينارو ڪرڪ ميناردِ، واريءَ تي ٿڙندو ٿاٻڙندو، پنهنجي کاٻي کنيڙاٽي گهليندو اچي جوناٿن جي پيرن ۾ ڍٺو. ”منهنجي مدد ڪر.“ هن ڪنهن مرٽينگ مثل هورڙيان ٻاڏايو، ”مون کي دنيا ۾ ٻين سڀني شين کان وڌيڪ اڏرڻ جي خواهش آهي...“

”پوءِ دير ڇاجي آهي؟“ جوناٿن چيو، ”اچ، مونسان گڏ زمين تان مٿي چڙهہ تہ جيئن شروع ڪيون.“

”تو منهنجي ڳالھ نہ سمجهي، اچ منهنجي کنيڙاٽي، مان پنهنجي کنيڙاٽي چورڻ کان لاچار آهيان.“

”ڪينارا ميناردِ، هتي يا هاڻ، توکي پاڻ هئڻ پنهنجي اصلي پاڻ هئڻ جي پوري آزادي آهي ۽ ڪا شيءِ تنهنجي واٽ ۾ روڪ رنڊڪ ناهي. اهو عظيم ڪيناري جو قانون آهي، اهوئي قانون آهي.“

”تنهنجو چوڻ آهي آئون اڏري سگهان ٿو؟“

”مون چيو نہ تون آزاد آهين.“

پوءِ نهايت سادگي ۽ تکائي سان ڪيناري ڪرڪ ميناردِ بنان ڪنهن ڪوشش جي پنهنجون کنيڙاٽيون پکيڙي ڪاري رات جي هوا اندر مٿي اڏاٽو. پنج سو فٽ مٿي کان ولر هنجي هيئون ڏار ڏاڍيان ريھ ٻڌي، پنهنجي ننڍ مان جاڳي پيو، ”اڙي ڏسو، آئون اُڏري سگهان ٿو. اڙي ٻڌو آئو اُڏري سگهان ٿو.“

صبح سوير کي هزار کن ڪينارا، شاگردن جي دائري ٻاهريان تجسس وچان ميناردِ ڏانهن نهاري رهيا هئا. کين ڏسجڻ جي پرواھ ڪانہ رهي هئي. هو ڪيناري جوناٿن جو سبق ٻڌي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

هن تمام سادين ڳالهين بابت ڳالهايو. ڪيناري کي اڏرڻ جو حق حاصل آهي، آزادي هنجي وجود جي اصلوڪي فطرت آهي، جيڪا بہ شيءِ ان آزادي کي روڪي ٿي تنهن کان پاسو ڪجي، پل اها رسم ريت، توهم پرستي يا ڪنهن بہ روپ ۾ محدوديت هجي.“

”پاسو ڪجي“ ميڙاڪي مان هڪ آواز آيو، ”پل اهو ولر جو قانون ئي چونہ هجي؟“

”رڳو سچو قانون اهو آهي جيڪو آزادي ڏانهن نيئندو هجي“ جوناٿن چيو، ”ڪو ٻيو قانون ناهي.“

”اسان تو جيان ڪيئن اڏري سگهنداسين.“ هڪ ٻيو آواز آيو، ”تون سمورن ڪينارن کان مٿي هڪ خاص ڏات وارو، الاهي ڪينارو آهين.“

”فلير، لوول، شارل رولان ڏانهن نهاريو! ڇا هي بہ خاص، ڏات وارا ۽ الاهي ڪينارا آهن؟ هي بہ توهان جهڙا، مون جهڙا عام پکي آهن. فرق رڳو اهو آهي تہ هنن اهو سمجهڻ شروع ڪيو آهي تہ هو حقيقت ۾ ڇا آهن ۽ ان تي عمل ڪري رهيا آهن.“

فليچر ڪانسواءِ هنجا ٻيا شاگرد بيچين ٿي پاسا مٽائڻ لڳا. کين اها خبر نہ هئي تہ هو اهو ڪجھ ڪري رهيا آهن.

روز سوال ڪرڻ، عقيدت يا نفرت ڪرڻ لاءِ هجوم وڌندو ويو.

ولر ۾ هيءَ ڳالھ هُلي پئي تہ تون عظيم ڪيناري جو پٽ آهيان، ”هڪ صبح اڳتي وڌيل رفتار جي مشق ڪانپوءِ جوناٿن کي ٻڌايو. ”اهو بہ تہ تون پنهنجي دور کان هڪ هزار سال اڳتي آهين.“

جوناٿن شوڪارو ڀريو. اها آهي ناسمجهيءَ جي قيمت، هن سوچيو. هو توکي شيطان يا ديوتا سمجهندا. ”تنهنجو ڇا خيال آهي فليچ؟ ڇا اسان وقت کان اڳتي آهيون؟“

ڊگهي ماٺ ڪانپوءِ. ”خير، هن قسم جي اڏار سکڻ يا دريافت هئڻ لاءِ هميشہ کان هتي موجود رهي آهي. انجو وقت يا دور سان ڪو تعلق ناهي. ممڪن آهي اسان رسم رواج کان اڳتي هجون يا اڪثر ڪينارن جي اڏام واري طريقي کان اڳتي هجون.“

”ڪجھ تہ ڳالھ ٿي“ جوناٿن مهل کن جي ابت وهڪ لاءِ گڙڪ ڪائيندي چيو. ”اوهان وقت کان اڳتي هئڻ جي مقابلي ۾ ڪجھ بهتر آهي.“

هفتي کن ڪانپوءِ اهو واقعو پيش آيو. فليچر نون

آيل شاگردن آڏو تک رفتار اڏام جي جزن جو مظاهرو ڪري رهيو هو. هو ست هزار فٽن جي گُهٽ ڪان جيئن ئي ٻاهر نڪري، ڪنڊيءَ ڪان ڪجھ انچ مٿي هڪ ڍگهي خاڪي ليڪ مثل گوليءَ جيان گذري رهيو هو تہ هڪ ننڍڙو پکي پنهنجي ماءُ کي سڏيندي، پنهنجي پهرين اڏام دوران ترڪندو سڌو هنجي واٽ ۾ اچي ويو. ٻچڙي ڪان بچڻ لاءِ سيڪنڊ جي ڏنل ڏهين پتيءَ اندر امالڪ زور پري ڪاٻي پاسي مڙيو ۽ ٻہ سو ميل ڪان ٻہ مٿي في ڪلاڪ جي رفتار سان وچي هڪ سخت نهري ايڪپريءَ سان ٽڪرايو.

ڪيس ائين لڳو ٽڪري ڇڻ ڪنهن ٻئي جهان اندر هڪ وڏو سخت دروازو هجي. ٽڪرائيندي پهريائين ڏڏڪو، صدمو ۽ ڪاراڻ ۽ پوءِ هو هڪ عجيب پر تمام عجيب آسمان اندر. وساريندي ياد ڪندي، وساريندي لُڙهي رهيو هو، هو ڊنل، اداس ۽ وڏي پر تمام وڏي افسوس ۾ هو.

ڪيس هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جيئن پهرين ڏينهن جڏهن هو ڪيناري جوناٿن لونگسٽن سان مليو هو تڏهن آيو هو.

”فليچر، انجي ٽل اها چئبي تہ اسان صبر سان ترتيب موجب پنهنجين حدن تي غالب اچون. ٽڪري وچان اڏرڻ جو پروگرام تہ ڪجھ آخر ۾ رکيل هو.“

”جوناٿن.“

”ها اهوئي جوناٿن جيڪو عظيم ڪيناري جو پٽ ليکبو آهي، سندس استاد خشڪ لهجي ۾ چيو.

”تون هتي ڇا پيو ڪرين؟ اُيڪپري، ڇا، ڇا... آئون ... مري نہ ويو آهيان؟“

”آھ فليچر، اهي ڳالهيون ڇڏ. ڪجھ سوچ، جي تون هينئر مونسان ڳالهائين پيو، معنيٰ ڪونہ مُئو آهين. تو رڳو امالڪ پنهنجي پروڙ جي سنوت بدلائي آهي. هاڻي فيصلو تنهنجي هٿ ۾ آهي تون هتي رهي هن سنوت تي سک، جيڪا بهرحال تنهنجي ڇڏيل سنوت ڪان مڙئي ڪجھ مٿي آهي. يا موٽي وڃي پنهنجي ولر تي محنت جاري رک. ولر جي پرين مڙسن کي مڙئي ڪجھ اهڙي قسم جي. هاڃي جي اميد هئي، هو حيران آهن تہ تو ڪهڙي سهٽي ريت هنن جي آرزو پوري ڪئي آهي.“

”مان بلاشڪ پنهنجي ولر ڏانهن موٽڻ چاهيان ٿو. مان پنهنجي ٽوليءَ سان اڃا مس شروعات ڪئي آهي.“

”چڱو نيڪ آهي فليچر. هاڻي ياد ڪر تہ اسان پنهنجي پکيڙيون، سڄي ولر جي ميڙاڪي جي وچ اندر، ايڪپريءَ جي پاڙون پنهنجيون اکيون کوليون. جڏهن هو پهريائين ڇُريو تہ ڪينارن جي ميڙ ۾ هڪ وڏو چوٻول مچي ويو.

”جيئرو ٿي ويو، اڙي مُئل جيئرو ٿي ويو.“

”عظيم ڪيناري جي پٽ پنهنجي پَرَ جي پڇڙي ڇهڻ سان مئل جياري ڇڏيو.“

”بالڪل نہ، هو موت ڪان ٻہ نہ مُڙيو. هو شيطان آهي، شيطان. هي ولر ۾ وڇوٽي وجهڻ آيو آهي.“

چار هزار ڪينارن جو هجوم ان واقعي ڪان ڊنل هو. پوءِ ساموندي طوفان جي مينهن واچ جيان شيطان! جو نعرو منجهن گذري ويو. هو پٽرايل اکين ۾ تيز تکين ڇهنبن سان کين ناس ڪرڻ لاءِ وڏي ويجها ٿيڻ لڳا.

”فليچر بهتر نہ ٿيندو تہ اسان هي جاءِ ڇڏيون؟“ جوناٿن پڇيو.

”مونکي ڪو ايترو اعتراض بہ نہ هئڻ ڪپي...“

هڪدم هو اڌ ميل پرتي گڏ بيٺا هئا. هجوم جون چمڪندڙ ڇهنبون اچي خالي هوا کي لڳيون.

”ائين ڇو آهي؟“ جوناٿن مُنجهي چيو، ”دنيا جي ڏکي ۾ ڏکي شيءِ ڪنهن پکي کي قائل ڪرڻ آهي تہ هو آزاد آهي، هو جي عمل ۾ ٿورو وقت بہ لڳائي تہ ڪيس پاڻ کي ثبوت ملي ويندو اها ايتري ڏکي ڳالھ ڇو هئڻ ڪپي؟“

فليچر منظر جي تبديلي ڪان اڃا بہ اکيون ڇنڀي رهيو هو.

”تو ڀلا هينئر ڇا ڪيو؟ اسان هتي ڪيئن رسياسين؟“

”تو پاڻ ٿي چيو تہ ميڙ منجهان نڪرون.“

”ٺيڪ آهي، پر تو ڪيئن...؟“

”فليچر، جيئن ٻين شيون ڪبيون آهن. مشق.“

*

صبح تائين ولر پنهنجي چريائي وساري چڪو هو، پر فليچر ڪان ڪونہ وسريو هو. ”جوناٿن ياد ڪر جيڪو تو گهڻو وقت اڳ چيو هو تہ ولر سان پيار ڪر ۽ سکڻ ۾ انجي مدد ڪر.“

”ها.“

”مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ پکين جي جنهن هجوم جنهن اڃهو هاڻ توکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، اُن سان پيار ڪيئن ڪري سگهندين.“

”آھ فليچر، توکي ان سان پيار نہ ڪرڻو آهي، بلاشڪ نفرت ۽ بُرائي سان پيار ناهي ڪرڻو، توکي عمل ڪرڻو آهي، توکي منجهائن هر هڪ اندر اصلي ڪينارو، انهن مان هر هڪ اندر نيڪي ڏسڻي آهي ۽ منجهن اها شيءِ ڏسڻ لاءِ سندي مدد ڪرڻي آهي. منهنجو پيار سان اهو مطلب آهي. جڏهن توکي انجي ٽل ايندي تہ توکي لطف ايندو.“

مونکي مثال طور هڪ سخت ڪاوڙيل نوجوان پکي ياد آهي، جنهن جو نالو ڪينارو فليچر لِنڊ هو، انکي تازو راڄ نيڪالي ملي هئي، جيڪو مرڻ مارڻ جي حد تائين ولر سان وڙهڻ لاءِ تيار هو ۽ ڏورانهين ايڪپرين ڏانهن وڃي پنهنجي دوزخ جي ٻاھ پاڻ ٻارڻ وارو هو. اڄ اهو ساڳيو پکي هتي پنهنجي لاءِ جنت اڏري رهيو آهي ۽ ساري ولر کي اوڏانهن نيئي رهيو آهي.“

فليچر پنهنجي استاد ڏانهن مُڙيو، سندس اکين ۾ گهڙي کن ڊپ نظر آيو، ”مان نيئي رهيو آهيان؟“ نيٺو سان تنهنجو ڇا مطلب آهي؟

هتي تون ئي اسان جو استاد، اسانجو رهبر آهين. تون هتان تہ ويندين!

”نہ ويندس؟ تنهنجي خيال ۾ کي ٻيا ولر، کي ٻيا فليچر نہ هوندا جنکي هتان ڪان وڌ رهبر جي ضرورت هوندي، جنکي روشني ڏانهن واٽ جو کپ هوندو؟

”مان؟ جون، مان هڪ سادو ڪينارو آهيان ۽ تون...“

”... عظيم ڪيناري جو سڪيلڊو پٽ آهيان.“ جوناٿن شوڪارو پري سمنڊ ڏانهن نهاريو.“ توکي هاڻ منهنجي وڌيڪ ضرورت ناهي. توکي هر روز ٿورو ٿورو ڪري پنهنجو پاڻ ڳولڻ، ان اصلي لامحدود ڪيناري فليچر لهڻ جي ضرورت آهي. هوئي تنهنجو استاد، رهبر آهي. توکي انکي سمجهڻ ۽ ان تي عمل جي ضرورت آهي.“

پل کن ڪانپوءِ جوناٿن جو جسم ٿم ٿم ٿمڪڻ لڳو، پوءِ جهرمرائي شفاف ٿيڻ لڳو. ”ٻين کي مون بابت مور ڪاٿا افواھ پکيڙڻ يا مونکي ديوتا بنائڻ نہ ڏي. نيڪ آهي، فليچ؟ آئون هڪ ڪينارو آهيان. آئون اڏرڻ پسند ڪيان ٿو. ممکن آهي.“

”جوناٿن!“

”ويچارو فليچ. جيڪو ڪجھ تنهنجون اکيون پَسين ان تي اعتبار نہ ڪر. اهي رڳو محدوديت ڏيکاريندون. پنهنجي فهم سان نهار ۽ اهو ڳولي لھ جيڪو توکي اڳيئي معلوم آهي، ان ريت تون اڏام ڏانهن ويندڙ واٽ پسي سگهندين.“

جهرمر ختم ٿي وئي، ڪينارو جوناٿن خالي هوا اندر غائب ٿي چڪو هو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڪينارو فليچر پاڻ گهلي آسمان اڏاٽو ۽ شاگردن جي نئين نڪور ٽوليءَ ڏانهن مُنهن ڪيائين جيڪي پنهنجي پهرين سبق لاءِ آتا هئا.

”پهريائين“ هن ڳوري لهجي ۾ چيو، ”اوهان کي سمجهڻ کپي تہ ڪينارو آزادي جو هڪ لامحدود خيال، عظيم ڪيناري جو تصور آهي، هڪ پرڇي پُڇڙيءَ ڪان ٻي پڇڙيءَ تائين اوهانجو سارو جسم رڳو اوهانجو پنهنجو خيال آهي.“

نوجوان ڪينارا منجهي ڪيس نهارڻ لڳا. اڙي بابا اڳتي وڌ، هلن سوچيو، هي ڪنهن اُپ ڇلي جو اصول تہ نٿو لڳي.

فليچر شوڪارو پري ٻيهر شروع ٿيو، ”آهم، نيڪ آهي.“ هن چيو ۽ کين تنقيدي نگاھ سان ڏسڻ لڳو، ”اچو تہ سنئين اڏام ڪان شروع ڪيون.“ ائين چوندي هو هڪدم سمجهي ويو تہ سندس دوست ايمانداري سان سچ ٿي چيو تہ هو الاهي هستيءَ بدران فقط جوناٿن هو.

”ڪا حد ناهي، جوناٿن“ هن سوچيو. پوءِ اهو وقت پري ناهي جڏهن مان هوا منجهان تنهنجي ڪنڊيءَ تي نڪري نروار ٿي توکي اڏام بابت هڪ ٻہ نئين شيءِ ڏيکاريندس.

پوءِ جڏهن هن پنهنجن شاگردن لاءِ مناسب طور سخت ڏسجڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن هڪ پل لاءِ کين اوهڙو ئي ڏٺو جهڙا هو اصل ۾ هئا ۽ هن جيڪو ڪجھ ڏٺو اهو ڪيس پسند آيو، پيارو لڳو. ڪا حد ناهي، جوناٿن. هن سوچيو ۽ مرڪي ڏنو. سکيا لاءِ سندس ڊوڙ شروع ٿي چڪي هئي.

*Photographs By: Russell Munson*

# پاتم جهاتي جهان ۾...




شيام ڪمار

پر، ماستر حُسو ڪانئس انساني وصفن ۾ لڇڻن ۾ گهڻو مٿانئو هيو. هن جي مورت ۾ ڪردار ۾ ڏاڍ، ڏمر ۽ بلاتڪار ۽ نردئتا جو واسو بلڪل ڪين هو. پر، هڪ ڀيري جوش ۾ هوش وڃائي هڪ ماڻهو ماري وڌو هئائين جنهن جي سزا ڪاٽي ٻاهر نڪري آيو، ۽ ڪافي حد تائين ان ڪڌيءَ عمل جو پڇتاءُ بہ ڪيائين. لڳن ۾ حُسو عمر ۾ تقريباً هڪ سرتا هئا ۽ ٻيئي مون کان عمر ۾ سال ٻہ وڏا هئا. اهي ٻيئي پيارا ۽ نيارا يار (حُسو ۽ ٻگن) ترتيبوار گذريل صدي جي سٺ ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ ڪرنڊڙ تارن جيان عدم جي اوڙاهہ ۾ غائب ٿي ويا. ماست حُسو جي 'فلسفي' موجب جيئن تہ هو 'آدم' جي اولاد هيو ان ڪري سندس نظر ۾ 'لذت گناهہ' کان انحراف جهڙو پاپ ٻيو ڪنو ڪونہ هيو: 'آدم' جي مٽي تي تاحيات قائم رهيو.

هڪ هستي موپسان جيان 'جوان عمري' ۾ جاگيراڻي حسينائن جي بي پناهہ 'پيهہ' هيٺان دٻجڻ کان اڳ ('پيهہ' يا 'سوم ديوتا' سان سنگ؟) مولانا عبدالغفور همايوني جي ڪافي جا هيٺيان بند،

**تنهنجي زلفن جي بند ڪمند وڏا**
**زندان هزارين مان نہ رڳو**
**تنهنجي حسن سڄڻ حيران ڪيا**
**انسان هزارين مان نہ رڳو**

جهونگاريندي هميشہ لاءِ عدم جي راهہ وٺي الوپ ٿي ويئي. ۽ ٻيءَ 'سوم ديوتا' جي لاڳيتي اٽوٽ صحبت وگهي، ذيابيطس ۽ دل جي ظاهري روڳ ۾ ونجي، سندس 'قربان گاهہ' تي ٻليدان ڏئي 'نروان' حاصل ڪري ورتو. ٻڌتر ۾ آهيان تہ ڪهڙو انت وڌيڪ دلفريب ۽ پرڪشش آهي؟

گذريل صدي جي سٺ واري ڏهاڪي جي شروعاتي سال ۾ مان اسلاميہ (فاران) هاءِ اسڪول والد گنج سکر ۾ ماستر هيس. اسڪول وڃڻ لاءِ مون کي روزانو نم جي چاڙهي ٽپي، جيلاني روڊ ۽ معصوم شاهہ منارو روڊ جي وچ واري سيلاٽن جي پاڙي مان لنگهڻو پوندو هو. سيلاٽا برادري، غير تحقيقي حوالي سان ڪڇي، ٺري ۽ ڪنهن حد تائين مارواڙين جي 'ميل ميلاپ' سان وجود ۾ آئي آهي. سندن زائفن ۽ سندرين جو رنگ روپ مهانڊا نقش جاگيراڻين کان بنهہ مختلف آهن. جاگيراڻيون رنگ جون گلابي مائل ڪير جهڙيون اڇيون ۽ ٺيٺ سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. پر، سيلاٽڻيون جيتوڻيڪ مهانڊن جو ملوڪ ۽ تکيون ۽ مور آهن پر رنگ جون سانوريون ليڪن سياءُ جون ڪرشن جي گوپين جيئن بانوريون، بي ڊپيون ۽ جسماني بيهڪ ۾ چندن جي ڪاٺ جيئن نهريون ۽ خوشبودار ٿين ٿيون.

سندن آواز ۽ لهجو پڪي راڳ جيئن ڪڙڪ ۽ وزنائتو ٿئي ٿو ۽ سندن سنڌي ادائگي ۾ ڪڇي ميمڻي ٺري ۽ ماڙيچي ٻُرڪو صاف پسي سگهجي ٿو. بدن جون جانٺيون ۽ مردمار هونديون آهن. منهنجي جهوني دوست نياز همايوني جي ڀين شادي بہ هڪ ڪڇي خاتون سان ٿي هئي جنهن سان گهڻو پوءِ ملڻ بعد منهنجي هانءُ تي سکر جون سيلاٽڻيون هري اينديون هيون. نياز جي گهر واري نهايت سيبتي، سگهڙ ۽ نرم خو خاتون هئي. ۽ مون نياز سان گڏ سندس لذيذ ڪاڌن جو خوب سواد ماڻيو هو.

سيلاٽڻين جي سياءُ ۾ بہ ڀڳوان پرشورام وارو ڪروڌ، يهوا (يهودي خدا) وارو قهر ۽ ڪالي ديوي وارو ڪوپ فطري طور سمايل آهي. هڪٻئي سان جهڳڙو فساد سندن روزاني ڪرت ۽ ڪرم جو اڻ ٽٽ حصو هوندو هو. منهنجي روزاني گذرگاهہ ان 'ٻاهہ جي درياهہ' مان هوندي هئي جتي گاريون گولين جيان ۽ 'فساد' ٻمن وانگر ڇٽئي ڏسائن ۾ وسندا ڏيکاريا هئا.

سيلاٽڻين جي 'گارين' ۾ نہ صرف سنڌ جي ڪاڇيلي، ٺري ۽ گجراتي علائقن جو ساءُ ۽ سواد سموريل هوندو هو بلڪ مڌيہ پرديس جي 'ڪجراءُ' شهر ۾ موجود اٺين-ڏهين صدين ۾ تعمير ٿيل چوويهن مندرن جي ڀين، ڇتين ۽ وچ تي اڪريل، تراشيل بي لباسي جي حالت ۾ مختلف آسڻن ذريعي مرد ۽ عورت جي 'سنگم' جا نفيس منظر بہ زباني چٽسالي وسيلي ڦٽجندا ڏيکاري ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن گارين جي ان ذائقي ۾ ڪو نارڪ (اوڙيسا) ايلورا، ايليفنٽا غارن (مهاراشٽرا) اندر تاشيل ديوين-ديوتائن جي 'جنسي لڱ' جا چتر بہ ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان اڀري ايندا هئا.

منهنجي ساڃهر ڪان گهڻو اڳ سيلاٽن ۾ محمد ابراهيم سيلاٽو مشهور ماڻهو ۽ سماجي سڌارڪ ٿي گذريو هو، جنهن جي سکر جي رچ مڙسن، مختلف ڌنڌن سان واڳيل ناليري ماڻهن، وڪيلن، صحافين سان گهاٽي ۽ سيبائتي سنگت هوندي هئي. پاڻ ميونسپل ڪائونسلر بہ چونڊبو رهيو هو.

هن واحد شخص بي لغام سيلاٽن ۽ پٺڪندڙ روح وارين سيلاٽڻين کي ڪافي حد تائين نوڪيل وجهي قابو ڪري رکيو هو، ۽ سندس سموري برادري سندس دهشت ۽ درجي سبب ڪانئس ڪؤ ڪائيندي هئي. پر، سندس لاڏاڻي بعد هنن وري ساڳيا لاٽون هلائڻ شروع ڪيا، صرف ڇڳهن ۾ تبديلي آئي.

هڪ سيلاٽڻي جي وات مان جهرڻي جيان نڪتل گار، گذريل اڌ صدي کان، 'ياد' تي ائين چهٽيل آهي جيئن ايم ايف حسين جي بي لباس سيتا روح ۾ رچيل آ! پر گار جو مفهوم اڃا تائين ان سليس پرولي وانگر محسوس ڪريان پيو: آئي تو ڦُدي او بانٺو، ڪائي تو ڦُدي روڪيلو!"

هتڙي هڪ پراڻو ۽ وسريل واقعو الائجي ڪٿان ٻُلُ ڪائي ٻاهر نڪري آيو آهي. ان واقعي جي ڪردارن ذريعي

'گارين' کي مجسم حالت ۾ رشيد ڀٽي، مون ۽ تنوير 'ساهه ڪٺندي' پسيو هئوسين. ان جي اڳري، اپٽ ڏيارينڊڙ ۽ قبيح تصوير روح تي ناسور جيان ڇهٽيل آهي.

گذريل صدي جي پنجاهه واري ڏهاڪي جي آخر ڌاري تنوير عباسي، رشيد ۽ مون کي پنهنجي ڳوٺ 'سويي ديرو' (خيرپور ضلع) وٺي هليو هو، ۽ مٽي ماڙيءَ تي رهايو هئائين. ان ماڙي (ڪمري) جي هڪ دري جو رخ ڳاٺي طرف هيو، ۽ اتي ٿيندڙ ڪارروائي ۽ گفتگو اسين ڇتائي سان ڏسي ۽ ٻڌي سگهندا هئاسون. هڪ ڏينهن ڏٺوسين ته پوليس وارا ڪجهه جوابدار مردن ۽ سندن زالئن کي گرفتار ڪري وٺي آيا. ۽ ڪانئن ڏوهه باسائڻ لاءِ مردن کي اونڌو لڙڪائي کين بي دردي سان لڪڻ ۽ رُولن سان ويهڪ جي جاين، هٿن ۽ پيرن جي ترين تي ائين سٽڪو لائي ڏنائون. جڻ هو انسان ڪونه هئا، بلڪ، ڍورن کي به ايڏو بي قياسي سان ڪونه ڪٽبو آ! ۽ ان بيد روانا عمل سان گڏ سندن زالئن آڏو کين 'غليظ ۽ ڪچيون' گاريون به ڏيندا رهيا جيڪي هت ڄاڻائڻ قلم جي پهچ کان ٻاهر آهن. ايڏي بي ترسي جي باوجود به پنهنجي ڪوشش بار آور نه ٿيندي ڏسي- اوهه! سندن زالئن کي سندن، ئي موجودگي ۾ اگهاڙو ڪيائون. اهو منظر پسي اسان ٽيئي يار جڻ پٿر جا بت بڻجي ويا هئاسون! ان بعد زبردستيءَ کين هڪٻئي جي 'خاص جاين' جا وار پٽڻ- ۽ هينيون 'منظم' ٽڪرو، سُر ۽ لئه ۾، چوڻ تي مجبور ڪيو ويو هو:

ٽيڪب ٽيڪو، ٽيڪب ٽيڪو
اندر ٽيڪو، ٻاهر ٽيڪو
هينان ٽيڪو، مٿان ٽيڪو
ليڪب ٽيڪو، ٽيڪب ٽيڪو
جوٺهين ٽيڪو، ماٺهين ٽيڪو
پيٺهين ٽيڪو، ڏيٺين ٽيڪو
ٽيڪب ٽيڪو، ٽيڪب ٽيڪو

هينئر اِها 'گار' ڪراهت پيدا ڪندڙ، ساهه گهٽيندڙ، ۽ بدبودار مجسم بڻجي 'ڪوڙ هئي ڪلچر' جو روپ ڌاري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نه صرف ڦهلجي رهي آهي بلڪ ان جي تيز تر ۽ بي روڪ mushrooming پڻ ٿي رهي آهي.

تاريخ کان اڳ واري قديم ويدڪ يگ ۾، جيڪو اجوڪي دور جي پيٽ ۾ غير مهذب ڄاتو وڃي ٿو، اهڙي بوسائيندڙ 'مجسم گاريلي ڪلچر' جي ٻوءِ باس به ڪانه هوندي هئي. ان زماني جا گرم فراج رڪندڙ، ڪاوڙيل، خارباز رشي مني جهڙوڪ درواسا، پرسورام، وشيسٽ، مارڪنڊيه، ورهسپتي، پارگوَ وغيره پٽ پاراتي يا سراپ ڏيڻ تي ئي ڏنگ ڪندا هئا، جنهن اندر ڪا 'ڪرپ' ۽ 'غير انساني' احساس جو ڪو پرو ڪين هوندو هو!

انساني علم جي ماهر ودوانن جي لڳ ڀڳ گڏيل راءِ آهي ته جيڪي قومون، نسلون، قبيلا، ۽ برادريون ٻين غير قومن، نسلن يا برادرين سان تاريخ جي مختلف موڙن ۾ وهڪرن تي 'لڳ' ڪنديون رهيون آهن انهن جي مستقبل ۾ پيدا ٿيندڙ اولاد قدڪاٺ ۾ ناهوڪي، شڪل صورت ۾ سونهن پرئي، بدني صحت، ذهني تندرستي، ذهانت ۽ مجموعي شڪتي ۾ پنهنجي 'پُرکن کان گهٽو وڌيڪ 'اڳ پري' ثابت ٿيندي رهي آهي. سيلاٽن، پنجابين، سکن ۽ پناٹن جي انوکي سونهن پري طاقتور ۽ بهادر 'شخصيت' جو راز به مٿي واضح ڪيل اصول ۾ سمايل آهي.

پنجابين، پناٹن جي گارين جو به دنيا ۾ ڪو مٽ ڪونهي. پنجابين جي گارين ۾ درياهه جهڙي رواني، ڄڻ سنگيت ۾ ٻڌل لئه تال ۽ سر هوندو آهي. سندن گاريون سندن زالئن جي محبوب ۽ ڳردار جسمن جيان سگهاريون، سندن ڌرتي جيان زرق برق، سرسبز، شاد ۽ آباد، ۽ تخليقي تخيل جي اُڏام جون بي ساخته پيداوار هونديون آهن. پر، پناٹن جي گارين ۾ بي ساختگي، موج ۽ مستي ضرور ٿئي ٿي ليڪن سندن پٿريلي پهاڙي زمين جيان اهي سخت، ڪرخت، زوران زوري ۽ ڏاڍ تي ٻڌل- ۽ ڪنن ۾ سکن جي نغاري جيئن وڄندڙ ٿين ٿيون. ڪنوارپ ۾ انهن ٻنهي قومن جون سندريون مرزنگ ۽ طبلي جيان سهٽيون، سيبتيون ۽ سڊول هونديون آهن. پر، افسوس سان چوٽو پوي ٿو ته شادي کان پوءِ، الائجي ڇو، جسم، جان ۽ آواز ۾ سکن جي نغاري جيان بڻجيو وڃن ٿيون؟

دنيا جي ٻين قومن ۾ ڄاتين جهڙوڪ انگريز، جرمن، فرانسيسي، بينگالي، مرهٽا، ڪشميري، عرب وغيره جي گارين ۾ اُهو چشڪو، چوچ، جاندار اُپار، ردم ۽ موسيقي قطعي ڪونهي جيڪا مٿي بيان ڪيل پاڙن، برادرين ۽ نسلن جي گارين ۾ موجود آهي. ائين ٿو ڀاسي جڻ اُهي فطرت کان ڏور مصنوعي زندگي گهاري رهيا هجن. سندن گاريون 'بي لباسي' جي فطري ڪيفيت کان وانجهيل ڪاغذي گلن وانگر نقلي سواد ۽ خوشبو کان خالي ۽ ٻُسيون لڳنديون آهن. جاگيرائن جي گارين ۾ پي ايڇ ڊي. سيلاٽن جي گارين ۾ ماسٽس جي ڊگري، ۽ پنجابي- پناٺ جي گارين ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ جو 'مواد' ڪثرت سان موجود آهي. پر، باقي ڄاڻايل قومن ۾ گارين کي لکنوي انداز ۾ نفيس لبادي اوڍائڻ سبب ميٽرڪ ڪرڻ جو ماود به موجود ڪونهي.

گار جي جسماني ۽ روحاني ساخت تي ويچاريندي گذريل صدي جي ستر- اسي جي ڏهاين جا 'هردوار' جي پوتر شهر ۾ 'چوٻن' جا وزنن ڪيل منظر اکين آڏو ابري آيا آهن. سموري هندو سنسار ۾ هردوار جا چوٻا اعتبار ۾ نه ايندڙ پنهنجي جسماني ڊيگهه ويڪر پکيڙ ۽ وزن جي لحاظ کان، جاپان جي مشهور 'سومو' پهلوانن کان، ڪئي ڳڻا وزني وڏا ۽ ديو هيڪل هوندا هئا. جڻ 'هرجي پوري' جي آس پاس واري ڌرتي تي 'ساهه ڪٺندڙ چوپن' پکڙيل هونديون هيون. سندن ڪرت 'بي تحاشا کائڻ ۽ سمهڻ' هوندي هئي. سندن سمورا 'جسماني انگ' فطرت جي لباس ۾ زمين تي ائين ڦهليل هوندا هئا جڻ ڪا قوي هيڪل 'آسماني گار' هجي! هر چوٻو ياترين آڏو فلڪ شگاف سين هٽي چوندو هو: 'آهي ڪو ڀڳوان جو پيارو بندو جيڪو پيٽ پري ڪارائي سگهي؟' اگر ڪو پورڙو ياتري سندس سين جي جادو ۾ منڌجي ويو ته سمجهو سندس (ياتريءَ جو) لئه جڻ ڪو ڀينڪر ڀونڪمپ برپا ٿي ويو هجي! هر چوٻو هڪ ئي وقت ست وڏا ڊونگا ڏهي، هڪ سو هڪ پوريون، ايڪيهه ڪلو جليبيون، ست ڪلو کير، ڏهه ڪلو حلوو، ٽي عدد چولن جا ڪونڌا انگ بعد اتي ئي گنگا ڪناري ٽن کان چئن ڏينهن تائين ڪنپ ڪرڻ واري ننڊ سمهي رهندا هئا. ۽ سجاڳ ٿيڻ بعد ساڳيو ورجاءُ! سندن سراسري عمر ٽيهن-چاليهن ورهين جيتري مس هوندي هئي. اڄ ڪالهه اها سُل ڊائناسور وانگر پڇاڙي تي پهچي معدوم ٿي وئي آهي، ۽ ان جي جڳهه ڪارڙن، بندرن ۽ ڊيندڙن منافق نقلي چوٻن اچي والاري آهي.

گارين جي ٻڻ ٻٽياد ۽ 'ناچ' جي فني جاڻ ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ لست، سواد ۽ آنند تي ويچاريندي منهنجون يادون مون کي ماضي جي ٻالڪپڻ ۽ جواني جي ڪيترين ئي وسريل تڏاڻ بخش ساعتن ۾ وٺي ويون. عمر جي هڪ حد تي پهچي 'سموري ٻاد' باقي نٿي رهي، صرف شفق جي لالائي ۽ باڪ ڦٽي جي ڪرڻ جهڙيون نرم گداز ۽ مترنم يان سان جهنجهيل ڪجهه 'املهه ساعتون' امرتا ماٽين ٿيون.

ويهين صدي جي چاليهن واري ڏهاڪي جي اوائل ۾ اسين جيڪب آباد شهر ۾ ڪجهه پريرو 'فورس' واري سنسان ۽ 'آدم بُو' کان خالي علائقي ۾ رهندا هئاسون جيڪو شهر جي ٻن سينيما گهرن (نشاط ۽ ڪئپيٽل) مان هڪ يعني ڪئپيٽل جي پويان آباد، بلڪ غير آباد هوندو هو. شهر اچڻ لاءِ ڏگ جي ساڄي هٽ تي سينيما گهر ۽ کاٻي هٽ تي جيڪب آباد جي سڀ کان آسودي ۽ وسيل بستي يعني چڪلو هوندو هو. ان وستي ۾ جيڪا اجهل مقناطيسي چڪ هئي سا ڪنهن به ٻئي آستان ۾ نظر ڪين آيم. مختلف رنگ روپ، عمر، هاڻي ۽ ٻيهڪ واريون سندريون رزق برق، ريشمي خواهه سوٽي ڪپڙن ويسن جي اندلني رنگن وارن وڳن ۾، باغ ۾ موجود جدا جدا سڳند ڀريل گلن جيان ٽڙيل ۽ رنگ برنگي پوپٽن وانگر موهيندڙ لڳنديون هيون. ان وقت پاپ ۽ پڃ، سيڪس ۽ سماڌي جي ان ڪچڙي عمر ۾- ڪا سمڪ ڪين هوندي هئم. صرف ٻاهريون موهيندڙ 'ڏيک' ۽ ڪنهن جو 'سنو سلوڪ' ان ٻالڪ اوستا جو 'فلسفو' هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان پيچري تان

## قدير ڪانڊڙي کي مبارڪون



سنڌي ٻوليءَ جي نوجوان استاد ۽ سوجهرو ساٿي قدير ڪانڊڙي کي پُٽ، محمد اويس جي ڄمڻ جون واڌايون.
- ادارو

لانگهائو ٿيڻ وقت کين پاڻ ۾ جهيڙو ڪندو ڏسي ۽ سمجهه ۾ نہ ايندڙ ڳارين جو ڦهڪو ٻڌي ذهن گهوماٽجي ويندو هو ۽ وجود تي اُگرو اثر پوندو هئم. دل چاهيندي هئي تہ وري اهڙو سمئي سندن پاڻ ۾ اشارا، ڳالهيون ٻڌي جيڪي منهنجي ذهني رسائي کان گهٽيون مٿيريون هونديون هيون سي 'يجر ويد' جي جادوئي ٽوٽڪن، تانترڪ عملن، پڄنن جيان ڳجهارتن ۽ آسماني راز جي پردن ۾ لڪل پاسنديون هيم.

ليڪن هنن جا سرگوشي واري انداز ۾ ٻڌل سون ورنا لفظ ۽ پيند (جيڪب آبادي رهواسي اڻ گهڙيل پٽر ڪي پيند يا ڦوڙ چوندا هئا) جهڙيو ڪچيون گاريون اجا تائين ذهني اسڪرين تي چچڙ جيان چنبڙيل آهن. ان بعد هڪ دفعو جواني جو موڙ ڪاٽيندي پنهنجي دانشور دوست محمد بخش سومرو جي سنگ ۾، ٻالڪپڻ جي نشان جي تلاش ۾، اوڏانهن (لال بازار) وڃڻ ٿيو هو پر اُها وستي پڙپانگ ۽ ويران نظر آيم: ايئن محسوس ڪيو هيم ڄڻ فورس وارو 'آدم بُو' ڪندڙ راڪاس ڪيس ڳڙڪائي ويو هو. انهن پيندنما، گارين ۾ 'ڏيجهان'، 'پيٽو'، 'ڍيڪو'، 'دئوس'، 'ڏوڏاڪ'، 'ڪنٽور' 'ڪورڙو اُيهو اپهو، ڪيس ڪيس وغيره (اها گار سڀ کان وڌيڪ وڻندي هئم ۽ ڪڏهن ويڙهه جهيڙو وقت تپيل انٽ مهل استعمال بہ ڪندو هيس؛ چوجو ان جي ادائگي ۾ ڪلاسيڪي راڳ جي جهلڪ نظر ايندي اٿم. ان گار جو صداڪار آڱرين هٿن جي 'مدرا رقص' جي زاوين (جنهن اندر پونڌي جو ٻرڪو بہ شامل ڪبو هو) جهڙن متوازن اشارن، چپ ڪي وات اندر، 'تارون، تري تي' ۽ ٻاهر ڪيندي ڏوٻي جي ڪپڙي وانگر واري وٿي سان مترنم انداز ۾ ڦهڪائيندي ۽ ڏندن ڪي آهستہ ۽ زور سان ڪرٽيندي، اکيون منهن ۽ ڳلي جون رڳون ڳاڙهيون ڪندي، انهن ڪي ڦنڊائيندي ادا ڪندو هو. ان مهل سندس سمورو جسم ڄڻ لڇُو مهراج جي 'ڪٿڪي رقص' ۾ سڌٻڌ کان غافل، محو لڳندو هو. ان گار جي عملي حالت ۾ ڪڏهن ائين لڳندو هئم ڄڻ ن.مراشد جي 'هڪ سٽي' غنائي نظم 'ساز ۽ آواز' جي لئي تي مرحوم منور علي شاهه معصومي ٺمري ۽ خيال کي مڪس ڪري، ويهندي ڪُبو ٿيندي اُپو ٿيندي شِوَ جو ٽاندو ناچ وارو روپ ڌاريندي ورجائي ورجائي ڳائيندو هجي. ان گار اندر واهه جو چشڪو چرٻي چاشني ۽ لذت لئہ لست محسوس ٿيندي هئم. ان جي حيثيت ڪلاسيڪي رنگ ۾ رڱيل آهي. پرت مُني جي 'نٽ شاستر' جيان اپرسنڌ خاص طور جيڪب آباد ۽ بلوچستان جي ميداني علائقن ۾ ڪلاسيڪي درجو رکنديون هيون. هينئر برگيڊيئر جنرل جيڪب جي قبر جي آس پاس پورجي ويل سمجهيون وڃن ٿيون. اگر سنڌ ۾ ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ جهڙو ڪوجنيڪ نقاد هجي ها تہ اهو يقيني طور انهن کي دريافت ڪري 'ساختيات ۽ پس ساختيات' جي قالب ۾ ڍالي ٻيهر انهن جو تجريدي پنر جنم ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ها.

ان کان علاوه داداگيري واري دور ۾ پنهنجي جٺ رولو ننڍڙڪن ۽ آواره گرد دوستن سان بہ سکر واري 'هيرامنڊي' ۽ سن سٺ جي شروعاتي ٻن ورهين ۾ نياز همايوني سان شيش محل هوٽل لڳ حيدرآباد واري 'ڳاڙهي بازار' جو طواف بہ گهڻو ڪيو هيم جيڪا سندس گهرجي پرسان هوندي هئي. اُتي انهن ڪجلي اکڙين وارين لال پرين جي ڳاڙهن لبن مان، 'هڪٻئي' کي ڏنل يا اڻ وڻندڙ 'گراهڪن' جي شان ۾، ٺڪرن، پترن ۽ لترن جهڙيون گاريون ٻڌي 'سونهن ۽ سڳنڌ' لاءِ پيدائشي چاهه ۽ گرفت ڍلي ٿيندي محسوس ڪئي هيم. انهن ٺهي 'پاڪ آستانن' تي مان پاڻ کي صرف 'نظروت' جي منزل تائين رکيو هو باقي منهنجي سيني دوستن، پختہ ڪار صوفين وانگر، لمسوت ۽ بوسوت واري منزلن جو درياهه اُڪري 'نڙپوتي' منزل ۾ وڃي دنگ ڪيو هيو.

انهن بازارين ۾ ورهايل 'پاڪ روحن' تي ويچاريندي. ايران جي ڪلاسيڪي دور جي مشهور شاعر 'جامي' جا هيٺيان شعر من تي هري ايندا اٿم، جيڪي پير حسام الدين راشدي چواٽي، 'پويتر استرين، لاءِ چيا ويا هئا'

**ذوپستان هريڪي چون قبہ نور**
**حبابي خانہءِ ازعين ڪافور**
**دو نارِ تازه بر رستہ زيڪ شاخ**
**ڪف اُميد شان ناسوده گستاخ**

جرڪندڙ اُرهن جو جوڙو ائين ٿو ڀاسي ڄڻ روشن منارا آهن؛ ڄڻ ڪافور تي بہ عدد حباب آهن. انهن ڪي يڪ ٽڪ پسيندي ائين ٿو لڳي ڄڻ تازن ڏاڙهن جو جوڙو هڪ ئي ٽاري مان ڦٽي نڪتو آهي. ڪين ڇهڻ، دٻائڻ ۽ مهٽڻ لئہ، اڃان تائين، ڪنهن جو 'اَپوتر' هٿ انهن تائين ڪين پهتو هو.

يا انهن جي ٻي مثل سڊولتا، سواد ۽ سونهن کي ساراهيندي چوي ٿو:

**بدان نرمي ڪ گر افشر ديش مشت**
**برون رفتي خمير آسا، زاگشت**

اگر انهن جي ڪونئري، سواد بخشيندڙ 'وجود' ۾ مُٺ پئجي وڃي تہ آڱرين جي وٿين مان سندن پشم جهڙو ماس ائين نڪريو اچي جيئن اٽو ڳوهڻ مهل خمير نڪري ايندو آهي.

مولانا جامي اهڙي 'پوترتا' جي مورت جو بيان ڪندي، ڪام شاسترائي انداز ۾، 'از زيرِ ناف تابالائي زانو جو نقشو چڪيو اٿس تہ سون ورنن اُرهن ۽ دُنَ هيٺان سونهري رانن جي وچ تي 'سون ورني دٻلي' (اهو استعارو پوپٽي هيراننداڻي جي تخليق آهي) آهي جنهن جو 'سوادي ڳُجهہ' بہ اهڙين 'اَپوتر' نظرن کان محفوظ رهيو هو. وغيره! ان نڪتي جي وڌيڪ اپٽار ڪندي فرمائي ٿو:

**'ڪ گندم رهزنِ آدم درينجا ست'**

ڪٽڪ جي راٽي (حوا، عورت) جي چشڪي، سواد ۽ آنند ڏاڍي آدم جهڙي مرادوند آگياڪاري ۽ نيڪ انسان کي بہ سورڳ پوري مان تڙائي ڪڍايو هو. پر هتي اهو وساريو وڃي ٿو تہ عورت (حوا) بہ آدم کان گهٽ شريف ڪونہ هئي. هن بہ پنهنجو سارو جيون سندس آگيا، ست جي حفاظت ۽ پتوورتا کي قائم رکڻ ۾ گذاري ڇڏيو هو. بلڪہ آدم کان وڌيڪ پو ڳٽائون پو ڳيائين ۽ اڃان تائين پيئي پو ڳي!

هاڻي جڏهن بصر نما ڪائنات جا تهہ هٽائڻ شروع ڪيا اٿم تہ چوڪراڻي اُوستا ۾ ٻڌل 'چرڪين' جي زمين ۾ رچيل کڙي- هندي- پوربي ٻولي وارو هي ڪنڪندڙ ۽ مترنم دوهو ڄاڻائڻ ٻيجا ڪونہ ٿيندو:

"دو اُنگل کي چُٽماري مادهو، دو اُنگل کي چُٽي
دو اُنگل کي چُٽي ري ڪپٽي، دو انگل کي چُٽي
سورداس جي اندر ڌُهڪ گئي، ڀهر کهڙي دو تپش
ري مادهو ڀهر کهنڊي دو تپشي،
دو اُنگل کي....."

اهڙا اُنمڪين شعر، يا سياسي مذهبي هجويات مختلف شعري هيئت ۾، ذهن ۽ من جي 'ڪلاشالا' مان نڪري صرف 'خانگي محفلن' ۾ گشت ۽ گردش ڪندا رهندا هئا. ٻاهرين دنيا ۾ اچڻ جو ساهس نہ منجهن هو ۽ نہ ئي وري 'خالقن' کي ايڏي همٿ هوندي هئي. پر، حيرت جو مقام آهي جو ڪجهہ مذهبي 'صحيفن' ۽ رومانوي شاعري ۾ اهڙيون 'ڪتڪتائي' پيدا ڪندڙ تخليقون اپسرائن جيان پنهنجي پرپور رعنائين سان ڪيلاش، پارناسس ۽ ڪوهہ قاف پهاڙي سلسلن يا ايجين سامونڊي لهرن مان جل پرين جي روپ ۾ بي لباسي جي عالم اندر پاڻ کي پنهنجي جلون جي روپ ۾ بي لباسي جي عالم اندر پاڻ کي پنهنجي جلون جي بلندي ۾ پسائيندي ڪڏهن ڪا جهجهڪ ڪين محسوس ڪئي آهي.

جيئن تہ اوائل کان وٺي ۽ ڏرمي سڪيائن انوسار ۽ پدرسري نيمن موجب سماج اندر عورت جو درجو ڪمتر ڪري ليکيو ويو آهي. ان ڪارڻ هوءَ هميشہ لتڙ ۾، جتيءَ برابر ۽ پنهنجي اوباش ۽ نڪمي مڙس کي مجازي خدا يا پتي پرميشور چوڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مجبور ڪئي وڃي ٿي. *(هلندڙ)*




## امر ابڙو

تون آن پنهنجي سڪين ۾ سڪي باک جان
سونهن تنهنجي اکين مان بکي باک جان
سڀ انڌيرا فنا تو ڪيا اي مٺي
پير منهنجي اڱڻ تي رکي باک جان
شيخ پيرين پئي هو مليو شاهہ کي
شاهہ ماٿو چمي پيس ٻَکي باکَ جان
آئون اتهاسَ ۾ شل امر ٿي مران
سنڌ تنهنجي مِٽي مون مکِي باکَ جان.



# زن مريد

ڪرڻ نگرڪار



سنڌيڪار: ڊاڪٽر بدر اُجڻ

مان، پنهنجن ساٿين کي پنهنجي بحث مباحثي بابت، معلومات ڏيڻ ٿو چاهيان.

شفيع خان، گذريل پندرنهن سال جنگي حڪمت عملي جي سائنسي تحقيق مٿان لڳايا آهن. پوئين جنگ ۾ ان مان هڪڙي ترڪيب والد صاحب استمال ڪئي هئي. مان، شفيع خان وري ٻي ترڪيب بابت، ٿاسڪ ڏني ته پوئتي هٽڻ جي صورت ۾ ڪهڙي حڪمت عملي هئڻ گهرجي.

”پنهنجو سڄو آڱوٺو اوري ڪر، شفيعِ خان. مون تلوار جو بليڊ ان مٿان گهمايو. رت جو ڏُبو ٿي ويو. مون پنهنجو آڱوٺو ان ۾ ٻوڙي، هن جي نرڙ تي تلڪ ڪڍيو ۽ پوءِ پنهنجي نرڙ تي. آئون توکي، هن جنگ لاءِ وار ڪائونسل جو ميمبر ٿو نامزد ڪيان. ٿيندين؟ شفيع خان موت جي پيڙا جيڏو قسم کٽي چؤ، ته ميواڙ جي سلطنت سان وفادار رهندين ۽ مڪمل راز قائم رکندين ۽ نه ڪنهن ٻئي سان؟“

”قبول آهي، قبلا سائين.“

منجهند جي ماني کانپوءِ، راجا، پوراجي ڪڪا، تيج، شفيع خان ۽ مان، رائورئمل وٽ وياسين، سموري علائقي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ. اسان اِر، جي اتر اولهه ۾، ستر ميل پري هئاسين. اتي گهڻو حصو ٽڪرين تي مشتمل تي هو ۽ ان مان ڪجهه حصو گهاٽو جهنگ هيو. ميدان تي ٻه هيٺ مٿانهيون هيون. هڪ آخري، چور غار هئي ۽ اسان اتر طرف واري ميداني علائقي ۾ هئاسين.

هن سڌي زمين جي آخر ۾ ڇا هي؟ مون رائورئمل کان پڇيو. واديون ٽڪريون ۽ جهنگ. اولهه ۾، خطرناڪ، ڪڏون ۽ ڏٻن جا ٽڪرا. اهي ڌرتي ڌڏڻ جي نتيجي جي پيدائش آهن، جن زميني ٽڪرن کي سمنڊ سان ملائي ڇڏيو، ٿي سال کن اڳ.

اڃو ته اولهه طرف هلون ۽ پوءِ وارياسي جو چڪر هڻون. رائو ۽ مان اڳ ۾ ٿياسين. پوراجي ڪڪا ۽ ٻه ٻيا، اسان جي پويان لڳا.

تون ڇا ٿو چوين، اِدر لاءِ جنگ جوڙڻ ڪپي، مان سمجهان ٿو منهنجا نسبتي پاءُ، لٿل رائو، ٺڪل نموني سان چيو. تون ڪڏهن ٿو، جنگ مان هٿ ڪڍين ۽ ادر کي ڦٿو ڪرين؟

اهڙا پاڳل جاسوسي مهرا، مقرر ڪرڻ ۾ رائو رئمل، تنهنجو ڏوهه آ، اها ڳالهه اهم ناهي ته هو توکي غلط خبرون پيا ٻڌائين، پر اهم ڪم، اهو آ ته تون هنن کي اعتماد ۾ وٺ، مان رائو جي ڳالهين کي رد ڏيندو رهيس. اڃا اهوئي سبب آ جو صبح تون، خامو وينو هئين، مايوس ۽ ويڳاڻو ٻٽيل، جيڪڏهن تون، منهنجي پيڻ سان پرٽيل نه هجين ها ۽ هيءَ جنگ تنهنجي خاطر نه هجي ها، ته مان توکي وار ڪائونسل تان هٽائي ڇڏيان ها، ڇاڪاڻ ته تون اجايو هي بار بادشاهه سلامت جي ڪلهن مٿان اڇلايو آهي. مان راڻا صاحب کي ڇا چيو، ان سان تنهنجو واسطو ناهي. پر اهو ٻڌي ڇڏ ته راڻا مون کي ڇا چيو، ته تون ذميواري نڀاءِ. هن فرمايو، ”اِدر فتح ڪري پوءِ موٽجانءِ.“

مون کي معاف ڪر، مهاراجا ڪمار. مون کي ڏوهي نه ٻڌاءِ. مان تنهنجي ڪيڏي عزت ڪندو آهيان. مان آئيندا توکي پريشان نه ڪندس. مان، موٽندي اڃي ان جاسوس کي ڪڍندس. مان هن کي ڪوڙا هٽا هيا، هن جي غلط رپورٽ، توکي پريشان ڪيو آهي.

”آپي ۾ رک پاڻ کي، رائورئمل. تنهنجون معافيون، وڏيڪ خراب آهن. مون تي الزام تراشين کان. پنهنجي جاسوس کي ڪوڙا هڻڻ بجاءِ، پاڻ کان پڇ ته هن کي اها ٽاسڪ ڪنهن ڏني.“

مان، آهستي ٿيس ته جيئن پويان ٻه پڇي وڃن. مان رائو جي هاٺي ڪا ڳالهه ٻڌڻ نه پئي چاهي، هاٺي واريون ٽڪريون ۽ ماٿريون، ساڳيون ئي هيون، جيڪي اسان ٽپي آياسين. اسان يڪدم، مُڙياسين ڪاهين ۽ ڪڏن طرف. اهي ڏيڍ ميل تائين پکڙيل هيون، رائو جي روڪڻ باوجود اسان گهڻو اندر گهڙي وياسين. راجا پوراجي ڪڪا، آئون ۽ وڻ جي ٿاري ايتري وزندار جيتري ڪو ماڻهو کٽي سگهي، پوري طاقت سان اڳتي اڇلائي سين. اها اٽڪل اٺن فٽن تي پريان وڃي ڪري. ڪجهه گهڙين اندر اها ٻڏي وئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو، سڄ ايرڻ کان اڳيرو، سيني کان اونچي، ٽڪريءَ تي چڙهي ويس گهوڙي تي، ان لاءِ ته ڪالهه جيڪو علائقو ڏسي آياسين، ان جو مٿانهين کان جائزو وٺي اچان. ڏهن منٽن تائين، رات وارو سيل ٿيل بال اڃا ڪونه نڪتو هو. بس زمين ۽ آسمان وچ ۾ هڪ سنهي ڌار هئي جيڪا انهن جي الڳ هجڻ جو احساس ڏئي رهي هئي. ايتري ۾ سورج ديوتا، مان ۽ شان سان نڪري نروار ٿيو ۽ اونداهين ڌرتيءَ مٿان روشنيءَ جي يلغار ڪرائي ڇڏي. واڱڻائي ۽ گلابي رنگ، پاڻي مٿان لهرن جي روپ مٿي ايرڻ لڳا. ايتري ۾ ڌرتي ڌارا تي ڳاڙهي مشروب جا واهڙ ڇڻ وهڻ لڳا. مان سڄي پاسي نهاريو. ملڪ اياز جون فوجون ميدان تي مقرر ٿيڻ لڳيون هيون، اوهه، ڇا ته نظارو آهي، منظم فوجون ڪيئن خاموشيءَ سان ڪم ڪري رهيون آهن. ملڪ اياز، تون ڪڏهن به وقت ناهين وڃائيندو. دشمن جي فوجن تي حملي ڪرڻ جو وقت اهو هوندو آهي جڏهن اهي ننڍا ڪڙيون هجن. مان يڪدم لهي

ڪئمپ ۾ اڪين، منگل کي چيم تہ وار ڪائونسل جي ميمبرن کي پنجن منٽن اندر، منهنجي ٽينٽ ۾ آندو وڃي. ڇا ٿي وڃي ها، جيڪڏهن اڄ صبح جو ان ٽڪريءَ تي نہ وڃان ها؟ مان ان سُتل فوج بابت نٿو چوان، جنهن مٿان حملو ڪري قتل عام ڪيو ويندو آهي. هي تہ ان جي ابتڙ آهي. منهنجو سوال بلڪل مختلف آهي. ڇا، جيڪڏهن اسان گجرات جي فوجن نہ اچون ها؟ ڇا ملڪ اياز، چار ڪلاڪ انتظار ڪري، مايوس ٿي موٽي وڃي ها؟ ڇا هو اڳتي وڌي ها؟ ڇا، هو پيغام موڪلي ها تہ آيا اسان هن سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيون؟

ڇا هو اهو تصور ڪري ها تہ گجرات جون فوجون جنگ ڪٿي چڪيون آهن؟ ڇا هن جون فوجون ويني ويني بور ٿي وڃن ها، بک ۾ اڃ تي؟ ٻن وڙهندڙ فوجن وچ ۾ ڪهڙو قانون آهي، خاموشي سان ويهڻ جو؟ ڇا، اها شخصن جي انفرادي جنگ، جنهن لاءِ سڀ گڏ ٿي، فردن، عاشقن يا پهلوانن جيان اڪيلو وڙهڻ جو عمل ڪندا. ان جو وقت ڪير مقرر ڪندو آهي؟ اهي فوجون ڇو اچي هڪ ٻي جي سامهون بيهنديون آهن؟ ڇا، ٻئي يا هڪ پاسي پاران فيصلو ڪيو ويندو آهي تہ اڄ ڪونہ ٿا وڙهون، ڇاڪاڻ تہ اڄ جنرل جي طبيعت ناساز آهي تڏ لڳي وئي اٿس، يا ڪنهن سپاهيءَ جي ڀائٽي، ڪنهن سپاهيءَ سان ڀچي وئي آهي ۽ ان کي واپس ڪرائي سمجهائڻو آهي؟ ڇا هڪ فوج کي سڄ سامهون آهي؟ ڇا، ان ڏينهن ۽ وقت کي ڇو اهميت ڏني ويندي آهي؟ ڇا، وڏين لڙاين منجهہ بہ هڪ پاسي کي جاءِ مٿائڻ جي مهلت ڏني ويندي آهي؟

رائو ورما ديو، رائو گننگا، رائو اُدائي سمها، راجا پوراجي ڪڪا، سيني پراڻا ويڙهاڪ ۽ تجربيڪار آهن ۽ انهن جون فوجون پڻ. اهي پنهنجي فن جا ماهر آهن ۽ ڪڏهن بہ حراسان ڪونہ ٿيندا آهن. انهن ڪيتريون جنگيون وڙهيون آهن. پر اسان جي راجپوت وڏڙن کي، هڪ يا ٻن جنگين بابت ڄاڻ هئي، افغاني فوجون جڏهن هندوڪش جبل تان لهي آيون هيون، پر ٻين هندو راجائن کي اهڙو تجربو ڪونہ هيو. ان جي برخلاف، مسلمانن وٽ وري جهاد جو عنصر ايڏو مضبوط هو جو هنن کي مرڻ ڪانپوءِ بہ سڀ ڪجهہ ملڻ جو آسرو هو، پر ٻين لاءِ اهو ڪونہ هو ۽ هار ڪائڻ هنن لاءِ وڏي خواري هئي.

اسان خوب وڙهياسين، اسانجا سمورا پنجاهہ هزار سپاهي وڙهيا پر دشمن کي سهوليت ڏيندي. منجهند تائين، اسان جا ساڍا ست سؤ سپاهي مارجي چڪا هئا.

ان وقت ان، فيصلي ڪن جنگ ڪرڻ لاءِ چيو، ”سمورن ساٿين جا ساهہ سڪي ويا. رائو ورماديو ۽ رائو سمها، سُنُ ٿي ويا.“ راجا پوراجا ڪڪا ٻڌايو تہ تنهنجا سپاهي شاعر، 'مڇو' ۽ 'بزدل' مٿان مزاحيہ شعر پيا جوڙين.

مان اندازو لڳايو تہ منهنجو پهريون فيصلو ڪنهن کي نہ وڻيو هو. ملڪ اياز جي فوج منظم هئي، ميواڙ جي فوج ٽُڪرن ۾ ورهايل هئي. سموري ڪمانڊ منهنجي هٿان نہ هئي. فوج سمجهيو تہ مان سخت زخمي ٿيو آهيان. مان پنهنجو پلان، وار ڪائونسل کي ٻڌايو هو. اهي خوش نہ هئا. سڀ خاموش هئا. فقط راجا پوراجا ڪڪا چيو هو، 'ائين نہ ڪر آقا، هن سيني جي سامهون چيو هو.

ملڪ اياز، پنجون فوجون باقائدي منصوبابنديءَ سان ويهاريون هيون. هن جي سڄ ڏانهن پٺي هئي ۽ اسان جي سامهون هو سڄ. هو وڏو سمجهدار جنرل هو. هن جي هاٿيءَ وٽ ويهارو ڪن مخبر موجود هئا، جن سان هر طرف مناسب هدايتون موڪلي رهيو هو

اسان جي فوجن ديوار ٻڌي مقابلو ڪيو پر انهن کي گڏيل حمايت ڪونہ هئي، هر ڪنهن جو ڪماڊر الڳ هو. اسان وٽ جذبو هو، همدردي هئي، پر همدردي، فقط جنگ ڪونہ کٽندي آهي. جنگ بندي لاءِ، مهينا، سال کپن، جڏهن هڪ آواز ۽ هڪ ڪماندر هوندو آهي، تڏهن ئي جنگ ڪٿي سگهبي آهي.

اسان ائين وڪري رهيا هئاسين، ڄڻ ريت جي ديوار هجئون. غلطيون وڏنديون ويون ۽ هڪ ڪماندر مان گهٽا حڪم ٻڌجي ويا. مان پهاڙن تان هيٺ لهن لڳس تہ جيئن نقصان کان بچي سگهجي ۽ ڪنهن هڪ جاءِ تي بچاءُ ڪري سگهجي. مون راجا ڪڪا کي چيو تہ سپاهين کي چئو تہ گڏجي، 'مهاراجا ڪمار زنده باد' جا نعرا هڻن، تہ جيئن سپاهين کي خبر پوي تہ مان وچ ۾ آهيان. پر موٽ نہ ملي، پوءِ تلوار اڀي ڪري 'جئي ميواڙ فوج' جو نعرو هنيم. پر مزو نہ ٿيو جو گڏيل فوج هئي. وري يڪدم، 'جئي راڻ اسنگا' جو نارو هڻايم. ڪجهہ چڱي موٽ ملي. ان طرح سان اسان حملو ڪري دشمن جي وچ ۾ ڪاهي پياسني. چڱو اندر گهڙي وياسين، پر ٻين ڏڙن مان ساٿ نہ آيو. نتيجي طور وڏو نقصان ٿيو: هڪ راجپوتن جو جٿو، گجرات جي فوجن جي وچ ۾ ڦاسي ويو. اسان کي چؤطرف گهيري ۾ آندو ويو ۽ نقصان تمام وڏو ٿيو، مون کي ڪافي زخم رسيا، هڪ گهرو زخم، جنهن ثابت ڪيو تہ مان پيءُ جو بهادر پٽ آهيان. مان هٿ مٿي ڪرڻ تي مجبور ٿي پيس.

*

اسان اڇو جهنڊو اُڀو ڪرايو ۽ راجا پورا جي ڪڪا کي، هڪ پيغام ڏئي ملڪ اياز ڏانهن روانو ڪيو،

**خدمت ۾ جناب ملڪ اياز،**
**جنرل، گجرات فورسز.**

خوش هجو شال. عالي جناب، مهاراج ڪمار، سخت زخمي ٿي پيو آهي ۽ هن جي ديرينہ خواهش تہ امن ڪيو وڃي. جيئن ئي ڇاڪ چڱو ڀلو ٿيندو تہ جنگ بندي بابت معاملا طئي ڪبا.

**توهان جو ساٿاري**
**راجا پوراجي ڪڪا**

**پاران**
**ايچ.ايچ مهاراج ڪمار**
**آف ميواڙ**

هي ڪم راجا پوراجي کي سرانجام ڏيڻو پيو، ڇاڪاڻ تہ رائو ورماديو هن شرمساريءَ واري پرزي تي پنهنجو نالو لکڻ کان معزرت ڪئي. هن ۽ ٻين ڪماندرن ۽ سپاهين چاهيو پئي تہ ڪلاڪ ٻن تائين مقابلو جاري رکجي ها. پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت نہ هئي. اسان پنهنجي طاقت آزمايون ها. ٿي سگهيو پئي تہ ملڪ اياز جي فوجن کي باهڙائي رکن ها. هيءَ پهرين لڙائي هئي جيڪا مهاراج ڪار جي ڪمانڊ هيٺ وڙهي وئي. راڻا جو وڏو پٽ ڪهڙا نياپا پيو موڪلي، سي بہ دشمن ڏانهن؟ آئيندا، ميواڙ جي فوج کان ڪير ڊڄندو؟ راڻا تہ وڏي محنت ڪري فوج ٺاهي ۽ ان جي ڌاڪ قائم ڪئي ۽ ان جي وارث، هڪ ئي ڏڪ ۾ اهو مان ۽ شان مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. مهاراج جا زخم بہ ايڏا کي گهرا تہ ناهن. ۽ پوءِ ڪهڙا علائقا مهاراج ڪمار، امن جي نالي ۾ دشمن کي چٽيءَ طور ڏيندو؟

'هن جي عمر کي نہ ڏسجو' والد جا لفظ هئا، جن سان هن منهنجو تعارف ڪرايو هو سينئر ڪماندرن سان. اهي سچا پيا ثابت ٿين. مان تہ پاڻ کي ننڍو نيٺو ڀاڄوڪڙ ثابت ڪيو. ڀاڄوڪڙ، مناسب لفظ ٿو لڳي. پر رائو ورماديو ۽ ٻين ڪماندرن کان تہ ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ پئي نڪري. هاڻي تہ مون کي ڏاڍا ڏوجهرا ڏسڻا پوندا. ڪهڙا ڇڏائي، ڪهڙا ڇڏائيندس. ڪهڙن کي ترجيح ڏيندس. منهنجو نسبتي ڀاءُ، رائو رئمل جنهن کي هڪ رهڙو بہ ناهي آيو، والد تہ ان جي ٻَرِ وٺندو، ٻئي لحاظ کان، هڪ تہ منهنجي ڀيڻ ڪري ۽ ٻيو پاليسي جي ڪري منهنجي شڪست بابت، هو بہ دهل ٿو وڄائيندو وتي.

'مان اهڙي بڪواس بند ڪرايان، شهزادا' راجا پوراجي مون کي چيو، 'ان کان اڳ جو هو فوج ۾ بغاوت اُڀاري وجهي.'

نہ بلڪل نہ. مان اهو ڏسڻ ٿو چاهيان تہ هو ڪيترو ٿو پنهنجي مِشن ۾ ڪامياب ٿئي. ان طرح اسان کي سپاهہ اندر بہ پنهنجي مقبوليت جي پرک پئجي ويندي. بهرحال، هن مٿان ڪَرڙي نظر ضرور رک. جڏهن قاصد خط کڻي رات جو راهي ٿئي، مان چاهيان ٿو تہ ان کان خط کسي وٺ، ان کي پنهنجي قبضي ۾ رک، پر خيال رک تہ ان ڳالهہ جي ڪٽنڪ بہ ڪنهن کي نہ پوي.

تون ڪهڙا چال ٿو هلڻ چاهين، مهاراج ڪمار؟

منهنجي پراڻي سڄڻ ساٿي، راجا پوراجي ڪڪا، صبح صادق جي پهرين مرڪ، چپن تي آٽيندي پڇيو،

”راند ناهي راجا. مان زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي آهيان.... مان وڌيڪ ڪجهه چوڻ نه چاهيو.“ مون کي تيج جي، منهنجي خلاف، بکواس ٻڌڻ ۾ آئي.

مهاراج ڪمار، اڄ ٻاهر هلون. مان توکي ڏوهي ٿو ڪوٺيان دشمن سان ملڻ جو الزام لڳائي، مرڻ مارائڻ تائين توکي مقابلي لاءِ ٿو للڪاريان. اتي موجود، سيني کي ٿو ٻڌايان ته مهاراج ڪمار، اِدر ۽ ميواڙ جو ڳچ حصو، مظفر شاهه جي حوالي ڪرڻ ٿو چاهي. تون ڪهڙو معاهدو، شهزادي بهادر ۽ هن جي پيءُ سان ڪيو آهي، ميواڙ جو تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ لاءِ؟ تون ٻه اقرار ڪجانءِ. پوءِ مان توکي تختي تائين پهچائڻ ڪانسواءِ نه ڇڏيندس.

هاڻي ڇا ڪجي؟ ڇا مان سوٽ جي رت وهايان، يا هڪ وَهڙي ڪان پاڻ مارايان. جيڪو پاءُ جو نقصان نه ٿو قبول ڪري ۽ نه وري انتقام خاطر، ان ماڻهوءَ پيو وجڻ ڏي؟ اڪلنجي ديوتا، مون کي ٻڌايو ته مان ڇا ڪيان؟ توهان هن اناڙي نوجوان کي سمجهه نه ڏيندؤ. هو مون کي ڏاڍو عزيز ها، هاڻي ته هن جو پاءُ نه ناهي رهيو.

ٻاهر نڪر، غدار. نه ته مان تنهنجي تنبوءَ کي باهه ڏيندس ۽ پوءِ تون ان مان جيئرو ٻاهر نڪري به نه سگهندين.

۽ اٿين ئي ٿيو. هن والد جي تنبوءَ مٿان باهه جو شعلو اڇلائي ڇڏيو، جنهن ۾ مان رهيل هيس. ايتري ۾ راجا پوراجي ڪڪا ۽ مان اهم دستاويز ٻاهر ڪڍي ورتا ۽ ٻاهر پڄي نڪتاسين. ايتري ۾ باهه وڌڻ لڳي هئي. خوشقسمتي سان، هوا بند هئي ۽ ٻيا تنبو بچي ويا، جيڪي والد جي تنبوءَ کان وٿيرڪا هئا، ۽ باهه وڌي نه سگهي.

تيج، پنهنجي ڪڏي ڪمر تي، تلوار اپي ڪندي، وڏا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو هو.

’ڏسو، ڪيئن ٿا ڪوئا، ٻڌندڙ ٻيڙي مان ٻاهر پچن‘ هو ڇا ڪرڻ وارو هو، مون نه ٿي ڄاتو. هن ڏانهن وڌي وڃي ڪاغذ وڏايامانس ۽ ڇيومانس ته هي ڪاغذ ته سنڀال. جيئن ئي هن ڪاغذ ٻنهي هٿن سان پڪڙيا. ڪاغذ هن جي هٿن ۾ هئا، مان نڪاءُ ڪري گوڏو هنيومانس مردانگيءَ جي وچ تي ۽ زور سان منهن جا ٺونشا ٺوڪيامانس. تيج جڻ شاڪ ۾ منهنجي ٺونشن کان وڌيڪ منهنجي شديد عمل جي ڪري. مان هن کي اٿڻ ئي نه ڏنو. ماري بيهوش ڪرڻ کان اڳ لوندو ڪري، ڳچيءَ وٽ ٽڪ هڻي، آهستان ڇيومانس، مان توکي جيئرو ڏسڻ ٿو چاهيان، او مجهول نه ڪي منهنجو دشمن پر دوست ۽ ساٿي. هو ڏاڍو پيتل هو، مٿان وري پيس کُٽڪو، منهنجا لفظ سمجهه ۾ ئي نه آيس. هو ليٽڻ لڳو. مان ڏٺو، ته نه فقط منهنجا سپاهي ۽ منهنجا وڏا سندن وات سڪي ويا ۽ زبان خشڪ ٿي وين، مان سيني مٿان اهڙي دهشت ڇڏي جو اهي ڏسندا ئي رهجي ويا، ته مان ڪيترو هيٺ اچي سگهان ٿو.

’بند ڪيوس ڪٽي‘ مان وچ تي ڇيو، ايتير ۾ ست سپاهي پڄندا آيا منهنجي حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ. رائو ورماديو، مان تنهنجي ڪوارٽر ۾ آرام ڪرڻ لاءِ ٿوري دير ويهي سگهان ٿو.

’مان اهي جلدي خالي ڪندس‘ قبل، هن خشڪ چپن مان ٻوليو، مون کي توهان جي مهمانوازي نه کپي، جيڪڏهن توهان اتي گڏ نه هوندؤ. مون کي هن جي رائو هڄڻ واري بينلاپ ڪيڻ کان اڳ ۾، سوچيو ته هن سان اڪيلائپ ۾ ڪجهه ڳالهايان.

مان پنهنجي ميزبانيءَ ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪندس، جناب اعليٰ. اها توهان جي عنايت. منگل، منهنجي لاءِ ٻيو تنبو ڳولي وٺ ۽ اهو ڪوڙي مون کي ٻڌاءِ.

رائو وارا ڪواٽر، سڪون وارا نه هيا ۽ عام طرح جا هيا. هو منهن ڦوڪي وينو هو، ڳالهائڻ لاءِ تيار نه پئي لڳو. مان تمام تکڙو، ماڻهن کي بيزار ڪرڻ لڳو هوس، سمجهان ٿو، ٿوري عرصي اندر ملڪ منجهه منهنجو ڪو دوست نه بچندو. هاڻي معرڪي سان ڪيئن نبران. مان، پاڻ کي سمجهائڻ کان قاصر هئس. اهو سلسلو شروع ٿي چڪو هو. رائو ورماديو جهڙن جي ساٿ ڪانسواءِ اڳتي وڌڻ مشڪل هيو.

مان سمجهان ٿو ته هن وقت تائين مان، توهان کي اعتماد ۾ ڪونه ورتو آهي، پر هنن ديوارن جي پويان اڪيلائپ ۾ ٻڌايو ته اڄ شام جو جنگ جاري رکڻ مان فائدو ڪونه ٿيندو، ان جي برعڪس، اسان جو جاني نقصان گهڻو ٿيندو؟ رائو، نڙي صاف ڪرڻ لڳو ۽ ڳالهه ڪونه وٽيس، پر مان کي هن جي ڳالهه ٻڌڻي ڪونه هئي. اڃا ته پل هيٺان پاڻي تمام گهڻو آهي. توهان خاموشيءَ سان، منهنجي انوکن جنگي سوچن/عملن سان ڪجهه وقت ساٿ ڏئي سگهندؤ؟

مان، ان جو جواب نه ٿو ڏئي سگهان، جيستائين اها خبر پوي ته توهان جي مَن ۾ ڇاهي؟

مان اڃان وهان سان فِري ٿيو ناهيان، ان ڪري شايد سڌي ڳالهه نه ڪري سگهان. ۽ واقعي، مان اڃان گهرو ناهيان ٿيو هن وقت، ڪا نئين ڳالهه ناهي سامهون. توهان، ٿورو وقت ڏيندا ته ان سوچي وٺان ۽ رستو ڪهڙيان؟ سمورا سپاهي ۽ جنرل/ليڊر، توهان کان ئي رهنمائي وٺڻ چاهيندا ۽ مان پڻ. جيڪڏهن، مون تي يقين اٿو، ته اٿين ئي ٿيندو ۽ مان پڻ اٿين ئي ڪندس.

توهان ته وڏي ذميواري رکي رهيا آهيو، مهراج ڪمار، ۽ ايڏو انڌو اعتماد. جڏهن ٻه ڪو نئون يننگر، نوڪري جي تلاش ۾ ڦرندو آهي ته هن کي اهو ئي جواب ڏنو ويندو آهي، ته اسان کي ڪو تجربي وارو ماڻهو کپي. اها ته محنت ئي هجي ٿي، جيڪڏهن هن کي ڪونه نوڪري ئي نه ڏيندو ته اهو ماڻهو تجربيڪار ڪيئن ٿيندو؟

مان پاڻ، توهان تي اعتبار ڪيان ٿو، مهاراج ڪمار. ايمان ۽ اعتقاد جي حساب، اسان سيني جون اکيون توهان منجهه کُتل آهن. هن پهريون دفعو مرڪندي چيو. هن جي مُرڪ، منهنجو ڏينهن سجايو ڪري ڇڏيو. مون ڏٺو ته هن جي چهري تي رونق اچي وئي ۽ وري منهنجي دل کي تراوت. مان، پنهنجي حيثيت بابت، هن پوڙهي ڪلاڙيءَ جي دل ۾ جاءِ بڻائڻ پئي گهري. هو منهنجي عزت ڪندو هو پر مان چاهيان پيو ته اها ويجهڙائپ، پرفيشنل طور تي به بڻجي وڃي. هاڻي اڳي ڪهڙي ڳالهه آهي، شهزادا؟

مان ٿڌو ساهه کنيون. مان صبحاڻي گهوڙن جي گوءِ ڪرائڻ ٿو چاهيان، جناب اسان جي گهوڙن لاءِ.

سمورن ٽيوهين هزار گهوڙن جي گوءِ؟ هن حيرانگيءَ جو ڪو اظهار نه ڪيو. هن فقط تفصيل پڇڻ پئي چاهيان. اسان جو ايمان، اتي ئي قائم بڻيو بينو آهي. هاڻي منهنجي مُرڪڻ جو وارو هو.

ان رات، منگل، منهنجي پيٽيوي جو خط پڪڙيو ۽ مون وٽ ڪٽي آيو. رائو رئمل، ان مشڪت سان لڳل هو. لکيل هو، ’مان بزدل آهيان، نااهل آهيان. مان جنگ کان پڇي پاسو ورتو هو، جڏهن ميواڙ جون فوجون جنگ کٽڻ واريون هيون ته مان اُڇو جهنڊو چاڙهايو ۽ امن جي اپيل ڪئي. هاڻي مان ٻه خوشحال صوبا ۽ اِدر پڻ، گجرات کي ڏيڻ ٿو چاهيان. وڌيڪ مان بهادر تيج کي موچڙا هڻي قيد ڪرايو آهي ۽ هن جي تنبوءَ کي ساڙايو آهي.‘

آخر ۾ والد کي پرزور اپيل هئي ته مونکي، جيڪو ميواڙ جي توهين ۽ بدناميءَ جو باعث بڻيو آهي، ان کي جلد هٽايو وڃي ته جيئن وڌيڪ نقصان کان حڪومت کي بچائي سگهجي.

تون ٻڌائي سگهين ٿو ته دشمن فوجن مان هيءَ ڪنهنجي ڪا چال ناهي هوندي؟ (هلندڙ)

## رحيم داد جوڳي
## کي صدمو



سوجهرو جي هر دلعزيز ساٿي ۽ واٽي جي پلوڙ شاعر رحيمداد جوڳي جو چاچو شاهه محمد عرف شاهن جوڳي گذريل مهيني پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاري ويو. اسين پنهنجي دوست جي انهي غم ۾ پوري ريت شريڪ آهيون. ۽ رحيمداد جوڳي ۽ سندس ويڙهي جي سيني بزرگن ۽ مٿن مائٽن سان عذر خواهي ڪيون ٿا.

- ادارو




# رات منهنجي ڳوٺ ۾

## مفتون ڪورائي

سنڌ ديس جي نہ رڳو واري سونهاري آهي پر هر پاسي کان سنڌ خوبصورت ۽ سُندر آهي. ڪِرڙ جي ڳاڙهين پُسين کان وٺي گلاب جي مکڙين جي ڳاڙهاڻ تائين، موتئي جي مرڪري مرڪ جهڙي مکڙين جو موهہ هڪ پاسي ۽ مهراڻ جي مُوتيا نما سونهن ٻئي پاسي، چمڪنديءَ جي پيلن گُلن سان جهنجهيل ٿارين جو منظر هڪ طرف ۽ ڪانديريءَ جي گُلن جي سونهن ٻئي پاسي مطلب تہ منهنجي محبوب ڌرتي، وڪ وڪ، انچ انچ منظرن جو مرڪز آهي ۽ ڍنڍون، ڍورا، نديون، نالا، ٿر، ڪاڇو، ڪارونجهر توڙي ڪيرٿر، ڪينجهر توڙي منڇر ڏکڻ توڙي اتر، اولهہ ۽ اوڀر سرهاڻين جون اڻ ڳُڻ ڪاڻيون سدائين روان دوان، وهندڙ نيون توڙي نديون جنت جي ڏيک کان گهٽ ناهن. سهڻي سنڌ جا ماڻهو فنونِ لطيف سان پڻ ٽمٽار هجن ٿا. هن پونءَ جي نندي توڙي وڏي ڳوٺ ۾ ڀهڳٽي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ڪوڙ ماڻهو ملندا، ڪو سگهڙ جي روپ ۾، ڪو شاعر جي روپ ۾، ڪو نثر نگار جي روپ ۾ تہ ڪو وري مصور، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ وقت جي بيوفائن، ڌارين جي يلغارن ۽ ڏکهي غلاميءَ جي بدنما داغن جي ڪري موهن جي دڙي جي حسين تهذيب کان وٺي اڄ تائين پوڳنائن جي مسافر ڏيهہ جون درد ڪٿائون چنڊ گرهڻ جيان رهيون آهن. قاضي قادن کان وٺي هيل تائين سهسين ستارا، سنڌ جي سينڌ سنواريندا رهيا آهن.

**اڄ بہ گيتن ۾ مهڪن روز ٿا ڳاڙها گلاب**
**ڇا ڏنو آ ڏيهہ کي ذات جو ذاتار ڏانءُ.**
*(مفتون)*

قياسي شاعري کان وٺي جديد عهد تائين ڪيترا ئي نالا آهن جن جي شاعري پڙهڻ سان روح کي راحت ملي ٿي. خالد راڄپر نئون شاعر آهي سندس شعري مجموعو 'پنل آرسي' تجزئي هيٺ آڻڻ سان هن جي سگهاري شاعر هئڻ جو ثبوت آهي. ۽ هن وٽ عروض جون پابنديون پرپور طريقي سان ملن ٿيون. پر گهڻو سينئر شاعرن وٽ تہ حذف محذوف جون رعايتون بہ ناهن، وزن ڪانسواءِ واري شاعري ڳائڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي يا وري ڳائڻي کي ڳيت ڏئي لفظ ڳڙڪائڻو پوي ٿو، يا وري جهٽڪو ڏئي اڳتي وڃڻو پوي ٿو، قافيو ۽ رديف جيڪي شعر لاءِ ڳهڻ جو ڪم ڏين ٿا انهن کان بہ ڪوڙ شاعر پري ڀيٺل نظر اچن ٿا. جڏهن نظم يا ڪنهن هڪ ٻن ٻين صنفن ڪانسواءِ قافئي ۽ رديف جي ضرورت رهي ٿي. ڏات (تخيل جي اڏام) جنهن کي مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي وڌائي ۽ سنواري سگهجي ٿو. پر ڏانءُ مثلاً مرڪب لفظ، تشبيهہ، اصطلاح، استعارا، تجنيس، اندروني قافيا وغيره جيڪي مشق ۽ محنت جا متقاضي آهن. خالد وٽ مقصد، رواني پڻ آهي جيڪا شعر لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي. خالد وٽ موضوع جي اڻاٽ بہ ڪانهي. حُسن ۽ عشق کان وٺي انسانيت سان ٿيندڙ انيڪ انيائن جو ادراڪ بہ سهڻي نموني رکي ٿو. خالد ڀراڙيءَ جو رهاڪو آهي ۽ زميندار گهراڻي مان آهي تنهنڪري هارين، نارين جي مجبورين جو پڻ پورو پورو شعور اٿس. انهن المين ۽ آزارن کي ويجهو کان ڏسندي مٿن قلم کڻي ٿو.

**ڪن ٻڌا هن ڳانڙا، ڪو وڃي روئي ستو،**
**ڪنهن وڃائي آ وَهِي، رات منهنجي ڳوٺ ۾.**

-

**ڇا ڪري هاڻي نماڻي ڇوڪري**
**رات نوٽن تي وڪاڻي ڇوڪري.**
**زور جي پوڙهي وني ماڻي مگر**
**ٿي وئي دردن کهاڻي ڇوڪري**
**نيٺ آخر خودڪشي آهن ڪئي**
**زندگيءَ جي ٿي پڄاڻي ڇوڪري**
**لاش تي پوتيون هزارن ٿي وڌيون**
**پر نہ آهي ڪنهن سڃاڻي ڇوڪري.**

خالد سولن ۽ سادن لفظن ۾ ڏکيا مسئلا نبيريو ڇڏي. هو وڏيرڪي سماج، ڪمدار جي ڪُڏي ڪردار کان بہ چڱيءَ طرح واقف آهي جيڪو هارين نارين لاءِ هميشہ خدائي عذاب جي روپ ۾ رهي ٿو. خالد کي اها بہ خبر آهي مال ڌارڻ، پالڻ ۽ چارڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي؟ جنهن لاءِ خالد هيئن ٿو لکي،

**روز ٿو جهاڳي جبل جي پنڌ کي**
**زندگي آهي ڏکي ٻڪرار جي.**

خالد راڄپر جتي ماروئڙن جا سور سيني ۾ سانڍي ٿو اتي پنهنجي پرينءَ کي بہ نٿو وساري. امير خسرو چيو هو، ”اي سڄڻ تون، مان تي وڃ ۽ مان، تون ٿي وڃان جيئن ڪو چئي نہ سگهي تہ تون جدا ۽ مان جدا آهيان.“ ۽ خالد راڄپر لکي ٿو،

**چنڊ ۾ تصوير آهي يار جي،**
**روشني آهي منجهس ڪا پيار جي. ■**

## خالد راڄپر جو نظم

وري بيد مُشڪن جو لامون لُڏن ٿيون
وري يادگيريون پيو واءُ ڇاڻي
هتي ساٿ ڪنهنجو اسان کان ڇڳو هو
هتي راز دل جا ٻڌان سور سليان سون
هتي ڪنهن جي نيڻن نهارون ڪيون هون
ڪڏهن وقت اهڙو اسان تي بہ آيو
ڪتابن جي ٿيلهن منجهان ڪيترائي
لفافا مليا ها.
ڪي اقرار انڪار وارا قصا ها
اسان بي خودي ۾
لفافن کي لهرن ۾ لوڙهي ڇڏيو هو
۽ پنهنجن خيالن کي مُوڙي ڇڏيو هو
نہ ڪنهنجي ادائن جي آڏو جُهڪاسون
نہ ڪنهن جي بدن جي اگهاڙپ ڏني سون
نڪي ذهن زلفن اسيريءَ ۾ ڦاٿو
اسان کي هزارين اکين آزمايو
۽ بيچين ڪنهنجن دلين آزمايو
هِتي ئي تہ اڻ ڳُڻ اشارا ٿيا پر
گهڻو ڏور اهڙن هُجومن کان ويهي
اسان نيڻ پنهنجا خدا جي اڳيان بس
جُهڪائي رکيا ها ٽِڪائي رکيا ها.

*






### منور ملاح

ڪا سڳي سوچ ۾
دل لڳي سوچ ۾
پيو مهاڻو سوچي
نيرڳي سوچ ۾
آس ۾ آ ڏيئو
ڪا جهڳي سوچ ۾
ياد جا وڻ ڏکها
چودڳي سوچ ۾
هڏ جيان پئي ڏکي
دل ڀڳي سوچ ۾
آءُ جهرڻي جيان
نغمڳي سوچ ۾
عاجزي منهنيج ۽
هُن مڳي سوچ ۾
من دهلي ٻئي موهي
پر ٺڳي سوچ ۾

# شاهه عبداللطيف يونيورسٽي سنڌي شعبو



شريف شاد سومرو

علم روشني آهي، يا انسان جي ٽين اک آهي. سنڌ ۾ انهيءَ روشنيءَ جي مسلسل سفر جون ٽي عدد دانشگاهه يا مادرِ علمي ڪم ڪري رهيون آهن. بلڪ ڪجهه وقت اڳ ٻه ٻيون يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون آهن. زرعي، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ شعبي جي حوالي سان ٻه انهن جو قيام عمل ۾ آيو آهي.

سنڌ ايڪٽ تحت 3 اپريل 1947ع تي سنڌ ۾ پهرين يونيورسٽي، ”سنڌ يونيورسٽي“ جي نالي سان قائم ڪئي ويئي. هن کان اڳ بمبئي يونيورسٽي، ڏانهن اعليٰ تعليم لاءِ وڃڻو پوندو هو. 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي کي ڄامشوري ۾ موجوده جاءِ تي آندو ويو. جنهن جي شروعات عارضي طور نوودياند هاءِ اسڪول، هاٿوڪي اولڊ ڪيمپس ۾ هلايو ويو.

اتر سنڌ جي علائقي ۾ اعليٰ تعليم جي ترقيءَ کي نظر ۾ رکندي سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمپس طور، ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪيمپس“ جي نالي قائم ڪئي ويئي جيڪا 1975ع کان عملي طور ڪم شروع ڪيو. مگر پوءِ وڌندڙ آبادي ۽ ضرورتن کي مدنظر رکندي، عوام جي بيحد اسرار تي 15 مارچ 1987ع شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ کي خود مختيار بڻايو ويو.

## سنڌي شعبي جي مختصر تاريخ:

اتر سنڌ جي واحد مادرِ علمي جنهن کي 15 مارچ 1987ع ۾ خودمختياري جو درجو ڏنو ويو. نئين يونيورسٽي کي نوان مسئلا درپيش هئا، جنهن کي پاڻ پرو ٿيڻ ۾ ڪيئي سال لڳي ويا. ٽن سالن اندر هن دانشگاهه جو صحيح نموني ڍانچو تيار ٿي سامهون آيو، جنهن ۾ مختلف فيڪلٽين جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن ۾ مختلف شعبن جو وجود ۾ اچڻ پڻ شامل هو. آرٽس فيڪلٽي ۾، سال 1990ع ۾ باقاعده سنڌي شعبو ٻه قائم ڪيو يو. (1) هونئن ته 1987ع کان ڪم هلندو پئي آيو.

جنهن ۾ ايم.اي.ليول تائين ڪلاسز هلايا ويا. ان کان علاوه ايم فل (M.Phil) ۽ پي.ايڇ.ڊي (Ph.D) لاءِ تحقيقي ڪم کي ٻه اڳتي وڌايو ويو. جنهن ۾ مختلف اسڪالرن جون رجسٽريشن ڪيون ويون.

وقت ٻه وقت ادب جي مختلف موضوعن تي ليڪچر ڪرايا ويا، يا ڪرايا وڃن ٿا، ۽ پڻ سيمينار ٻه منعقد ٿيندا رهن ٿا، جيڪي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي لاءِ راهه هموار ڪندا رهن ٿا. هينئر ته ايم.فل لاءِ ڪلاسز ٻه شروع ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ تحقيق جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي وڃي ٿي. ۽ تحقيق جا نت نوان گُر سيکاريا وڃن ٿا.

سنڌي شعبي جو پهريون چيئرمين محترم ڊاڪٽر عبدالرزاق ملڪ نديم صاحب کي بڻايو ويو. ياد رهي ته سنڌي شعبي جي چيئرمين، 1999ع ۾، ”سچل سرمست جي شاعري جو تحقيقي جائزو“ جي عنوان سان مقالو لکي پي.ايڇ.ڊي (Ph.D) جي اعليٰ سند حاصل ڪئي، جيڪو هينئر تاريخ: 8 اپريل 2006ع تي پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿي ويا آهن، جنهن جو Ph.D جو گائيڊ محترم ڊاڪٽر پروفيسر غلام نبي سڌايو صاحب هو. جنهن جي جاءِ تي سنڌ جي شاعر، اديب ۽ محقق محترم ڊاڪٽر ادل سومرو صاحب کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن بتاريخ: 8 اپريل 2006ع کان پنهنجو ڪم شروع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ادل سومري صاحب، سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ (ٻولي ۽ ادب جي اوسر ۾ ان جي ڪردار جو جائزو) تي تحقيقي مقالو لکي. پي.ايڇ.ڊي (Ph.D) جي اعليٰ ڊگري 1999ع ۾ حاصل ڪئي آهي، جنهن جو گائيڊ محترم ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب (مرحوم) هو.

## سنڌي شعبي جي ڪارڪردگي:

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي کي قائم ٿئي تمام ٿورو عرصو گذريو آهي، يعني هن وقت تائين سترهن سال ٿي چڪا آهن، پر قليل عرصي ۾ تمام سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. هن شعبي جي سموري ترقيءَ جو سهرو، پروفيسر، عالم، اديب، محقق ۽ شاعر ڊاڪٽر ملڪ نديم صاحب؛ پروفيسر، عالم، اديب، محقق ۽ شاعر ڊاڪٽر ادل سومرو صاحب ۽ پروفيسر شاعر اياز گل صاحب ۽ لسانيات جي حوالي سان سڃاتو ويندڙ پروفيسر برڪت بلوچ صاحب جن جي سر تي سونهين ٿو. جن پنهنجن صلاحيتن سان سنڌ شعبي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

سنڌي شعبي ۾ سيمينار لائبريري جو قيام ٻه عمل هيٺ آندو ويو آهي. ۽ 1989ع کان باقاعده پبليڪيشن جو آغاز ڪيو ويو آهي. سندس پهريون ميگزين ”لطيف ميگزين“ جي نالي سان 1989ع ۾ شايع ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ، ’ڀٽائي جرنل‘ جي نالي سان تحقيقي رسالي جي پهرين ڪَڙي جولاءِ 1991ع ۾ منظرِعام تي آندي ويئي. جنهن ۾ سنڌي ادب جي مختلف پهلوئن تي تحقيقي مقالا شايع ڪيا ويا. هن وقت تائين اٺ ڀٽائي جرنل پڌرا ٿي چڪا آهن. جن ۾ ڇپيل مقالن جو وچور هت معلومات لاءِ ڏنو وڃي ٿو.

ان کانسواءِ ايم.اي سنڌي جا ڪلاسز شام جو روزانو باقاعده هلايا وڃن ٿا. جن مان هزارين شاگرد مستفيض ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه ڪاليج طرف کان ريگيولر شاگردن جو تعداد ٻه چڱو خاصو آهي، پر ڪيترن ڪاليجن مان ايڪسٽرنل طور سوين شاگرد فارم پرائيندا رهن ٿا ۽ ڪامياب ٿيندا رهن ٿا. ايم اي (آخري سال) ۾ ته ڪيترائي شاگرد چوٿين پيپر بجاءِ مونوگراف لکن ٿا.

گريجوئيٽ ليول تي بي.اي جا ڪلاسز ڪمپلسري ۽ مائينر طور پڙهايا وڃن ٿا، جيڪي صبح جي وقت باقاعده هلن ٿا. ان کانسواءِ سنڌي شعبو سوالن جو مقابلو، تقريرون ۽ هم نصابي سرگرميون ٻه جاري رکيون اچي ٿو.

ايم.اي سنڌي جي آخري سال ۾ سليبس مطابق چوٿين پيپر بجاءِ شاگرد کي اختيار مليل آهي ته هو مونوگراف يا ريسرچ پيپر (تحقيقي مضمون)، سنڌي

شعبي جي چيئرمين يا شعبي جي ڪنهن بہ استاد جي نگراني ۾ لکي سگهي ٿو.

سنڌي شعبي جي ريگيولر شاگرد يا ايڪسٽرنل شاگرد چوٿين پيپر بجاءِ مونوگراف لکن ٿا. اڪثر مونوگراف اهي شاگرد لکندا آهن، جن جو واسطو ئي ادب ۽ تحقيق سان هوندو آهي. نہ تہ ڪي شاگرد مونوگراف جي ڏکهي خفي کان بچڻ لاءِ مضمون واري ٽن ڪلاڪن جي پيپر ۾ ويهن ٿا.

بهتر تہ ائين ٿيندو جو مونوگراف کي لازمي قرار ڏيئي سڀني شاگردن کان لکرايا وڃن. جيئن اڳتي هلي شاگردن ۾ باقاعده پنهنجي مضمون ۾ لکڻ جو ڏانءُ يا مهارت حاصل ٿئي.

سنڌي شعبي جي ساراهہ جوڳي ڳالهہ اها آهي جو چيئرمين صاحب موجوده يا سابقہ انهن پنهنجي نگراني ۾ مونو گرافس لکرايا آهن. جيڪي ادب جي مختلف موضوعن تي مشتمل آهن، جيڪي ايندڙ وقت جي محققن لاءِ نوان رستا کولين ٿا. هتي پيش ڪيل مونوگرافس جو وچور بہ پيش ڪجي ٿو. جنهن مان سنڌي شعبي جي بهتر ڪارڪردگيءَ جي پلي پٽ پروڙ پوي ٿي.

هتي مونوگراف يا ريسرچ پيپر جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي. جيئن آئينده جا شاگرد ان مان واقف ٿي سگهن.

## مونوگراف/ريسرچ پيپر/ٿيسز:

لفظ ”مونوگراف“ (Mono Graph) انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن لاءِ مختلف لغتن ۾ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

Monograph: ”An essay for treatise on a Particular Subject.“ (2)

”Research report on a Single limited Subject.“ (3)

يعني هڪ موضوع تي تحقيقاتي مقالو لکڻ.

”مونو گراف، اهڙو مقالو يا مضمون جيڪو هڪ موضوع تي هجي، هڪ موضوعاتي رسالو يا مقالو، هڪ موضوع تي تيار ڪيل ڪنهن عالم جو مقالو.“ (4)

ماسٽريءَ جي ڊگريءَ جي حالت ۾ مضمون ۽ مونوگراف لکايو ٿو وڃي. مضمون ماسٽريءَ جي ڪورس جي پوئين امتحان ۾ هڪ پيپر جي جاءِ تي لکايو ويندو آهي. ۽ مونوگراف بہ اهڙيءَ ريت هڪ پيپر جي جاءِ تي پيش ڪيو ويندو آهي. ميڪانيت جي خيال کان مضمون ۽ مونوگراف ۾ فرق ٿئي ٿو. مضمون جو پيپر ٿئي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت اهو امحتان ٽن ڪلاڪن ۾ ختم ڪرڻو پوي ٿو. ۽ ان جي موضوع جي باري ۾ اڳواٽ ڪوبہ علم ڪونہ هوندو آهي. مونوگراف جي حالت ۾ شعبي جي طرفان هڪ مسئلو مقرر ڪري شاگرد کي ڏنو ويندو آهي يا شاگرد جي پنهنجيءَ چوند کي خيال ۾ رکي هڪ مسئلو مقرر ڪري ڏنو ويندو آهي. هن طرح مونوگراف ۾ وقت وڌيڪ ٿو ڏنو وڃي. ۽ مسئلي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جو موقعو وڌيڪ ٿو ملي. ظاهر آهي تہ هن حالت ۾ مونوگراف مضمون کان وڌيڪ وڏو ٿيندو آهي. يا تحقيقي خيال کان بهتر ٿيندو آهي. مضمون جي حالت ۾ تحقيقي جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، ڇوتہ مضمون لکڻ واري وٽ امتحان جي هال ۾ افرادي وسيلن کان سواءِ ڪجهہ بہ موجود ڪونہ هوندو آهي، پر مضمون کي بہ تحقيقي عمل جو هڪ ڏاڪو چئي ٿو سگهجي ڇوتہ ان ۾ فن تحرير جي پابندين ۽ حوالي جي گنجائش موجود هوندي آهي.“ (5)

ريسرچ پيپر (Research Paper): هي انگريزي ٻوليءَ جو ڪمپائونڊ لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، تحقيقي مضمون يا مقالو. ريسرچ پيپر ۽ مونوگراف ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. ٻنهي جي معنيٰ ساڳئي ورتي وڃي ٿي. يعني ٻنهي ۾ مسئلي جي حل لاءِ وقت ڊگهو وقت ڏنو ويندو آهي.

ٿيسز (Thesis): لفظ ٿيسز انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’مثبت، دعويٰ يا نظريو‘ ادبي محاوري ۾ هن کي مقالو سڏيو وڃي ٿو. يعني اهڙو مدّلل مقالو، جنهن ۾ پنهنجي نظريي جي دعويٰ ڪئي ويئي هجي. هن لاءِ انگريزي لغتون هن طرح بيان ڪن ٿيون:

”Thesis: theory put forward and supported by arguments, such piece of writing submitted for a university degree.“ (6)

”Thesis: a long essay or treatise presented for a degree, a proposition to be proved; the unstressed syllable of a metrical foot.“ (7)

اهڙُ ’نظريو دعويٰ، بيان جنهن تي ڪيل اعتراضن جو جواب ڏنو وڃي، مقالو يا مضمون جيڪو ڪو شاگرد سند وٺڻ لاءِ لکندو آهي.“ (8)

يعني اهڙو مقالو، جيڪو يونيورسٽي لاءِ، ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي؛ جنهن ۾ مثبت نتيجا ڪڍيا ويا هجن. ۽ نظريي کي دليلن سان ۽ حوالن سان ثابت ڪيو ويو هجي. اهڙي دعويٰ کي ٿيسز چوندا آهن.

مٿي ڏنل وضاحتن ۽ وصفن کان پوءِ اسان ٽنهي ۾ فرق محسوس ڪري سگهون ٿا، يعني مونوگراف، هڪ موضوع تي تحقيقاتي مقالو آهي. ۽ ٿيسز هڪ طويل مقالو آهي، جيڪو اعليٰ ڊگري، ايم.فل (M.Phill) يا پي.ايچ.ڊي (Ph.D) لاءِ لکيو ويو هجي. انهيءَ ڪري يونيورسٽي طرفان مونوگراف کي اي.اي جي آخري سال لاءِ چوٿين پيپر بجاءِ رکيو ويو آهي. ايم.فل ۽ پي.ايچ.ڊي وارن لاءِ مقالي کي ٿيسز جو نالو ڏنو ويو آهي، جنهن کي ڊزٽيشن (Dissertation) جو نالو بہ ڏنو ويو آهي.

## ٿيسز يا مونوگراف لکڻ ۾ گائيڊ جو ڪردار:

گائيڊ لفظ بہ انگريزي زبان مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ’رهبر يا نگران‘. ٻي معنيٰ ۾ راهہ ڏسيندڙ بہ ڪوٺيو ويو آهي. يا اجا بہ هنن لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو، تہ واٽ ڏيکارڻ يا ان جي نشاندهي ڪرڻ.

تحقيقي يا ادبي محاوري ۾ رهبر جو مطلب ٿيندو، ’مقالي لکڻ وقت مشڪلات يا ڏکيائيءَ کي آساني سان پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ حل ڪرڻ. ۽ تحقيق لاءِ نوان رستا ۽ راهون ڏسڻ. ۽ جديد علمن جي روشنيءَ ۾ پنهنجو مقالو سائنٽيفڪ انداز سان مڪمل ڪرڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ.‘

انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو تہ گائيڊ اهو هجي جيڪو انهن سڀني مرحلن مان گذريو هجي. ۽ ان کي انهن سڀني گسن ۽ ترڪيبن جي چڱيءَ طرح خبر هجي. جيئن هڪ نئين محقق جي سٺي نموني رهبري ٿي سگهي، ايئن نہ ٿئي جو شاگرد (ريسرچ اسڪالر) ڏکيائي سمجهي، ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي هليو وڃي. جيڪڏهن هڪ گائيڊ، صحيح نموني گائيڊ نہ ڪندو تہ پوءِ انهيءَ ٿيسز يا مونوگراف ۾ ڪچايون ضرور رهجي وينديون، جيڪي اڳتي هلي ايندڙ محققن لاءِ دشواريون پيدا ڪنديون.

تحقيق دوران هڪ محقق وٽ تمام گهڻو مواد گڏ ٿي وڃي ٿو. جيڪو ٿيسز ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ موضوع کان هٽيل غير ضروري مواد بہ شامل ٿي وڃي ٿو، انهيءَ ڪري موضوع مطابق مواد ڏيڻ لاءِ هڪ گائيڊ کي گهرجي تہ هو پنهنجي اسڪالر کي سائنٽيفڪ انداز سان ان کي خارج ڪرائي ڇڏي. تنهنڪري هڪ گائيڊ تي پنهنجي وقت جي اهم ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو پهنجو فرض خوش اسلوبيءَ سان ۽ خنده پيشانيءَ سان پورو ڪري ۽ نڀائي. نہ تہ مقالو غلطين سان ۽ غير ضروري مواد سان ٿمٿار هوندو. ۽ ايندڙ اسڪالرن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪندو، ڇاڪاڻ تہ غير ضروري مواد سبب ڪوبہ مثبت نتيجو ڪڍي نہ سگهبو.

اسڪالر کي سيمينار ڪرڻ لاءِ بہ انهيءَ ڪري گهرايو ويندو آهي تہ تحقيق ڪٿي پهتي آهي ۽ ڪهڙا نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن؟ انهيءَ ليڪچر ۾ ويٺل موجود شاگرد يا استاد، اسڪالر جي تحقيقي رپورٽ ٻڌڻ کان پوءِ سوال- جواب ڪيا ويندا آهن. ۽ ان جي غلطين يا رهجي ويل پهلوئن جي نشاندهي ڪندا آهن، جنهن جي موٽ ۾ محقق ضروري ڦيرڦار ڪري سگهندو آهي. ۽ مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪندو آهي. سيمينار ۾ بہ سموري ذميواري هڪ گائيڊ جي اهليت تي مدار رکي ٿي تہ هن ڪيتري رهبري ڪئي ۽ محقق کي ڪيتري منزل تي پهچايو آهي.

اهڙيءَ طرح ايم.فل ۽ پي.ايچ.ڊي جي لاءِ هڪ گائيڊ جو ڪردار اهم ڪردار هوندو آهي. جنهن کي هڪ ٻوجهہ سمجهي نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي. اهڙي نموني .M.A سنڌي جي آخري سال ۾ مونوگراف لاءِ بہ ضروري آهي تہ شعبي جي چيئرمين يا استاد کي اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ پيش ڪيل مونوگراف، يا ايم فل ۽ پي ايچ.ڊي ٿيسز جيڪي شعبي جي چيئرمين ۽ ٻين منظور ڪيل گائيڊس جي رهبري ۾ تمام سٺا ۽ معياري مقالا تحرير ڪرايا ويا آهن. هتي اهي مقالا پيش ڪيا ويا آهن جيڪي تقريباً نوان موضوع آهن ۽ جن تي اڳ ۾ ڪا مثبت تحقيق نہ ٿي آهي. يا انهن عنوانن تي معياري ڪم نہ ٿيو آهي، اهڙن موضوعن کي چونڊي، مسئلن جو حل ڏنو ويو آهي. جيڪي اڳتي هلي سنڌي ادب لاءِ نيون راهون استوار ڪندا.

*(هلندڙ)*

## غزل



### سعيد ميمڻ

ڏاتارَ مونکي ذات جو، حصو ڏنو هيو
پر مختصر حيات جو حصو ڏنو هيو
پاڙي ۾ هڪ يتيم جون آليون اکيون ڏسي
مون ڪيس پنهنجي ذات جو حصو ڏنو هيو
تنهنجي اکين ۾ نيڻ ڪُپائي ڇڏيا اسان
تو دل جي ڪائنات جو، حصو ڏنو هيو
تون خوش گذار توکي سُکي زندگي ملي
حالات مونکي مات جو حصو ڏنو هيو
عاقل❶ سعيد لاءِ سُندر ايترو هيو
رب ڪيس چنڊ سوات جو حصو ڏنو هيو.

❶ *عاقل= شاعر جو ڳوٺ.*

*

واءُ-جُهوٽي سان ڪيڏ تون ترجان
او ڏيئا! رات پَر پِيو ٻَرجان
ڏات جو ڪُوهُہ ٿو اُهو ڪوٽيان
ڪي صديون ڏول تون پيو پَرجان
ڪابہ سِيٽاهَ❶ ساڻ ناهي دل
بي سَهاري ئي سِيرَ ۾ تَرجان
عشق جي پنڌ ۾ جي نڪتو آن
هاڻي رستي مان ڪين تون وَرجان
مان خُدا جو ڪڏهن خليفو هيس
ڪجهہ تہ دل ۾ خيال سو ڏَرجان
ڪُوڙي دَستور تي منڊِيئڙو ڏئي
ياد رکُ تون سعيد! پو مَرجان

❶ *سيٽاهَ= سِيٽاهَ چمڙي جي نهيل هوندي آهي جنهن جي هوا ڦُوڪي درياهہ پَار ڪبو آهي اُنَ تي.*

*



### ڇوُسٽا

پهراڻ پنهنجي خون ۾، سارو رَتَل هيو
ڪو گهاءُ پنهنجي قوم جو، ڪُکِ ۾ لڳل هيو
تاريخ جي زمين تي، زخمي هرڻ جيان
مان زندگيءَ ڏي تي پڳس، ڪَڏَ اَجَل هيو.

مُنجهيل معاشري جو ڪوئي فرد ٿو لڳان
هن ديس جو نہ ڇُٽندڙ ڪو درد ٿو لڳان
ساڙي ڇڏيندي اوچتو دل، شهر بي ضمير
هي سوچ سعيد ڪين تہ مان، سرد ٿو لڳان

جُهڙالي ڏينهن ۾ روئي پَيون هن
اکيون ڇو مينهن ۾ روئي پيون هن
اسان سمجهيو، اکين ۾ آسرو پَليو
وري اڄ نينهن ۾ روئي پيون هن

❶ دل ڇڏيو ساٿُ يا ٿيو دوکو هو
موت جو مامرو هي اوکو هو
سادي سڪرندب! تو ڪٿي ڄاتو
تنهنجو مهمانُ ڪو انوکو هو.

❶ *بشير خان قريشيءَ لاءِ لکيل آهي.*

## وائي

هيءَ ڏکاري نار
جنهن جا ڪُليل وار
ڇا هيءَ منهنجو سِنڌُ آ؟
اڱ هن مان ايندي هئي
موتئي جي مهڪار
ڇا هيءَ منهنجي سنڌ آ؟
ڪنهن وَسنديءَ ۾ ڪين هُئا
هاجيڪار هٿيار
ڇا هيءَ منهنجي سنڌ آ؟
تون ئي ڏس تاريخ ڪجهہ
بيوس ۽ لاچار
ڇا هيءَ منهنجي سنڌ آ؟
ڪاٿي هِنَ ڦِٽي ڪئي
دودي جي تلوار؟
ڇا هيءَ منهنجي سنڌ آ

*



### شبير بروهي

هڪڙو پيرو ٽٽي جڙياسين ڪونہ
لڙڪ هئاسين مگر ڪرياسين ڪونہ
مفلسيءَ ۾ عمر گذاريسين
ڪنهن جي آڏو ڪڏهن جهڪياسين ڪونہ
هر گهٽيءَ اشتهار بدنامي
عشق ڪانپوءِ ٻي مڙياسين ڪونہ
چندب وانگي نہ روشني ڪئي سين
گل وانگي ڪڏهن ٽِڙياسين ڪونہ
اُپ، ڏرتيءَ جيڏي هُئي دوري
هڪٻئي ڪي قريب ٿياسين ڪونہ.

*

ياد جي ڪمري مٿان آ دَزَ چڙهيل
ميز، پِٽ، دَرَ جي مٿان آ دَزَ چڙهيل
ڄِت هيون پنهنجون اکيون لٽجي ويون
هاڻ اُن قطبي مٿان آ دَزَ چڙهيل
ڇڻ جُڳن کان عڪس هن سانڍي رکيا
ڪيڏي آئيني مٿان آ دَزَ چڙهيل
وقت جي واري لٽي ويئي تڏهن
پنهنجي هر رشتي مٿان آ دَزَ چڙهيل
زندگي لٽجي وئي طوفان ۾
هر گهٽيءَ رستي مٿان آ دَزَ چڙهيل

*

ڇهري تي حيراني آهي
اندر ۾ ويراني آهي
خاموشيءَ جا رڻ جهاڳي ٿو
منهنجو من سيلاني آهي
مينهوڳيءَ جي مند لٽي آ
هر راهہ پريشاني آهي
آئيني مان شام ڇٽي تي
هن ٿيڪي پيشاني آهي
چند جدائيءَ جا گيت ڇوي
تارن ۾ حيراني آهي
مٿي پوڄي مٿي چاهي
پاڻ ڪئي ناداني آهي
صحرا صحرا پٽڪي موٽيا
ٽڪ، پنڌ، پشيماني آهي.

*

سگريٽ ٿي ٻرياسين، هن جي اکين جي آڏو
هر هر دکي جلياسين، هن جي اکين جي آڏو
سگريٽ ساٿ ڏيندا آيا تڏهن اسان سان
تنها جڏهن ٿياسين، هن جي اکين جي آڏو
منهنجي حياتي، هي گل، ڪتاب، خط
وکريل ئي بس رهياسين، هن جي اکين جي آڏو
موٽڻ جو ڪوئي رستو جيسين تلاش ڪن ها
رک ٿي اسين اُڏياسين، هن جي اکين جي آڏو
مونکي 'شبير' چاهت ڏيئي سگهي نہ شهرت
گمنام ئي رهياسين، هن جي اکين جي آڏو

*

### نڪولاس بارن (1979_1937) / شميم منظر

## سيلف پورٽريٽ

ڄاڻ اٿم
صحتمند جيون گهارڻ جي فن
کان واقف آهيان.
نيرن هيڪل ڪندو آهيان.
واقعن کان وانجهيل خوابن
۾ رهندي
چٽندڙ وارن ۽ ڏکندڙ پيرن
سان 6 فٽ ٻن انچن جي
قد سان ڪنهن وڏي ڪاموري
جو پٽ لڳندو آهيان.
اڻ-ويڪاٽو ۽ پاڻ لاءِ بہ اٽتر
پنهنجو ملهہ ڄاڻان
۽ ماڻهن سان ائين پيار ڪندو
آهيان، ڄڻ نظم لکندو هجان
مُنهن پيئرو
جهڪي روشني ۾ جهيٽو لهجو
منهنجي خوبين کي ظاهر ڪيو ڇڏي
سگريٽ پيئندڙ
آءٌ اڌو اڌ رک تي چڪو آهيان
ڪافي پيئندڙ آهيان
منهنجو پاءُ
وڏي ڄمار وارين عورتن سان
سياويڪ آهي
جن جوين وارن ڏينهن ۾
منهنجي واهر ڪئي.

*(جرمن نظم)* ■

# ڪيئن چوان تاج اڪيلو آهيان

## تاج بلوچ جي ڪلام تي هڪ نظر



شيخ عبدالحليم جوش

تاج بلوچ جي ڪلام 'ڇڇريون ڇڇريون خواب' پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هُنَ پنهنجي وسيع مطالعي ۽ ڳُوڙهي مشاهدي جي پس منظر ۾ جنهن سوچ ۽ لوچ سان زندگي ۽ ماحول جو اڀياس ڪيو آهي، تنهنڪري، شاعريءَ جي مختلف گهاڙيٽن ۾، هُنَ سچائيءَ جي سونهن ۽ سونهن جي سچائيءَ سان پيش ڪري، سنڌي شاعريءَ ۾ واکاڻ جوڳو اضافو ڪيو آهي. مان اهو چئي سگهان ٿو تہ تاج تجربن ۾ شاعري نہ، پر شاعريءَ ۾ تجربا ڪيا آهن.

شاعرن وٽ ٽي مکيہ صلاحيتون هونديون آهن. مطالعي جي ذوق ۽ گهري مشاهدي جي صلاحيت، شدت سان محسوس ڪرڻ جي صلاحيت ۽ دلڪش اظهار جي صلاحيت. جنهن ۾ ٻوليءَ ۽ زندگيءَ جا سيئي رنگ ۽ آهنگ شامل هوندا آهن. تاج انهن ٽنهي صلاحيتن کي اثرائتي انداز ۾ ڪتب آندو آهي. ايئن ڪندي هن نفاست ۽ نزاڪت سان زندگيءَ جي نثر کي نظم جو ويس ڍڪايو آهي.

مجموعي ۾ جيڪو 703 صفحن تي پکڙيل آهي، سندس اڳ ڇپيل چار مجموعا بہ شامل آهن. انڪانسواءِ 2001 کان 2011 تائين ڇپيل ڪلام جو اضافو بہ ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڏيهي پرڏيهي شاعريءَ جا ڪيترائي شاهڪار موجود آهن.

پُنتي ڪنڌ ورائي ڏسان ٿو تہ ياد ٿو اچيم تہ ڪراچيءَ جي جهوني وسندي نو آباد ۾ رهندي، تاج بہ مون وانگر ڪيترن ٻين شاعرن سان گڏجي محفل احباب 'بزم نظامي'، 'محراب ادب' ۽ 'بزم طالب الموليٰ' جي ماهوار طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شرڪت ڪندو رهيو. پوءِ مرحوم ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ جي فليٽ تي بہ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ حصو وٺندو هو جتي تنقيدي بحث مباحثا بہ ٿيندا هئا.

تاج جي ادبي خدمتن ۾ سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيڻ کانپوءِ، ادبي ڪلاسن جو اهتمام ڪرڻ ۽ "سوجهري" رسالي کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ ۽ اُن جي ادبي معيار کي بہ قائم رکڻ واکاڻ جوڳا ڪارناما آهن.

تاج جي ڪلام مان مثال طور شعر چونڊڻ، ٽَڪر ٽاڪُڻ جي برابر آهي. بهرحال، پنهنجي پسند موجب ڪي مثال پيش ڪريان ٿو.

ڪنهنجو اڳو نڪو پيڇو آهيان
پنهنجي ادراڪ جو پاڇو آهيان
مان الائي تہ ويس پئي ڪيڏانهن
تنهنجي دَر تي اچي پهتو آهيان
جنهن ۾ نفرت جا وڏا ويا سِڪا
مان اُهو پيار جو ڪشتو آهيان
جنهن ۾ آواز نڪا موسيقي
اهڙو خاموش مان سُڏڪو آهيان
ڪنهنجي يادن جو اٿم ساڻ هجوم
ڪيئن چوان تاج اڪيلو آهيان

هِن غزل ۾ تاج پنهنجي ڀرپور سماجي شعور سان، درد ڀرئي انداز ۾، ڏکوئيندڙ مشاهدي جو اظهار نرالي انداز ۾ ڪيو آهي.

هيترا شعر لکئي تاج بلوچ
جن کي شهڪار سخن ٿو سمجهين
تنهنجا اشعار طرحدار مگر
درد ڪنهنجي جو مداوا بہ ڪيو
ڪوئي بيمار شفاياب ٿيو
فاقہ مستن کي مليو ماني ڳپو
ڪنهن بہ فوٽ پاٿ جي رهواسيءَ کي
ڪو مليو آهي رهڻ لاءِ اجهو
هيترا شعر لکئي دوست مگر
درد ڪنهنجي جو مداوا بہ ٿيا.

تاج جا قطعا بہ زندگيءَ کي ڪنهن عظيم مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڏانئولي سجاڳ ڪن ٿا.

روشني، جا مدار ۾ آهي
ڪنهنجي سا اختيار ۾ آهي
تون جي ڪولين شعور جون اکيون
تنهنجي ئي انتظار ۾ آهي
-
جسم بيمار آهي غم ناهي
روح جي روڳ جو علاج ڪٿي
پنهي بيمارين جو آهي شڪار
ڏس تہ پهتو وڃي سماج ڪٿي
-
درد کي اضطراب ڪي سمجهو
آدميءَ جي عذاب ڪي سمجهو
ان مهل ڪوئہ ڪنهنجي ڪم ايندو
وقت جي احتساب ڪي سمجهو
-
جنهنجي دانائي تي وڃي گروي
ديس اهڙي جي زندگي ڪهڙي
غير محفوظ جود محافظ آهي
ملڪ ڪهڙو سلامتي ڪهڙي

-
زلف جي زنجير تي مونکي سڏي
ڪنهن ڇڏي ماحول ۾ خوشبو گڏي
ذهن ڪولي مون اکيون ڀوني ڇڏيون
جنهن کي اچٿو آ اچي منهنجي تڏي
-
توکي پنهنجي خوشي جي آهي خوشي
مونکي هر ڪنهن جي غم جو غم آهي
-
ڪنهن جا ڪنهن جا لُڙڪ اُگهان
هر ڪنهن جي اک آلي آهي
-
دوستن جو پرم رهي تہ چڱو
ڪونہ منهنجي زبان کي کولي
تو جي وار هوا ۾ ڇوڙيا
ميگهہ ملهار جي موسم موٽي
-
جي هو جهونگاري ٿَر تي مينهن وسي
جي هو مُرڪي تہ زندگي مُرڪي
-

تاج جي غزل جو مقطع آهي:

تاج هرڻيون ڇڏي ويو صحرا
ڪيستائين گمان ۾ رهبو

ممتاز شاعر، شيخ اياز هن مقطع جو حوالو ڏيندي چوي ٿو: "جنهن بہ شاعر جو قومي بين الاقوامي حالتن سان لاڳاپو آهي ۽ جيڪو پنهنجا خواب پريشان ٿيندو ڏسي رهيو آهي. تنهن جي شاعريءَ ۾ درد آميزي لازمي آهي. فلاحي مملڪت جو تصور بہ شاعر مان وڃڻو ناهي."

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي هن راءِ سان متفق آهيان تہ تاج جي شاعري جو مجموعي تصور ڏتڙيل انسان سان همدردي ۽ پيڙيندڙ پرمار ڪندڙ طبقي جدوجهد، جيڪو انسان جو ازلي خواب آهي.

ايترو ضرور چوندس تہ تاج نعريبازي کان پاسو ڪندي، حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتو آهي. ■

# نظم



## ذوالفقار گاڏهي

بدرقہ بدرقن پنيان، نيون صف بنديون پيون ٿهن
طمنچہ بدل ڪاٽڪو، گهٽين ۾ پيا گشت ڪن
وري پنهنجي جمهور ڪي، اِجهي هٽڪڙيون تيون لڳن
سنيالي هلو چوڪرا، پيون ڪوڙڪيون رقص ڪن
اوهان جون ڳچيون هونديون، وٽن تي رسا پيا لڏن
اها فوج آهي ميان، هٽن تي ڪٽي تي ملي
ڪنڌيدار تارون ڪنيون سڄي ڏيهہ ۾ پئي قري
اڳيان ڪُت مخلوق ڪي، ڏٽن جان ڌڪيندي هلي
سڄو ڏيهہ ڏيري لڳو، ستو پيو آ بوٽن اڳيان
۽ بُوٽن جي قسمت ڏسو، وڇيو پيو آ نوٽن اڳيان
هي 'شاهين' پنهنجو لهو، ائين گرم رکندا اچن
سڄي قوم ڪي هي پليون، سدائين ڪان وجهندا اچن
لهو گرم رکندا اچن

❋

## ڪوس گهہ

ڪوس گهرن ۾ جانورن جون ڪلون پيون آهن
ناليءَ ۾ پاڻيءَ جي بدران رت وهي پيو تو
گوشت سمورو، شهر سڄي ۾ ونڊجي ويو آهي
پئي پاسي هڪ ڪنڊ ۾ توريون منديون پيون آهن
منڊين جا پترايل دوڏا، پٽر تي ويا هن
فرش تي رت جمي ڪڏهن جو پٽر تي ويو آ
جانورن جي نسل ڪشيءَ کي ڪنهنڪي ڳڻتي ناهہ
ايڏي بي قياسي جو عالم، چاهي پستي ناهہ؟
بہ- پيري جي، چو-پيري سان، چاهي مستي ناهہ؟
مستي ڪنهن بي طور ڪنهين کي پوندي سستي ناهہ
مستي ڪنهن بي طور.....

❋






## شير محمد هاليپوٽو

هو تہ منهنجا غزل تي پڙهي سانوري
روح ڪرڻن جي هيٺان اڙي سانوري
هيل بارش بہ زحمت سندي آ وُٺي
درد منهنجا تي ڪائي چڙي سانوري
ڪنهن قديمي پٽر جي ڪهاڻي پڙهي
تي نوان روز نقشا گهڙي سانوري
ڪنهن جڏهن گل چاڻيا بهارن ۾ آهن
تي انهي سور ۾ ڏس سڙي سانوري
سوچ احساس جي دل ۾ مهڪي پئي
شيرچت تي پئي ڪا چڙهي سانوري

❋



## مختيار سهتو

اُتي رات قيدي پئي ڪوليءَ ۾ ڳايو
هوا جي هَٽان سمنڊ چوليءَ ۾ ڳايو
سُرن سان گڏجي گلي اهڙو ڳهايو
نہ سمجهي سگهيس ڪهڙي بوليءَ ۾ ڳايو
وساري بدن تي پيا سوچ ۾ گم
هُنن گيت اهڙو تہ ٽوليءَ ۾ ڳايو
عجب دار غُربت ڏني روز ڦاهيءَ
وڃي هن وڏيري جي ڏوليءَ ۾ ڳايو
بهانا خوشين جا هي عيدون برادون
گهٽن گيت اظهار هوليءَ ۾ ڳايو
ڪري وئين حياتي وچوڙي جو نوحو
سُمهي پيار نغمو تو جهوليءَ ۾ ڳايو

❋



## اياز رضوي

تو در سُوالي منهنجا ڳوڙها
وار نہ خالي منهنجا ڳوڙها
پر پُٺ توسان تيندا رهندا
روز احوالي منهنجا ڳوڙها
چرڪين چو تو، ڪهڙي ڪن تا؟
ڳالهہ نرالي منهنجا ڳوڙها
مُون ڪَان پوءِ بہ جيئرا رهندا
منهنجا والي منهنجا ڳوڙها
تنهنجي يادن جي بس ڪن تا
هي رکوالي منهنجا ڳوڙها
هر صدمي تي حاضر آهن
يار حلالي منهنجا ڳوڙها
'رضوي' آڻيندا جيون ۾
ڪا خوشحالي منهنجا ڳوڙها.

❋



## عاجز چُٽو

تنهنجي آهي زندگي مرڪي پئي
چنڊ چرڪيو، چانڊني مُرڪي پئي
چوٽ آئي درد جاڳيو روح ۾
سوچ جُلڪي شاعري مرڪي پئي
نيڻ مرڪيا سونهن سارو گل بدن
سانجهہ ويلي سانوري مرڪي پئي
چنڊ جهڙو تنهنجو مکڙو جو ٽڙيو
دل پڌر تي روشني مرڪي پئي
قرب ڪيڏو حوصلو عاجز ڏنو
روح ۾ جڻ تازگي مرڪي پئي

❋




**پچن لال، ڪراچي.**

منهنجي سکر جي پراڻي دوست مسٽر شيام ڪمار جي ملاقات ڪراچي ۾ سال 2012ع جي شروعات ۾ ٿي، هن سوجهري رسالي جو ذڪر ڪيو. جيئن ته مان رسالن پڙهڻ جو پراڻو پاڻي هيس ۽ ڪراچي جي ولر مان نڪرندڙ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ هلال پاڪستان، گل ڦل، نئين زندگي وغيره وٺي پڙهندو هوس. ڪراچي مان 1957 کان 1960ع تائين روزاني سنڌي اخبارون نواءِ سنڌ، نئين سنڌ ۽ مهراڻ جو پڻ مطالعو ڪندو هيس ۽ انهن جي هفته وار ٻارن جو صفحو شوق سان پڙهندو هيس پوءِ هوريان هوريان شاگردي جو وقت پورو ٿيو ۽ نوڪري جو زمانو آيو ۽ Oversees جي نوڪري ڪري گُڏو جا وڻ ڏناسين ته رسالا اخبارون پري ٿي ويون، شيام ڪمار اهو پراڻو شوق جاڳايو ۽ ان جي مدد سان اپريل 2012ع جو رسالو منهنجي هٿ ۾ آهي ۽ نوڪري کان به رٽائر آهيان. رسالو تمام پسند آيو. جهڙي هيس ٻيهڪ ٻاڍي اهڙو هيس ادب ۽ اخلاق، پراڻي ياد تازي ٿي پئي. هر مضمون نمبر ون، ڊاڪٽر عاشق حسين جو ”عافاڻو ذهن قلب“ تمام روحاني معلوماتي مضمون هو، شيام ڪمار جي ’پراميٿس جي واپسي‘ ۽ ’پاتم جهاتي جهان ۾‘ پڙهيم، سندس پاتم جهاتي جهان ۾ هن جي زندگيءَ جو تجربو ۽ گذريل واقعا، سچا ۽ صاف گو آهن، اميد ته اها ڪوشش ۽ محنت جاري رکندو، ٻيا مضمون، نظم ۽ غزل سٺي سوچ ۽ ڀرپور محنت آهي مان سڀني اديبن دوستن کي مبارڪباد ڏيندس ۽ رسالي جي باني مسٽر تاج بلوچ کي شاباس ڏيندس. جنهن گذريل 16 سالن کان ڪراچي ۾ سنڌي رسالو ڪڍي ڪوشش جاري رکي آهي. آئون به گڏو ڪشمور، گهوٽڪي، سکر، حيدرآباد ۾ نوڪري بعد 2008 ۾ ڪراچي 1960ع کان پوءِ هميشه لاءِ ڪراچي قيام ڪيو پر ڪٿي بوڪ اسٽالن تي سنڌي رسالو نظر نه آيو، اخبار ’ڪاوش‘ به هاڪر گهر ڏئي ويندو آهي، شڪر آهي ته رسالو هاڻي هر مهيني ملندو ۽ سڀني ليکڪن، شاعرن، اديبن جون لکڻيون، تخليقون پڙهبيون. (1958) شاگردي جي دور ۾ جناب ابراهيم جويو، محترم اياز قادري، جناب ساجد سرشاري، جناب علي احمد بروهي، جناب محمد جمن هالو، جناب تاج بلوچ صاحب جن سان ملاقات ٿي هئي، سنڌي رسالا ۽ اخبارون ڪراچي ۾ عام جام ملندا هيا پوءِ اسين پڙهڻ لئه آيل، هاسٽل ۾ رهندڙ سنڌي شاگرد، سنڌي رسالا ۽ اخبارون ڪراچي مان ائين سکر، حيدرآباد، نوابشاهه ۽ لاڙڪاڻي طرف موٽياسين جيئن زال ساهرن مان پيڪن ويندي آهي، شڪر آهي هي رسالو ڪراچي ۾ ڪمپيوٽر تي صاف سٿرو هر مهيني سنڌي ۾ گهر ويٺي ملي ٿو، آئون سڀني سنڌي ڀائرن کي صلاح ڏيندس ته پنهنجي هر گهر ۾ هي واحد رسالو گهرائن ته سڀ ڀاتي پڙهن ۽ چوٽيءَ جي ليکڪن، محققن، تجربي ڪارن جون تصنيفون، مضمون ۽ لکڻيون پڙهن ۽ مستفيض ٿين. سدائين گڏ.

**حفيظ باغي، پيروسڻ.**

سوجهرو جو معيار وڌايو يا پرچو بند ڪري ڇڏيو.

**سعيد سومرو، عاقل.**

ڏينهون ڏينهن سوجهرو جو معيار بلند رهيو آهي.

**مجيب مهراڻي، ڪنب.**

ڏهن سالن جي ڊگهي عرصي کانپوءِ اڄ وري سوجهرو پنهنجي هٿن ۾ آهي. آئون پوڙهو ٿي ويو آهيان. پر تاج بلوچ ۽ سوجهرو اڄ به جوان آهي.

*(منهنجي نوجواني سوجهرو جي نوجوان پڙهندڙن جي همٿ ۽ محبت جي ڪري ممڪن آهي- ت.ب)*

**انعام خان مراد، پيٽرس برگ (سائوٿ آفريڪا)**

ڏاڍا سائين، فيسبوڪ تي سوجهرو جا مختلف ٽائيٽل ۽ توهانجون تصويرون ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي.

**حنيف عاطر، جهڏو.**

پرچو اڳي کان خوبصورت ٿيندو پيو وڃي اوهان جي صحت، تندرستي لاءِ دُعاگو آهيان. الله سائين اوهان کي اڃان به حوصلو بخشي. آمين ■

**هدايت ڏيپر**

## خدا سان ٺڳي

خدا سان ٺڳي ڏس عبادت ڏندو آ
ٻلي پار جي ڀي سعادت ڏندو آ
(1)
سڄي سور ڌرتي سڄي قوم سڏڪا
اڪين ۾ حياتي گذارڻ جا الڪا
هنن کي آ پنهنجي مفادن جي ڳڻتي
گلابن جي ڳاٽن ۾ بارودي ڪڙڪا
هتان جي ڇنڊا پٽ سياست ڏندو آ
(2)
عياشيءَ ۾ اخلاقي حدون اورانگيل
وڏي تسبيح هٿ ۾ اڇي پوتي پاتل
سڄو ڏيهه ڏوهن جو مرڪز بڻايل
لڳل آهي منهن تي شرافت جو ليبل
مڪاري هي چهرا شرافت ڏندو آ
(3)
هنن جي ته ڪوڙي عزت خاڪ ٿيندي
امن ساري سنڌڙي جڏهن يار ٻٽبي
سڄاڻو وڏيرا ۽ سردار دشمن
وڙهائي ڇڏيائون سڄي قوم پنهنجي
قبيلائي ساري عداوت ڏندو آ
(4)
وڃائي ڇڏيائون قلم جي به حرمت
ٻه ٽي نوٽ عيوض سچائي جي عظمت
سچا چند ماڻهو هزارن ۾ هوندا
ڏني جن سچائي جي خاطر شهادت
گهٽن جو ادب ۽ صحافت ڏندو آ
(5)
ٿي مايوس ويا هن حياتيءَ جا جذبا
اکين ۾ ها جن کي مواتيءَ جا جذبا
ڏسي رهبرن جي انائن جا جهيڙا
روئن سنڌ ماتا جي ڇاتي جا جذبا
وڃي قوم ڪاڏي قيادت ڏندو آ
(6)
اهي لولا لنگڙا شجاعت کان خالي
مڪين وات ڀريل ٽري جا موالي
اهي ٽولي ٺوڳي سڄاڻي ڇڏيو سڀ
ڪتن جا مروئن جا وڏا شوق شالي
سيئي ڳالهيون ڪوڙيون ڪرامت ڏندو آ
(7)
مري ويا ڪپي ويا هتي ڪوڙ ساسي
وڃائي حياتيون عدالت جا آسي
گهمي ٿو هو آزار رهزن ۽ قاتل
بنا ڏوهه ماڻهو چڙهي ويا ڪي ڦاسي
هتي ٻر وڪالت عدالت ڏندو آ
(8)
اسان جي مٽي تي عنايت ڏندو آ
سولاشن تي ڪرسيون شهادت ڏندو آ
اکين ڳوڙها واڳون صداقت ڏندو آ
محبت ڏندو آ عداوت ڏندو آ
ٻڌايان ڇا ڪولي هدايت ڏندو آ